وقت وِيچار - ٢

موتي پرڪاش

Pra

FREE GIFT FROM NCPSL DELHI

سدا حيات گوورڌن پارتيءَ

جي نالي

جنهن ٿامي جا ٽُڪرا ٽوُڪاري

گيتن جا موتي ميڙيا.

م پ

وقت ۽ وِيچار - ٢

- موتي پرڪاش
- سال : 2011
- قيمت : هڪ سؤ رپيا
- ٽائيپ سيٽنگ : سنڌالاجي ڪامپيوٽر سينٽر، آديپور
- ڪوَر : ڪمل ڪشمي
- ڇپائيندڙ : جيون ڪلا پرڪاشن
  9، مليرِ، وارڊ A-4
  سنڌالاجي ملير روڊ، آديپور (ڪڇ) 370205
- ڇپيندڙ : سُڌا آفسيٽ پرنٽرس ۽ گرافڪس،
  25/34، پرنس مارڪيٽ، فرنيچر بازار،
  اُلهاس نگر 421003

اِنڊس اِنڊ فائونڊيشن جي مالي سهايتا سان ڇپايل

WAQT AIN VICHAAR-2

Moti Prakash

Year : 2011

Price : Rs. 100

Typesetting : Sindhology Computer Centre, Adipur

Cover : Kamal Kishmi

Publishers : Jivan Kala Prakashan
9, Maleer, Ward 4A,
Sindhology Maleer Road,
Adipur - 370205

Printers : Sudha Offset Printers & Graphics,
25/34, Prince Market, Furniture Bazar,
Ulhasnagar - 421003

Published with partial financial help from Indus Ind Foundation, New Delhi

تو جنين جي تاتِ
تِنِ پڻ آهي تنهنجي - ا

محمد خان مَجيدي، سنڌ جي لاڙ واري خطي جو هڪ سادو سودو شاعر آهي، جنهن جي ڪلام جو مجموعو تازو سنڌ ۾ ڇپيو آهي. هن جي ٻولي تہ سادِي آهي پر سندس جذبا بہ سادا پر سچائيءَ ڀريا آهن. هينئر سندس عمر ٽياسي سال آهي. جهوُر ٻڍو آهي، پر لکي پيو.

ڏسو تہ سنڌ مان لڏي ويل هندن کي، اڌ صدي گذري وڃڻ بعد بہ ڪيئن ٿو ياد ڪري :

'اوهان ساڏ ٻيلو ۽ ٻيلو ڇڏي ويا،
اوهان ئي مَلوُڪن جو ميلو ڇڏي ويا،
اوهان لاڙڪاڻو ۽ ريلو ڇڏي ويا،
اوهان خاص مندر جو چيلو ڇڏي ويا،
اوهان پنهنجي ساري ڇڏي ويا ڪتابت،
هتي ئي اوَهان جي ٿئي ها حفاظت.
دڪايل، صيا، پنجواڻِي ڪٽي ويا،
اُتم، سندرِي، موٽواڻي ڪٽي ويا،
هوُ ڪلياڻ، موتي، درياڻي ڪٽي ويا،
اوهان پنهنجي آتم ڪهاڻي ڪٽي ويا.
اَسان کان نہ ورتِي اوهان ڪا اِجازت،
هتي ئي اوَهان جي ٿئي ها حفاظت.'

سلسلو

١. تو جنين جي تات
تِنِ پِڻ آهي تنهنجي - ١ — ١

٢. تو جنين جي تات
تِنِ پِڻ آهي تنهنجي - ٢ — ١٥

٣. ڇا سنڌ ۾ سنڌين کي ياد نہ ڪريون؟ — ٢٨

٤. ڇا سنڌي مسلمان سڀ تعصبي آهن؟ — ٣٥

٥. ڦر ڪوئي ڦري ويو آهي؟ — ٤٠

٦. پيرَ کي ڪٽڻ مُريد — ٤٤

٧. اَسانجي تعليم ۾ ٽيوشن — ٥١

٨. خانگي اِسڪولن ۾ تعليم ۾ مائٽ — ٥٦

٩. سنڌي ٻولي تعليم جو ماڌيم — ٦١

١٠. ڪاڪي ڪوڏومل کي ڇائو پوڻو — ٦٩

١١. ويڪورام ڪئي نوڪري — ٧٤

١٢. ويڪورام ڪئي تخلص جي ڳولا — ٨١

١٣. شاعر ويڪورام مدمست جي
سنڌيت جي بس ۾ سواري — ٨٥

١٤. شاعر ويڪورام سنڌيت جي بس ۾
اَڳهامڄي ويو — ٩٠

١٥. ويڪورام کي سيمينارن جون نينڊون آيون — ٩٦

ڏيک ريک کان ڪوهين ڏور، ڪپڙي لٽي ۾ سادڙو، ڳالهه ٻولهه ۾ سٻاجهڙو، نمائٽو ۽ قربائتو. ٻيا جوان ۽ ٻار ته ڇڏ پر اڌ اگهاڙي پينو فقير سان به ڳالهائيندو ته ٻيئي هٿ ٻڌي! ڄڻ هٿ جوڙي معافي وٺي رهيو هجي. مون کي ياد نه آهي ته ڪنور، سواءِ ٻانهون ٻڌڻ جي ڪنهن سان به مخاطب ٿيو. معلوم ائين ٿيندو هو ڄڻ سندس ٻنهي ڪراين ۾ آزادي ۽ عاجزيءَ جون هٿ ڪڙيون پيل هونديون هيون.

جي عاجزي سندس عادت هئي ته راڳ سندس عبادت هئي. ننڍي لاڪر ڳائڻ سان دل جو لڳاءُ هيس جو وڏندي وڻ ويڙهي ٿي، سندس دل جي رڳ رڳ کي وڪوڙي ان ۾ سمائجي ويو. ڳائڻ ذات آهي جنهن کي ڏاتر ڏئي. پوءِ ڪي ان کي پيٽ پوڄا جو وسيلو بڻائن، ڪي ان پاڪيزه سوغات کي جسماني خواهش ۽ نمائش سان ڳاڏڙ ڪري پنهنجي ڪاڪ ڪاري ڪن. ڀائي ڪنور، ’آلاپ‘ کي سچي سائينءَ جي سوڪڙيءَ جاڻي ڪيس ڀڳوان جي ڀڳتي لاءِ ارپڻ ڪري ڇڏيو. ڀڳت ۾ آئي پنهنجي آلاپ جي ابتدا ’سائين جي ساراهه‘ سان ڪندو ۽ هميشه پوئين اسر کان شروع ٿي. پرهه ڦُٽيءَ تائين وڄندو ۽ نچندو رهندو هيو. سر آساوري ۽ پرڀاتي سندس دلپسند سر هوا. اسر ويل اٿي ’الک اورڻ‘ جي لئه ۽ سواد جو پتو انهن کي بخوبي هوندو جن ڀنيرڪي جو اٿي پنهنجو رام ريجهايو هوندو. مون جهڙن گڏهن کي کهڙي خبر خمار جي، جن پنهنجي عمر ۾ سج کي اڀرندي ئي به چار دفعا مس ڏٺو هوندو.

ڀائي ڪنور جي ڀڳت ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جهڙي هوندي هئي. توڙي جو ان لاءِ اوجاڳو ۽ اوسيئڙو ڪيڏو پوندو هو. ڇاڪاڻ ته هئو مئو ٽري، اڌ رات وهامي اسر ٿئي ته پوءِ ڪنور نکري نروار ٿيندو. جسم تي جامون جلويدار پهريل، مٿي تي پڳڙي ۽ ڳچي ڳل بوڇڻ جو ڳارو ۽ پيرن ۾ گهنگهرو. ڇيم ڇيم ڪندي ايندڙ ڏسبو ته اهو ئي ٻئي ٻانهن ٻڌل، ڪنڌ ۽ ڪياڙي نوڙت ۽ نيازيءَ ۾ جهڪيل، هر آئي وئي ۽ هر ويٺل ۽ بيٺل کي نمسڪار

.... ائين برابر آهي تہ اسان جڏهن پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي پاڻ کي سلامت نہ سمجهيو، تڏهن لڏي آياسين. هاڻي شڪايت ڪرڻ بہ وسري ويئي اٿئون، پر سنڌ جا ڊول اسانکي پنهنجي لکيتن ۾ اچا بہ ياد پيا ڪن.

ڪامريڊ مير محمد ٽالپر (منٺار سنڌي) موچارا 'منهن-ڪارا منهن' ۾ ڀڳت ڪنوررام جو ذڪر هيئن ٿو ڪري:

سنڌي جي سخي حاتم ٽائي ڀڳت ڪنوررام کي بہ انهيءَ ڪري قتل ڪرايو ويو ڇو تہ هو بہ گهڻن مسڪينن حاجت مندن جون حاجت روايون ڪندو هو .... جن ۾ گهڻائي مسلمانن جي هئي. ڪين اِهو بہ ڏپ هو تہ متان ڪي ماڻهو ڀڳت ڪنوررام جي اثر ۾ اَچي مسلم ليگ جي مخالفت نہ ڪن. پوءِ سکر ضلعي ۾ هڪ ڪو ڀاڙو پِير هو، تنهن تي اورنگزيب وارن اهو ڪم رکيو تہ ڪنوررام کي مارائي ڇڏ. ڀڳت ويچارو تہ شهادت پائي وڃي رب سان مليو. چون ٿا تہ انهي پير جو اولاد ڇئن سالن بعد پاڻ ۾ وڙهندو آهي ۽ ڪيترا مريو وڃن. اهي اٿو ڪنوررام جون ڪرامتون.

بزرگ اديب علي احمد بروهيءَ، ڀڳت ڪنوررام جي سادگيءَ، پاڪائيءَ ۽ سخاوت جون سرڪيون پريون آهن، جيڪي سندس تازي ڪتاب 'لاهوتي لڏي ويا' ۾ ڇپيل آهن. پڙهو:

مون نہ ڀيجل کي ڀڏو ۽ نہ راءِ ڏياچ ڏٺو. پر مون هڪ اهڙو لکن جو رانجهو ضرور ڏٺو ۽ ڀڏو جو سريلو بہ رس ڀريو هيو، سخي بہ اَهڙو جو ڏيئي نہ پڇاري. ڀڇاڙيءَ جو سِر ڏيئي ان عيوض ابدي حيات ماڻيائين. اَهڙو مائيءَ جو لال ۽ سنڌڙيءَ جو راءِ ڏياچ هو ڀائي ڪنور ڀڳت. ڀائي ڪنور، ميرپور ماٿيلي تعلقي جي هڪ واهڻ 'جروار' جو ڳوناٺو ۽ هڪ مسڪين ۽ فقير منش هٽ واڻيو هيو. سندس علمي لياقت تہ پنجن سنڌي درجن ۽ هنڪي اکرن جي سڃاڻ تائين محدود هئي پر اندر جو سوجهرو الاهي هيس. جنهن جو جرڪو سندس پيشانيءَ ۾ پيو بکندو هو.

ڏيندي هئي. ماڻهن جي پيهه جو سبب ڪنور جي آلاپ ڪانسواءِ سندس سخا به هئي. جو ڪجهه معاوضو ملندو هيس، اهو ٿڌي تي غريبن ۽ فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو ۽ کيس ڪافي ڪجهه پلئه پوندو هو ۽ هڙان ته ڏيندو هو پر جي حاجتمند ۽ محتاجن جي حاج پوري ٿيل نه ڏسندو هيو ته ڀڳت دوران پنهنجي جهولي جهليندو هو. پهرياڻ جو پاند هٿن ۾ ڦهلائي هوڪو ڏيندو ته، 'ڀائي ڏهه هزاري جهولي آهي جو جس ڪٽندو ته سچو سائين سندس پلو ڪندو.' مون ياد نه آهي ته ڪڏهن سندس جهولي خالي رهي. جهوليءَ واري رقم سفيد پوش محتاجن وچ ۾ ورهائي ويندي. ڪن کي نياڻيون اڻاڙيون هونديون هيون ۽ کين ڏاج ڏيوڻ جي پهچ نه هئي. ڪن مٿان وري قرض جا انبار چڙهيل هئا. ڪي وري ڦڏن ۾ ڦاٿل هئا جنهن جو حل سواءِ ناڻي جي نه هو. رقمون اهڙي مخفي ۽ ڳجهه ڳوهه ۾ تقسيم ٿينديون، جيئن لوڪ لکا نه پوي ته سوالي ڪير هو ۽ کيس ڇا مليو.

ڪنور جي سخا ڪنهن خاص مرد يا طبقي تائين محدود نه هئي. محتاجن ۾ اڪثريت مسلمانن جي هوندي هئي. هندن ۾ پنڻ جو شونق ۽ شغل البت گهٽ هوندو هيو. خيرات ۾ ڪنور ڪنهن جي منهن ڏي ڪڏهن نه ڏٺو. جو آيو سو اگهيو. کيس فقط هي احساس هوندو هيو ته ڪو ماڻهو تڪليف ۾ آهي ۽ سندس ڏک ۾ ڀائي ڀائيوار ٿيڻ سندس فرض اَدائي هئي.

جڏهن ڪنور جي شاديءَ جي تِت ٻڌي ويئي ته ٽن ڏينهن ڪانپوءِ هڪ شائق، ڪنور کي سندس ڪنوار لاءِ چار جوڙا ڪپڙن جا پرت پريل ۽ هڪ بوسڪيءَ جو ٿان ساڻ ڪري ڪس نذراني طور ڏيئي ويو. ڀائي ڪنور ڪپڙن جي ڳنڍ وني گهر ۾ رکي ڇڏي. ساڳي ڏينهن شام ٽائي هڪ مسڪين اَچي ڪڙو ڪڙڪايو. چي: 'ابا، سڀاڻي عيد آهي ۽ مون کي ٽن ٻچن جي آڪهه آهي ۽ هڪ جوان نياڻي جا اڻاڙي آهي. جن لاءِ نه اٽم

۽ پرنام ڪندي، ميڙ جي وچ ڏاري اَچي پنهنجي جاءِ تي ويهندو. جوڙيل هٿ ٺوڙي هڪ ڪن تي ۽ ٻيو هٿ ٻڌندڙ جي سڏ ۾ سڏو ڪندو چپ چوريندو ته پهرين هڪل اها هوندي ته شل ڪا ٻاجهه پوئي، پوءِ شروع ٿيندو ڪلام عارفاڻو يا فقيراڻو. ڪڏهن ڪبير يا فريد جو، ڪڏهن بيڪس ۽ بيدل پر عام طور ‘شاه پنائي’ ۽ ڪنڊڙيءَ جي فقيرن جو ڪلام ڳائيندي ڪنور جي ڪيفيت ڏسڻ وٽان هوندي هئي. آلاپ کي عروج ۽ اوج تي آڻي موج ۾ مست هاٿيءَ جيان پيو نچندو، جهومندو ۽ رڙندو. ‘مون کي تن ماروئڙن جي، تن سانگيئڙن، تن ڏوٿيئڙن جي، آءٌ ڪانگا، آءٌ ڪانگا، ڪر ڳالهه مون کي تن پانڌيئڙن جي .....’ ايو اوساريندي سندس نماڻن نيڻن مان نير جاري ٿيندو. اکين جو آب چلڪندو ريلا ڏئي پيو وهندو ۽ نچندو، وڏڦڙي جيان پيو ٽمڪندو. آلاپ جو اهو پتو نه پوندو ته ڳونج آهي يا ڳاج.’ ڪين وڻ، ڪين وڻ ... ڪين وڻ تنهنجا ماڙيون ۽ بنگلا .... مصرع تي اَچي سندس ڪنڌ ڏوڻ به لهر ۾ ايندي. ڪين وڻ .... ڪين وڻ .... سون ڪڙيون ڪنمال .... مون کي تن ماروئڙن جي ....’ پهريون پاڻ اڪيلو ٿي رنو ۽ رڙيو، پوءِ ته ‘ڪيئي وڏيرا روئيندي ڏٺم راڄ ۾.’ ڪنور جو ڪمال هو جو هر جيءَ ۾ جادو لائيندو هو ۽ محسوس ائين پيو ٿيندو ته ٻڌندڙ جو اندر مالڪ اڳيان پيو ٻاڪاري ته ڪيڏ بندياڻي هن بند مون، آءٌ ٻن ڏيان هن خاڪي ڪوٽ ۽ سندس سونهري ڪنگرن کي.

ورهاڱي کان اڳ ‘ڀڳت’ هندو سنڌي ثقافت جو اهم حصو ليکي ويندي هئي. هر ڳوٺ خواهه شهر ۾ عام ڏڻن. ورسين يا خوشيءَ جي موقعن تي ‘ڀڳت’ جو انتظام ڪيو ويندو هو. اڄ ڪلهه جي قوالن جيان ڀڳتن جون ڪيئي ٽوليون هونديون هيون. ڀڳتن ۾ شهري ۽ ڳوٺاڻا هر قسم جا ماڻهو شريڪ ٿيندا هئا ۽ ماڻهن جي ميڙ جو دارومدار ڀڳتن جي ساک تي هوندو هو. ڪنور جي ڀڳت هڪ عوامي ميلي جو ڏيک

سکر شهر ۾ سودي جي خريد لاءِ آيل هو. نوجوان واپس ڳوٺ ورندو ويو ۽ پنيور کي باهه لڳندي ويئي.

پير چونڊيءَ جي مريدن ۾ تاءُ اچڻ سڪ لازمي امر هو، پر سکر جي ڪليڪٽر مسٽر ڪوناوالا جي بروقت جوڳا قدم کڻڻ ڪري هندو مسلم فساد ٽري ويو. هندو پنچائت طرفان معافي ورتي ويئي ۽ اڻ وڻندڙ واقعو وقتي طور لئه مٽي ڪيو ويو. پر پير چونڊيءَ جي ڪن شيدائن ۾ شورش بدستور رهي ۽ انتقام وٺڻ جو بهترين طريقو هي رٿيو ويو ته جملي هندو جاتيءَ کي اهڙي ڀاري سزا ڏني وڃي جو عمر پير ياد رکن. ان فيصلي جو نزلو اچي ڪنور تي ڪريو ڇاڪاڻ ته هو سنڌ جي هندن جو مقبول عام مهاتما ۽ مهاپرش هو. هي هيو ڪنور جو قصور!

پنهنجي هڪ ٻئي مضمون ۾ ادي بروهيءَ، ورهاڱي بعد ڀارت ۾ اچڻ جو ۽ هڪ ست ڏارئي هندو مهاپرش ڀائي جندارام جو ذڪر ڪيو آهي ۽ جنهن جي معصوميت سادگيءَ، مُروت ۽ محبت جي ساراهه مان ڏاڍي ٿي نٿو:

ننڍپڻ ۾ ٻڌو هيم ته ماڻهن ۾ ماڻهو اهو جنهن جو دماغ مرداڻو، دم عورت واري ۽ فطرت ٻاراڻي هجي. اهڙي ماڻهوءَ جي ڳولا ڪندي ڄمار گذري وئي پر مڙئي ڳڻن وارو ڀاڳوند مون کي ڪٿي به نظر نه آيو. ماڻهوءَ دنيا ۾ گهڻائي تڪريا جن ۾ مردانگي ۽ مرداڻو حوصلو به هو ۽ وٽن بقول ڀٽائي گهوٽ جي، 'منڊ ٻوڙيو مهراڻ' جهڙي اٿاهه ڇاتي به هئي، پر ٻار جهڙي معصوم ۽ چنچل طبع مون کي ڪنهن ۾ به ڏسڻ ۾ نه آئي. شايد وڏي ٿيڻ يا تجربي پرائڻ سان ماڻهوءَ ۾ معصوميت وارو عنصر ختم ٿيندو ٿي رهيو! وري جڏهن اهڙي مائيءَ جي لال سان ميل ملاقات ٿي ته اها به اوچتو ۽ اهڙي غلط ماڳ مڪان تي، جڏهن آءٌ پرديس ۾ پريشان حال ۽ ٿڪو ماندو هئڻ ڪري پنهنجي آپي ۾ ئي خير ڪي هيس. در اصل آءٌ وڏي خواري ۽ رولڙي بعد بمبئيءَ کان جئپور

لتو نہ ڪيرُو. آءٌ بيواهي رن زال ڪٿي در در وڃي هٿ ٽنگيان؟' پائي
ڪنور اندر وڃي ڳنڍ ڪڍي اچي ٻيڙي مائيءَ جي حوالي ڪئي. چي:
'امڙ، وٽ پنهنجي امانت . صبح ڪان ويني سانديم. شڪر ٿيو مال
اصلي مالڪن کي مليو.' پائي ڪنور پلجي بہ ڪڏهن پاڻ تي سخاوت
جو الزام مڙهجڻ نہ ڏنو. هميشه چوندو هو تہ پائي مون وٽ آهي ڇا جو
ڪنهن کي ڏيان. ڏيڻ وارو ٿو ڏئي ۽ وچ ۾ آءٌ اچي خواه مخواه ڦاٿو
آهيان. چني لکندڙ هڪڙو چني وٺندڙ ٻيو پر سرنامو هميشه هوندو
'معرفت منهنجي ۽ ڦري ملي فلاڻي کي' ڏيئي نہ پڇاڻ جي ذات جا
ڪنور کي حاصل هئي ان لاءِ ڪيئي رئندا ڏٺم. جمشيد مهتا جي سوانح
حيات پڙهندي جڏهن سندس هيءَ دعا پڙهيم تہ: اي جڳ جا ڌڻي
مون کي ويساري جي ايتري سگهه عطا ڪر جو جڏهن بہ تنهنجي نالي
تي ڪجهه ڏيان تہ اهڙو عمل پلجي وڃان ۽ اهو ڪڏهن ياد نہ رهيم تہ
مون ڪجهه الله ڪارڻ ڏنو.' تہ مون کي ڪنور ياد اچي ويو. ڪيترو نہ
خوش نصيب اِنسان هئو جو ڪيس اهڙي دعا جي لوڙ ئي نہ هئي.

جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو پائي ڪنور جي وسيلي آلاپ جو پرلاءُ
سندس سنت ۽ سخي هئڻ جي ساک چوڏس چوڌار هڪ ڪستوريءَ جي
خوشبوءِ جيان ڦهلندي رهي. پري پري جا ماڻهو سفر جا جاکوڙ ڪيدي
وٽس اچڻ لڳا. پوءِ ڪي سندس راڳ ٻڌڻ، ڪي آسيس ۽ آشيرواد وٺڻ ۽
ڪي فقط درشن پسڻ لاءِ.

جولاءِ ١٩٢٩ع جي هڪ ڏينهن سکر جي اناج بازار ۾ هڪ مسلم
نوجوان جو ڪنهن هندو دوڪاندار سان 'تون ڇا تون ڇا' ڪندي تڪرار
ٿي پيو. انهيءَ دور ۾ بدقسمتيءَ سان هندو مسلم ڇڪتاڻ چوٽ تي
ڦهلائڻ جا ڪوڏيا هئا. مسلمان نوجوان کي اڪيلو ۽ بي هٿيار ڏسي چند
بي خير هندو دوڪاندارن نہ فقط سندس بي عزتي ڪئي، پر ڪيس
مارڪٽ پڻ ڪئي. اهو نوجوان پير پر چونديءَ شريف جو نينگر هو، جو

مون دل ئي دل اندر ڪيس آسيس ڏني، جڏهن چيائين تہ ’سياڻي اجمير ڳڌجي هلنداسون. ڇاڪاڻ تہ مونکي بہ اتي ضروري وڃڻو آهي ۽ هونئن بہ هڪ بجاءِ ٻہ هئڻ ڪري سفر سٺائو گذرندو.‘ مون کي ڳالهائڻ واري جو آلاپ نهايت سريلو ۽ مٺڙو ٿي لڳو. هر جملي پنيان سندس ٻاراڻو ٽهڪڙو بہ ٻڌڻ ۾ ٿي آيو جو اهڙو وڻندڙ هو جو ٿڪاوٽ هوندي بہ منهنجي ٽيليفون رکڻ تي دل نہ ٿي آئڙي. ساڳئي وقت هڪ اڻ واقف ماڻهوءَ سان لڳ ڏني ۽ بي حجاب حجت هلڻ بہ مناسب نہ هو. بهرحال ڪيس بي وقتائتي تڪليف ڏيڻ جي معافي وٺندي مون ٽيليفون رکي ڇڏي توڙي جو دل ڪانہ ٿي ڍاپي.

مون ڪپڙا بدلائي اڃا ڪٽ تي ليٽڻ جي مس ڪئي تہ دروازي ٻاهران ڪنهن جي دستڪ ڏيڻ جي آهٽ ٻڌڻ ۾ آئي. شايد بيرو چانهہ کڻي آيو هو. دروازو کولڻ تي هڪ سوٽيل بوٽيل نوجوان کي ڏٺم، جنهن نهايت نماڻائيءَ سان پڇا ڪئي تہ فلاڻا اوهين آهيو؟ منهنجي ڪنڌ ڌوڻڻ تي هڪدم پيرين پئي مليو. چيائين تہ: ’نالو دولت اٿم ۽ ٻائي جنڌي رام جو پٽ ٿيان. دادا ٻاڻ بہ اوهان سان ملڻ لاءِ آيل آهن ۽ هيٺ اوهان جي انتظار ۾ آهن.‘ ’اڙي سائين منهنجا! اوهين تہ ڏاڍا زورآور آهيو. دادا جن هن اوپلي ويل هتي اچڻ جي تڪليف ڇا لاءِ ڪئي؟‘ دولت وراڻيو تہ: ’سائين مون تہ داداجن کي ڏاڍيون وينتيون ڪيون پر چيائين تہ اسان جو مهمان سنڌ ديس کان هزارين ميل لتاڙي اسانجي اڱڻ اچي پهچي ۽ اسين رڳو چار وکون پري سندس آدرڀاءُ بہ نہ ڪريون تہ پوءِ اسان تي حيف آهي. ڏاڪڻ لهي هيٺ آياسون. ڏٺم تہ سڄڻ سامهون هو، پر واهہ جو مهانڊو هوس! اهڙو تہ سڪ سان ڀاڪر پاتائين جو حالي تہ منهنجا ٿڪ سور ئي لحظي ۾ لهي ويا. مٺيا وارو مکڙو، وڻندڙ ۽ مرڪندڙ چهرو. سنيکو ڪن سالن جو ڪرڙوڊ هوندي بہ اڃي متي وارو چوڪرات ٿي ڏٺو. گهرو ڌوتل اڇا سادڙا ڪپڙا، سندس ڪنڌ وٽان چولو اڏريل ڏسي مون کي

پهتو هيس جتي اچڻ لاءِ نه ويزا مليل هئي ۽ نه وري مڪاني اختياريءَ وارن کان اهڙي اجازت ورتي هيم. در اصل منهنجو مقصد هو اجمير وڃي خواجه جي چانئٺ چمڻ ۽ ان ڪارڻ ته آءٌ پارٽ آيل هيس. پوءِ ڪنهن چٽي مڙس صلاح ڏني ته ماڻ ميٽ ۾ جهاز جي اوٽ موٽ ٽڪيٽ وٺي جئپور هليو وڃ جتان اجمير لاريءَ وسيلي ڪلاڪ ٻن جو پنڌ هيو ۽ زيارت ڪري شام تائين جئپور کان اچي جهاز ۾ چڙهي بمبئي پهچ. ائين ئي ڪرڻو پيو جهاز احمد آباد ۽ جوڌپور کان ٿيندو رات تائين اچي جئپور پهتو. شهر اجان به اڌ کان ١٠ ميل ڏور هئڻ ڪري رڪشائن ۾ ڏڪا ٿاٻا کائيندي اچي هوٽل چندرگپت ۾ ٽپڙ رکيم. ڪنهن کي اطلاع ڏيڻ جي ويل ته ڪانه هئي پر تڏهن به جندي رام کي ٽيليفون ڪرڻ ضروري جاتم. جندي رام سان منهنجي اڳ ڪا جاڻ سڃاڻ يا شناسائي ڪانه هئي. سندس ائڊريس بمبئيءَ جي هڪ دوست پائي ڏيارام لکرائي هئي ته مبادا جئپور ۾ ڪنهن جاڻو سڃاڻوءَ جي لوڙ پئجي وڃي يا پوليس جي پڪڙ پڇاڙ وقت ڪنهن ضمانت جي ضرورت پوي. پيغام فقط هي پهچائڻو هو ته درگاهه جي حاضري پري موٽ تي اچي ساڻس ملاقات ڪندس ۽ جنهن ڪانپوءِ شام واري جهاز ۾ وري موٽي بمبئيءَ وڃڻو هو.

ٽيليفون تي هڪ ڇوڪريءَ ٻڌايو ته دادا جن سنل هئا ۽ سڀاڻي ٽين تي سپاٽي کين سنيهو پهچايو ويندو. جهٽ نه گذري ته وري ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. هن پيري دادا پاڻ ڳالهائي رهيو هو. شايد ڪيس نياپو پڄايو ويو هو. ڏاڍي آءٌ ڀڳت ڪيائين ۽ گهر اچي ٽڪڻ لاءِ دعوت ڏنائين. مون سندس ٿورا مڃيندي ڄاڻايو ته هاڻ خاصي اوير ٿي چڪي هئي ۽ آءٌ هوٽل جو بل به اڳواٽ پري، سمهڻ جي سانباهن ۾ هيس جيئن ته سوير صبح جو اجمير وڃڻو هو باقي موٽ تي ساڻس ڪچهري ڪبي.

نصروانجي ۽ ٻيائي اوڏئداس. پنهنجي ذاتي پونجي سيڙائي اِسپتال اڏايائين، ۽ روزانو صبح جو سويل شاهي باغ کان ميون جي بيل گاڏي ڀرائي اچي هو بيمارن کي پنهنجي هٿن سان کارائيندو هو. جڏهن اسپتال جڙي راس ٿي ۽ سندس نالو بلڊنگ مٿان لکيو ويو ته پنهنجو نالو ڏسي ڊهرائي ڇڏيائين. هن بهاني ته مناسب جڳهه نه آهي. آخر پنهنجو نالو لکارايائين ان جاءِ تي جا ماڻهن جي پيرن ۽ جتين جي لتڙ ۾ ايندڙ هئي. ابو بن ادهم کان پوءِ اوڏئداس ٻيو شخص هو جنهن پنهنجو نالو هيٺ قدمن ۾ ڏريو ۽ قدرت کيس سر فهرست آڻي سرفراز ڪيو. اور هم ۽ اوڏم ماڻهو ته الڳ هئا. پر نالو ته ساڳيو پيو ڏسجي. شايد ڪو اتفاق هجي.

پنهنجي هڪ ٻئي مضمون ۾ بروهي صاحب، سنڌ جي وڏي دانشور ۽ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر علامه آءِ آءِ قاضيءَ جو سنڌ جي هندن بابت رايو ڏنو آهي:

علاما آءِ آءِ قاضي مرحوم چوندو هيو ته 'سنڌي هندن سنڌ جي رت مان ٻه سؤ سال پاڻ تي تعليم لاءِ خرچ ڪيا. جڏهن هي ماڻهو سنڌ ڇڏي ويندا، ته پوءِ علم به پاڻ سان کڻي ويندا ۽ اسين پوءِ سنڌ ۾ 'نڪورا جٽ' رهجي ويندا سين. ابا پاڪستان اکين تي، ۽ اسين هتي وارا دربدر ٿي وينداسين. اسين اڃان پيا رنگ رت ۽ قوميت جو ڍنڍورو پٽيون، جڏهن ته اسانجي هادي ۽ رهبر اعظم ٻڌايو هيو ته اسين سڀ هڪ آدم ۽ امڙ جي اولاد ۽ سچا سيد ته اهي انسان آهن، جي سندس نصيحت تي عمل ڪن ٿا، باقي جي رت جي رشتيداريءَ سبب جي 'سادات' ٿا سڏائين ته ان حالت ۾ 'ابوجهل ۽ ابولهب' ته اڃا به وڌيڪ سچا سيد هئا! گهٽ ۾ گهٽ سنڌ وارن سيدن کان وڌيڪ سهگداسي سيد هئا.

ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي ساڳئي ئي ڪتاب ۾ جن سنڌي هندن جي گڻن ۽ خصلتن تي لکيو آهي، تن ۾ جيئني سپاهيملاڻي،

پتائيءَ وارا ڏس پتا دل تي تري آيا ته، ’کلهي ڦاٽو ڪنجرو ۽ مٿو اگهاڙو.‘ مون کي مشڪندڙ ۽ مرڪندڙ مکڙي سان ملي ايتري ته بهاري آئي جا شايد ڪنهن ورهين جي وڇڙيل ساٿيءَ کي ڏني ٿئي. مون کي ته سندس ڪلڻ مزو ٿي ڏنو. ٿهڪڙا به اهڙا سريلا جو دل پيئي ٽانگهي ته شال کلندو رهي. آخر لڄ لاهي آءٌ به ساڻس ڪلڻ ۾ شامل ٿي ويس. پوءِ ته هوٽل ۾ ويٺل ماڻهو اسان ٻنهي کي ائين گهوري ۽ چتائي ڏسي رهيا ها ڄڻ ته اسانجي ڪل ٽڙيل هئي ۽ ٿوري دير ۾ اسين لٽا لاهي نچڻ وارا هئاسون. زندگيءَ ۾ هي شايد پهريون يا پيو ڀيرو هو جو اهڙي زنده دل شخصيت سان ملاقات ٿي هئي جنهنجي ڏسڻ شرط دل ۽ دماغ ڀرپور شاهدي ٿي ڏني تي هي مٺيا وارو ماڻهو هو ۽ ڌرتيءَ جي انهن پيارن ماڻهن ۾ جن مٿان مالڪ جي مهر جي مينهن هر ويلي وسي رهيو هجي.

ٻروهي، شڪارپور جي هڪ سنڌي هندوءَ جو چٽ هيئن ٿو چٽي :

شڪارپور ڪيترين هستين کي جنم ڏنو آهي جي روشن دماغ عالم اديب شاعر حڪيم ۽ دانشور هئا. تاريخ شاهد آهي ته شڪارپور سنڌ جو اڪيلو شهر آهي جنهن ڪڏهن پلجي به اهڙي شخص کي جنم ئي نه ڏنو آهي جنهن تي ماڻهن کي ايذاءُ ڏيڻ جو الزام ڌريو وڃي. توڙي جو اهڙا شڪارپوري به ڪيئي ٿي گذريا جي پاور ۽ پوزيشن ۾ رهيا. اسان جي سانيڙ ۾ پڻ ڪيئي نامور ۽ نامڪنيا مهانبدا هئا. سر غلام حسين، هدايت الله جو مرڻ گهڙيءَ تائين سنڌ جو گورنر رهيو. سهڻو ڪلٽو ۽ هر دلعزيز، خانبهادر الله بخش سومرو جو پاڻ شهادت جو شڪار ٿيو پر ڪنهن بني بشر جي ايذاءُ جو باعث نه بڻيو. توڙي جو سنڌ جو وزير اعليٰ ٿي رهيو ۽ آل اِنڊيا سطح جو عوامي ليڊر هو.

شخصيتن جو ذڪر ايندي ئي سرگواسي راءِ بهادر اوڌڏاس جو تصور اچيو اکين آڏو بيهي. درويش صفت، سخي ۽ اِنسان دوست. مون پنهنجي عمر ۾ سنڌي حاتم تائي فقط تي داتا ڏٺا. ڀڳت ڪنور، جمشيد

مسالا ٽيو ٿي ويا، تڏهن هن جي لاش سان اهي جڏا ڪتا، ڦٽيل جانور، گڏهه، ڳئون اسپتال جا مريض به بسترا ڇڏي اچي جنازي سان گڏيا هئا.

مشهور اديب جمال ابڙي، پنهنجيءَ آتم ڪٿا 'ڏسي ڏوه ڪين' سين ۾ هندن جي شيوا ڀاوَ، نياز نئڙت ۽ خيرات جي ڳڻن کي ڏاڍو ساراهيو آهي.

نفرتن ۽ تعصب کي ڇڏي، جنهن ۾ ٻئي ڌريون ورتل هيون، اهو مڃبو ته هندو ماڻهو سنڌ جي سونهن هئا. ڇا صفائي سٿرائي ڇا سونهن ۽ فيشن، ڇا محل ماڙيون، ڇا کاڌو پيتو ۽ مهمان نوازي، ڇا نياز نوڙت ۽ تهذيب، ڇا خير خيرات ۽ علم ۽ اسپتالن جي خدمت، هر ڳالهه ۾ پارس هئا. ميون جا ٽوڪرا پرائي اسپتالن ۽ جيلن ۾ ويندا هئا ۽ وڃي مريضن ۽ قيدين ۾ ورهائيندا هئا. اسڪول، اسپتالون ۽ لئبرريون هلائيندا هئا. ڪيترا مثال ڏيئي ڪيترا ڏجن. شڪارپور جو جماڻي هال اڄ به شان شوڪت سان کڙو آهي ان جي پرسان ائني بيسنت لئبرري آهي. نيين پور سان لڳ شڪارپور جو شاهي باغ ۽ بيگاري واهه جي ڪپ تي ننڍڙا بنگلا، سنڌي ثقافت جو شاندار مثال آهن. شڪارپور جي سول اسپتال اصل ۾ راءِ بهادر اوڌوداس تاراچند خانگي خيراتي اسپتال هئي. حيدرآباد جو هوم اسٽيڊ هال ۽ بيسنت لاج ۽ ڪراچي ۾ ڊينسو هال ۽ لئبرري شاندار يادگار آهن. راءِ بهادر اوڌوداس پنهنجو نالو گيٽ جي فرش تي لکائي ڇڏيو هو ته پلي ماڻهن جي پيرن هيٺ هجان، مٿي نه. اهڙا هئا ڌرماتما.'

مٿي فقط، ڪن مسلمان سڄاڻ شخصتن ۽ اديبن جي ڪتابن مان ڏنل ٿورا ٽڪرا ان ڪري ڏنا ويا آهن، جئن پارت ۾ رهندڙ سنڌي هندن جي دلين ۾، مسلمانن جي باري ۾ جيڪي غلطفهميون آهن سي ڪي قدر دور ٿين.

اڄ، جڏهن وڏن وڏن سياسي مٽيدن کي پاسيرو رکي، دنيا جا ملڪ

ڊاڪٽر امرناٿ سوڙي، ڊاڪٽر ٽلوملڏيرواڻي، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي به اَچي وڃن ٿا.

ميرپور خاص جي هڪ هندو دلال، دوارڪي مل جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

’پاڪستان قائم ٿيڻ کان اڳ ميرپور خاص شهر ۾ دوارڪومل نالي هڪ هندو رهندو هو. سندس ڌنڌو جاين جي دلالي هو. منهنجي سنڌي ان کي تمام ويجهو ڏٺو هو. دوارڪي مل جي روزاني واري هلچل هئي. دوارڪومل شادي شده ڪونه، ستي جتي لال هو. سندس اوطاق هٽي وٽس بورچي هو، ماني پچائڻ لاءِ. شهر ۾ هڪ ڳڌهه گاڏي جو ڳڌهه پلو هوندو هو. مڪراني صبح جو سويل اها ڳڌهه گاڏي سينگاري اَچي دوارڪيمل جي دروازي تي بيهاريندو هو. دوارڪومل پنهنجي ڌنڌي مان سٺو ڪمائيندو هو. پر وٽس رات جو سمهڻ مهل ڪجهه به ڪونه هوندو پنهنجا پاڪيٽ ڦولهي ڏسندو هو، ته متان ڪو ٽڪو پيسو رهجي ته ڪونه ويو آهي. پنهنجي ڪاروبار کان ڪجهه ٽائيم پوءِ پيٽ جو شغل ڪندو هو. گهڻو ڪري روزانه گوشت جي آهوڙ جا ٽي ديڳڙا ڪنهن ڀاڄي يا دال جا به ايترا ديڳڙا. اُن مان اٽي جون پڪل مانيون ڪٽي ڳڌهه گاڏي ۾ري شهر ۾ ڦيري پوندو هو. رستن تي جڏا منڊا انهن سڀني کي کارائي ديڳڙا خالي ڪري گهر ايندو هو. سني فروٽ جي ڳڌهه گاڏي ڀري اِسپتال جي مريضن کي کارائي ايندو هو. چون ٿا ته ڪنهن ڏينهن هڪ ڊاڪٽر چيس ته دوارڪامل، هڪڙي ڪيلي جي ڦري ڏي دوارڪيمل پنهنجي ڪيلي جي ڦريءَ ڏي اِشارو ڪيو ۽ ڊاڪٽر کي چيائين هي حاضر آهي کاءُ. ايتري قدر سخي هو جو هن وٽ ڪتن جا ڌڻ به مانيون کائيندا هئا شهر ۾ جيڪي رول ڳئون يا اُڏ مئل، ڦٽيل ڳڌهه پيا هلن انهن کي به گاهه برسيم وغيره مٽن جا مڻ وٺي کارائيندو هو. منهنجار سنڌي ٻڌو هو ته جڏهن دوارڪومل فوت ٿي ويو ۽ ڪيس سازڻ لاءِ

تو جنين جي تاتِ
تِنِ پڻ آهي تنهنجي - ٢

١٩٦٠ ڌاري شيخ اَياز لکيو هو :

’جاڳ پتائي گهوٽ، سنڌڙي تِي توکي ياد سڏي،
مرن پيئون ماروئڙن، قابوُ آهن ڪوٽ،
اَڄ، تہ تنهنجيءَ اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيون.‘

۽

’ڏيهي پرڏيهي ٿيا، پرڏيهي، ڏيهي،
آيا گهر ۾ اوپرا، نڪري ويا نيهي،
پراوا پيهي، واللري ويا سنڌڙي.‘

اِهو آواز هو سنڌ جي هڪ سُڄاڻ شاعر جو، جنهن محسوس ڪيو تہ ملڪ جو ورهاڱو هڪ وڏِي سياسي ڀُل هُئي، جنهن سبب ڏيهين کي ڏيهہ ڇڏڻو پيو ۽ ڌارين اَچي سنڌ تي قبضو ڪيو.

١٩٦٣ ۾ شيخ اَياز راجا ڏاهر جي نياڻين جو هيئن ذڪر ڪيو، جن کي، سنڌ تي قابض ٿيڻ بعد محمد بن قاسم بانديِ بڻائي، خليفي جي دربار ۾ سوکڙيءَ طور موڪليو هو :

هڪ ٻئي جي ويجهو اَچي رهيا آهن، تڏهن، وير ونجوڳ، مذهبي تنگدليءَ ۽ غلطفهمين کي دور ڪري، پيار، پائيچاري ۽ ميل ميلاپ جون پاونائون ذارڻ ۽ ڦهلائڻ، اسان سنڌين هندن ۽ مسلمانن جو اُصول ٿيڻ کپي.

نفرت، نفرت کي پيدا ڪندي آهي ۽ محبت، محبت کي جنم ڏيندي آهي.

حوالا: ۱. **مِٽي منهنجي مِٽي آهي** - شاعر محمد خان مجيدي (اَرشاد ساگر پبليڪيشن، سُجاول - سنڌ)

۲. **موچارا مُنهن، ڪارا مُنهن** - ڪامريڊ مير محمد ٽالپر.

۳. **لاهوتي لڏي ويا** - ليکڪ - علي احمد بروهي (سنڌي ادبي اڪيڊمي، ڪراچي)

۴. **'ڏسي ڏوهه اکين سين'** ليکڪ - جمال اَبڙو (نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، سنڌ)

حيثيت برقرار رکي وڃي ۽ اُن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. اِئين نہ آهي تہ ون يونٽ ختم ڪرڻ لاءِ سيئي سنڌي يڪمشت هئا. منجهن ڪي اَهڙا بہ هئا، جن سياسي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪار کي ساٿ ڏنو پر آخر ڪين ڦڪا ڪانا چوسڻا پيا.

۱۹۶۵ع جي هند پاڪ لڙائيءَ ۾ جڏهن ڀارت ۽ پاڪستان جون فوجون آمهون سامهون هيون، تڏهن سدا حيات شيخ اياز سنڌي هندن سان پنهنجي محبت جو بيان ڪرڻ لاءِ سدا حيات نارايڻ شيام کي مخاطب ٿي لکيو:

’هي سنگرام،
سامهون آ
نارايڻ شيام!
هنجا، منهنجا
ڦول بہ ساڳيا،
ٻول بہ ساڳيا،
هوُ ڪوتا جو ڪاڪ ڏٺي، پر
منهنجا رنگ رتول بہ ساڳيا.
هانءُ بہ ساڳيو،
هولَ بہ ساڳيا.
هن تي ڪيئن بندوق کڻان مان
هُن کي گولي ڪيئن هڻان مان؟ ڪيئن هڻان مان .....

حڪمرانن، شيخ اَياز تي تهمت ڏري تہ هُن پاڪستان جي خلاف ڀارت جي پنيرائي ڪئي آهي ۽ هوُ وطن دشمن آهي. ڪيس گرفتار ڪيو ويو، سکر جي شهر ۾ ڇيلهہ ۾ رسا وجهي ڪيس پوليس ٿاڻي ڏانهن نِيو وِيو ۽ ماڻهن کي چيو ويو تہ ڪيس پٿر ۽ ٺُڪون هڻن! مٿس سالن جا سال ڪيس هليو جتان هوُ آخر ڇُٽو.

راجا ڏاهر!

تنهنجون نياڻيون .....

سهڻيون سياڻيون،
ڪنهن هيئن آنديون، مانديون بانديون!
چيلهہ ۾ رسا، ڇڪبا چوتا
اڳتان گهوڙا.
پٺتان پياريون، راج-ڪماريون
ننگيون ساريون!
ها، پر آهي پوءِ اُنهن جي
منهن تي نفرت
عظمت، جُرائت!¹

سنڌين محسوس ڪيو تہ سنڌن سورما راجا ڏاهر، دودو، هوش محمد شيدي هئا، جن سنڌ جي بچاءُ لاءِ جُڌ ڪئي ۽ محمد بن قاسم حملور هو، جنهن سنڌ ۽ سنڌين کي غلام بڻايو. هنن ڪُلئي عام هيمو ڪالاڻيءَ کي ساراهيو، جنهن ملڪ جي آزاديءَ لاءِ پنهنجي جان ڏيئي سنڌ جو شان اوچو ڪيو. سنڌ جي بقا ۽ آسودگيءَ لاءِ هنن سنڌ کي هڪ آزاد ۽ خود مختيار ملڪ بڻائڻ لاءِ جدو جهد شروع ڪئي ۽ سنڌين کي سمجهايو تہ اسين سڀ سنڌي آهيون، پوءِ چاهي ڪٿي بہ رهندا هجون ۽ اسين هڪ قوم جي حيثيت رکون ٿا، جنهن جو ملڪ سنڌ آهي ۽ جنهن جي ٻولي سنڌي آهي ۽ جنهن جو ڪلچر سنڌي آهي.

هنن نثر چاهي نظم ۾ پنهنجي خيالن کي سنڌي جنتا سان ونڊيو ۽ منجهن سجاڳي آڻڻ جو جتن ڪيو.

اِنهيءَ ئي جذبي سان هنن اولهہ پاڪستان ۾ سنڌ ۽ ڪراچيءَ جي الڳ حيثيت مِٽائڻ لاءِ ون يونٽ بڻائڻ جي رٿ جي خلاف زوردار هلچل هلائي ۽ پاڪستان سرڪار کي مجبور ڪيو تہ سنڌ ۽ ڪراچيءَ جي الڳ

ٺهلرام آزاد، هيمو ڪالاڻي ۽ ٻين سنڌي ناميارين هستين جي زندگيءَ ۽ ڪارنامن جي ڄاڻ پوي.

... حيدرآباد سنڌ جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ جن سنڌي عالمن، اديبن ۽ فنڪارن جو مواد ۽ فوٽا گڏ ڪيا ويا آهن، تن ۾ سنڌي هندن کي به ڪونه وساريو ويو آهي.

... ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڀيرومل مهرچند، لالچند اَمرڏني مل، ڄيٺمل پرسرام، پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، پروفيسر رام پنجواڻيءَ، مرليڌر جيٽلي، موتيلال جوتواڻي، هرومل سدارنگاڻي، پرسي گدواڻي، ستيش روهڙا، نارايڻ ڀارتي، اَرجن شاد، مالهي، ڪيرت، اُتم، ڌشو ڪيولراماڻيءَ جا نالا، سنڌ ۾ عزت سان ورتا ويندا آهن.

... سنڌين جي ناليرين شخصيتن، جهڙوڪ هيمون ڪالاڻي، ڀڳت ڪنورام جي زندگيءَ تي ناٽڪ پيش ڪيا ويندا آهن.

... سنڌ جي شهرن، سنڌين جي کاڌ خوراڪ، ڏڻن، نوڪرين ٻول چال جو بيان ڪندي، بزرگ اديب، سنڌي هندن جي رهڻي ڪهڻيءَ، پوشاڪ پهراءَ، درياه دليءَ، پيار ۽ پنهنجائپ جو بيان کُليءَ دل سان ڪندا آهن.

ڪِنِ بزرگ سنڌي ليکڪن جي ڪتابن مان ٿورا ٽُڪرا هيٺ ڏجن ٿا، جن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هُنن اسان کي وساريو ڪونهي.

... سکر جا هندو، سنڌ جي ٻين ڀاڱن ۾ رهندڙن جي ڀيٽ ۾ البت وڌيڪ ڪٽر هوندا هئا ۽ خاص ڪري منزل گاهه جي فسادن بعد منجهن هندوُ ٿُوَ جون ڀاونائون وڌيڪ زوردار ٿيون. سنڌ جي مشهور تاريخدان مرحوم پير حُسام الدين راشديءَ پنهنجي لاثاني تصنيف 'هوُ ڏوڻي، هوُ ڏينهن' ۾ اِجهو هيئن ٿو لکي:

سکر انهيءَ زماني ۾ هندن جو وڏو ڳڙهه هوندو هو. هر سياسي خواه مذهبي تحريڪ ۾ اتان جا هندو سڀن کان اڳرو حصو وٺندا هئا. سکر

ساڳين ڏينهن ۾ سنڌي اديبن ۽ شاعرن کي ڪال ڪوٺڙين ۾ وڌو ويو. سدا حيات تنوير عباسي بہ اُنهن ۾ هو.

هُنن اِهي عقوبتون ان ڪري سَنيون، ڇو جو هنن سنڌ ۽ سنڌين کي پيار ڪيو. سنڌ جي سنڌين ۾ ڀارت جي سنڌين لاءِ پيارگهڻيو ڪونهي. اُهو وڌندو ئي رهيو آهي. هيٺ فقط ٿورا مثال ڏجن ٿا :

... ڀارت جي سنڌي ليکڪن جا ڪتاب سنڌ ۾ ڇپجندا رهيا آهي ڪي ڪتاب تہ ہن ہن تِن تِن ڇاپن ۾ بہ آيا آهن. سندري اُتمچنداڻي، اُتم، رام اَمرلال پنجواڻي، گوبند مالهي، موهن ڪلپنا، نارايڻ شيام، ڪرشن کٽواڻي، ڪلا پرڪاش، موتي پرڪاش، ايشور چندر، ڀارو چاولا، لوڪرام ڏوڏيجا ۽ ٻيا ڪيترائي ساهتڪار اُن ياداشت ۾ آهن.

(ڀارت ۾ سنڌ جي سنڌي اديبن جا ڪتاب ڳاڻ ڳٽيا ڇپيا آهن)

ڪيترن ڀارتي ليکڪن جا مضمون، ڪهاڻيون ۽ شعر سنڌ جي مخزنن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهيا آهن. ڪوجناتمڪ ليکن ۽ پي. ايڇ. ڊي. مقالن ۾ ڀارت جي سنڌي ڪوجنيڪن جي ڪتابن مان حوالا ڏنا ويندا آهن.

.... سنڌ جي اديبن جي ڀارتي سنڌي ليکڪن ۽ شاعرن سان سدائين لڪپڙه پئي رهي آهي. اُهي وقت بہ وقت پنهنجا ڪتاب سوکڙيءَ طور موڪليندا آهن. اياز، تنوير عباسيءَ، تاجل بيوس پنهنجي شعرن ۾ هند جي اديبن کي هميشه ياد ڪيو آهي.

... ڪن سنڌ جي اديبن ۽ ڪوجنيڪن جي طرفان ڪوشش جاري آهي تہ لڏي ويل هندن بابت وڌيڪ خبرچار هٿ ڪريون. سانگهڙ ڊگري ڪاليج جو هڪ پروفيسر منصور بخش لغاري ان ڪوشش ۾ آهي تہ احوال هٿ ڪري تہ سنڌ مان لڏڻ وقت هندو ڪهڙا مشهور مڪان ڇڏي ويا. آزاد قاضي، راڌڻ جو رهواسي، ان ڪم ۾ مشغول آهي تہ ڪيس جيئني سپاهيملاڻي، ڇوئٿرام گدواڻي، جٿرامداس دولترام،

پري کان لڏندو ۽ ڪلندو ايندو، ويجهو ايندو تہ ڪٽي پاڪر وجهندو. جيترو وقت ويهندو تہ ڪل چرچو پوڳ. مسلمانن جي چنچري لاهڻ جون ڳالهيون بہ خود مسلمانن کي ئي ڪلندي ڪلندي اهڙيءَ طرح چئي ويندو، جو پنهنجو موت انهن کي بہ پيو وڻندو. آزاد ميدان وٽ اَن جي وڏي ڪوٺي هوندي هيس. ڪوٺيءَ جي طول وهاڻن ۽ اَچن ڳاديلن تان اُٺي، سامهون آزاد ميدان ۾ پيل اسٽيج تي چڙهي جڏهن تقرير ڪندو هو، تہ ڪيترا هندو جيل وڃڻ لاءِ تيار ٿي بيهندا هئا. قومي تحريڪڻ ۾ ڪيئي دفعا قيد بہ ڪاٽي چڪو هو. ٽوپي بخمل جي ڪاري پائيندو هو ۽ ڪڏهن ڪاڌيءَ جي گانڌي ڪئپ. لٺا اُهي ئي، هٿ جي اُڻيل جوڙيءَ جا، هيٺ تي ڌوتي، ٻُٽ تي ڪرٽو' (ص ١٥٥)

اهو دور هندو معززن جي بہ اوج جو هو. منجهن بہ ڪيئي لاکيٽان لال هئا، ڏسٽا وائسٽا، شاندار ۽ وڏي مان مرجات وارا. اڄ جڏهن انهن جون صورتون ۽ سيرتون ياد پون ٿيون ۽ انهن پنهنجي دور ۾ جنهن ڪردار جو مظاهرو ڪيو، ان جي يادگيري اَچي ٿي، تڏهن جڻ سچ پچ تہ ڪنهن دل ۾ چهنڊي پائي ورتي، سخت دک ۽ درد ٿئي ٿو! اگرچ انهن مان ڪيترا اسان جا سياسي مخالف هئا، ليڪن ان هوندي بہ اَجوڪن 'دوستن' کان اخلاق ۽ عادتن ۾، مروت ۽ مرجات ۾، لڄ ۽ لحاظ ۾ هزار مرتبا اعليٰ، افضل ۽ ارفع هئا.

ديوان پوجسنگ پهلاجراءِ ... شاندار مڙس، ڪينچيءَ سان ڪتريل سنهاري، مٿي تي ميراٺي ٽوپي، هيٺ تي انگريزي سوٽ، شڪل صورت ۾ نمڪ، اکين ۾ حياءُ ۽ حجاب، ٽالپري دور جي ڪنهن پرڻي مڙس جي پيو ڏِک ڏيندو. مسلمانن سان اُٺي ويٺيءَ ۾ پائرن کان وڌيڪ. دشمني بہ ڪڏهن ڪانہ ڪيائين. سنڌ جي پهرينءَ اسيمبليءَ جو اسپيڪر ۽ سنڌ جو نامي وڪيل. اسپيڪريءَ جي زماني ۾ سکر ۾ فوت ٿيو.

ديوان بهادر ايسرسنگ .... ٻگهو، پوُرو ۽ ڏاڍو سهڻو، سفيد سنهاري فقط ڪاڏيءَ تي. وڏو وڪيل، ميونسپل جو پريزيڊنٽ، مسلمانن جو گهرو دوست،

جي پهرين فسادن کان پوءِ ته ويتر سخت متعصب ٿي پيا. مهاشيه موتيرام، شريمت ويرومل بيگراج، مسٽر پمناڻي، شريمت وليچا ۽ اسان جو عزيز بلڪ محبوب دوست آرٽ مل پنجابي بس چئي ڪٽي بس ڪري مسلمانن جو مسئلو آيو ته اکين مان رت لهي ايندن.

اهو سندن سياسي ڪردار هو. ليڪن سندن شخصي سياءُ نهايت شريفاڻو مسلمانن سان ذاتي دوستيون، مرڻي پرڻي جا رستا، شادي مُراديءَ ۾ اُٿي ويني، مسلمان دوست وٽن ايندو ته پاپڙ ذري ۽ لمليت پيارڻ ڪانسواءِ اصل نه ڇڏيندس، آجيان ڪندس ته اُٿي بيهي، پاڪر پائي، وڏا وڏا ٺهڪ ڏئي. خود اسان جي آغا نظرعلي خان سان به سندن شخصي رستو پائرن جهڙو هو. (ص - ۱۰۲)

’شريمت ويرومل بيگراج، پراڻو قومي ڪارڪن، روزاني سنڌي اخبار جو مالڪ ۽ سمپادڪ، سکر بلڪ سنڌ جي هندن جو مهندار هوندو هو. سنهيون مُڇان ڪينچيءَ سان ڪيتريل، مٿو مشين تي لٿل، چوٽي اَلبت وڏي، وار سڄا اَڇا، پريو مڙس، نهايت شانائتو پيو لڳندو هو. سچي پوشاڪ هٿ جي اُڻيل ڪاڌيءَ جي. گانڌي ٽوپي، ڪڙتو ۽ ڌوتي، پير ۾ اَڇو سليپر ۽ بت تي چادر ويڙهيل، جنسي مهاپرش پيو لڳندو هو. ڳالهائيندو هو ته آهستي، مٺي آواز ۽ لهجي سان ..... ’ادا‘، ’پائو‘، ’مَن‘ ڪري مخاطب ڪندو. پاڪستان ٿيو، تڏهن به وطن ڪونه ڇڏيائين. پڇاڙيءَ ۾ ڏک به سٺائين، ليڪن دل ڪٽي نه سگهيو. مان ۱۹۴۸ ۾ ڪيس آخري مرتبو ’هاربلي هائوس‘ ۾ ڏٺو، جڏهن پير پاڳاري سان ملڻ آيو هو. هڪ هٿ ۾ لڪڻ، ٻيو هٿ رام جي ڪلهي تي، سڄو ڪُبو، وڪ ڪٽي پيو، ته سهڪو پيو ٿئيس. سکر وارا جوش ۽ جذبا، ماٺ ۽ مرتبا ياد ڪري ۽ وري اِهي ڏينهن ڏسي گهٽي گهٽي تائين مون کي ويسورو وٺي ويو ...!

اصل ۾ سيٺ، ليڪن قومي ڪم ڪندي مهاشيه، ٿلهو متارو موتبرام،

ڏنو. دوستي ٿي، تن من ڏن لٽائي ڇڏيندو. ان ۾ تخصيص ڪانہ، هندو هجي تہ ڇا، جي مسلمان هجي تہ ڇا. دوست سيئي سندس اکين جو نور ۽ دل جو سرور هئا. جڏهن ميونسپل ڏي هلندو هو، تڏهن جيترا هندو سندس ڪڍ هوندا هئا، انهيءَ کان وڌيڪ مسلمانن جو تعداد سائس گڏجي هلندو هو. سيئي سوالي، سين جا منجهس ڪم. 'حاضر سائين!'، 'حاضر پائو!' سيني سان ڪندو هلندو. اخبار نويسيءَ جي زماني ۾ اسان تي ويهان ڪيسن جون ٿيون. دوستي هئي، تنهنڪري ديوان جو فرض ٿي پيو تہ مفت وڪالت ڪري. پاڙا پتا، خرچ پکا سڀ پنهنجا. ڪيترا احسان ڪيائين، ليڪن پڇاڙيءَ تائين هڪ احسان جي لاهڻ جو بہ موقعو اسان کي نصيب ڪونہ ٿيو. آخر سکر ڇڏي هندستان هليو ويو!

راءِ بهادر ڪندن داس، قد بت جو مختصر ۽ نهايت نازڪ ۽ نفيس، طبيعت جو نرم ريشم جهڙو، دل جو سباجهو، ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڏاڍو دلچسپ ۽ وڻندڙ. ڪڏهن سياست ۾ بهرو نہ ورتائين. پنهنجي وڪالت سان ڪم ۽ دوستن سان ڪچهريون. پوڙهو هو، جو هندستان هليو ويو.

پراٽي سکر جو مکي هيرانند، ڊگهو جهڙو سرو، ٺاهوڪو موٽيل مڙس. انگريزي لٽا پائي، مٿي سان بنارسي ٻڌي، هر روز بگيءَ ۾ سکر پراٽي کان نئين سکر ايندو. گهمي ڦري وري موٽي وڃي جائيتو ٿيندو. انهيءَ زماني ۾ سکر ۾ بہ خانگي بگيون مشهور هيون : هڪ سائين ڪرم علي شاهہ جي ۽ ٻي مکي صاحب جي. ياد نہ آهي، ليڪن اسان واري زماني ۾ ئي گذاري ويو هوا مرڻي پرڻي، پٽ پاڇيءَ ۾ مسلمانن سان همدوش ۽ همرڪاب.

اهي بزرگ ۽ انهن کان سواءِ ٻيا ڪيترا جوان، اڌيڙ خواهہ پوڙها، انهيءَ دور ۾ سکر منجهہ موجود هئا. اگرچ اڄ سندن نالا دل تان لهي ويا آهن، ليڪن سندن ڳالهيون، سندن ڳڻ، سندن صورتون ۽ سندن ڪارناما اڄ بہ دل جي ڦرهيءَ تي لکيل ۽ ذهن جي خزاني ۾ محفوظ آهن.'
(ص ١٥١ - ١٥٢ - ١٥٣)

ڪوبہ پيد پاءُ منجهس ڪونہ. لٺا انگريزي پائيندو، ليڪن ڏاڍا قيمتي ۽ سهڻي سيبي جا. ڪراچيءَ ۾ ڪم سان آيو، رات جو دل جي دوري ۾ فوت ٿي ويو. صبح جو اطلاع مليو. سندس لاش ٽي وڃي بيناسي.

ديوان صاحبسنگ آڏواڻيءَ جي ذڪر اذڪار لاءِ تہ نہ سٽون نہ صفحا بلڪ دفتر درڪار آهن. ڊولڻ، ڏاڍو ناهوڪو مڙس. اُٿڻي ويهڻي، لٽين ڪپڙي جنسي انگريزي لارڊ. جنهن طرز ۽ طريقي تي صاحبسنگ رهيو، جنهن نموني ۽ قيمت جا من لٺا چوڙيا ۽ ماڻيا، سڪر تہ خير، پر سڄيءَ سنڌ ۾ ڪنهن کي مجال ڪانہ هئي. هندن سان گهٽ ميل هوندي هيس. دوستي رکندو هو تہ فقط مسلمانن سان. مزاج جو ڏاڍو شگفتہ هو. وينو هوندو هو تہ وينو کلائيندو، لطيفا ٻڌائيندو، هرڪنهن تي وينو لاهٽيون لاهيندو. معمولي ماجسٽريٽ تہ خير، انهن ۾ تہ اڪ بہ ڪانہ ٻڌندي هيس، سيشن جج جي ڪورٽن جا قائدي دانيءَ ۽ آڏن پڇائن ۽ تقريرن جي ذريعي ٽين ڪڙڪائي ڇڏيائين. انگريزي زبان تي نہ ڇڙو قدرت هيس، بلڪ پردي جي اندر وينو ڳالهائيندو تہ هرڪو سمجهندو ڇڻ انگريز پيو ڳالهائي، ايڏو اچار صحيح ۽ سهڻو! هندستان پهچي، ويچارو وقت ڪان اڳ فوت ٿيو.

ديوان بسنت رام، سکر ميونسپالٽيءَ جو آخري شاندار پريزيڊنٽ - نوجوان، دل جو سٺو، صورت جو نيڪ ۽ سيرت جو ڏاڍو سڀاجهو. پهريون فقط وڪيل هو؛ پوءِ ديوان صاحبسنگ کي شڪست ڏئي ميونسپل اسٽئنڊنگ ڪميٽيءَ جو چيئرمن ٿيو؛ ان کان پوءِ جڏهن ديوان بهادر ايسرسنگ صدارت ڇڏي، تڏهن هي پاڻ پريزيڊنٽ ٿيو. هندن جو ليڊر هو، ليڪن مسلمانن جو يار غار. پريزيڊنٽيءَ جي زماني ۾ مسلمانن سان جيڪي وڪان بسنت رام ڪنيون، سي سکر جي تاريخ جو ڇا، بلڪ سڄيءَ سنڌ جي هندو - مسلم ايڪتا جو سونهري باب آهن. دوستيءَ ۾ ايترو مستعد، سچو، ۽ سرگرم مان پنهنجي زماني ۾ هندو خواه مسلمان ڪونہ

پائيءَ جي ٻاڙائي هوندي هئي، ته اَميرجان جو اهو ئي صدري نسخو اسان لاءِ به تير بهدف ثابت ٿيندو هو. هڪ دفعي ته ساندهه ڏيڍ مهينو کن انهيءَ روزگار ۽ رزق تي گذارو ڪندا رهياسي. انهيءَ ئي زماني ۾ محمد امين خان کوسو اَچي اسان وٽ رهيو. چيائين ڪجهه ڪونه، ليڪن دل ۾ ضرور حيران هوندو ته هر روز رات جو دال، ڪچڙي، حلوو، پاپڙ، پوريون ۽ ڪناڻا آهي ته پڪ ڪا غيب جي ڳالهه!' (ص ٢٧٨ - ٢٧٩)

لاڙڪاڻي جي هندن بابت، هوُ صاحب لکي ٿو:

'هندن جي نه ڇڙو وڪيلن ڪي زور هو، بلڪ انهن جا ليڊر به بزرگ هئا. تولاڻي پائر .... هڪ ميونسپل ڪائونسلر، ٻيو بمبئي ڪائونسل جو ميمبر .... پئسو جام، واپار هڪ طرف، زمينداري ٻئي طرف. رام پنجواڻيءَ جو والد ديوان پرتاب راءِ ميونسپل جو وائيس پريزيڊنٽ پر جڻ سڄي لاڙڪاڻي جو مالڪ پڻ هو؛ رام ٻي. موٽواڻي، ريجهومل لاهوري، ڊاڪٽر پوهومل ۽ نهچلداس همتسنگاڻي. سڄي شهر جي سئين اُبتي اُنهن جي هٿ ۾ هوندي هئي. رام ٻي. موٽواڻي اگرچ کهڙي وٽ ايندو ويندو هو، چاڪاڻ ته زمينداري بئنڪ جو پاڻ مئنيجر ۽ کهڙو چيئرمن هو، پر کيس کهڙي جي مسلم دوستي اصل ڪانه وڻندي هئي. علم دوست هو. ڪلڪتي وارو 'ماڊرن رويو' سڀ کان پهرين مون وٽس ڏٺو. پهرين نوڪري به مون وٽس زمينداري بئنڪ ۾ سوَ روپئي ماهوار تي ڪئي .... قرض وصول ڪرڻ لاءِ انسپيڪٽر هوندو هئس. انهيءَ زماني ۾ ڏٺم ته لاڙڪاڻي جو ڪوبه زميندار زمينداري بئنڪ جي قرض کان آجو ڪونه هو. سالن مٿي سال لنگهي ويندا، ليڪن موُر ته ٺهيو، پر وياج به ادا ڪري ڪونه سگهندا هئا. ڇڙو اَجاين خرچن، اڍنگيءَ ۽ اُبتيءَ چال چلت کين زير بار ڪري ڇڏيو .... نه راهه رسول نه راهه خدا.' (ص -١٨١)

سنڌي هندو عالمن ۽ اديبن جو سندن جيئري ته وڏو مان ٿيو پر سندن مُئي پڄاڻان، سنڌ جي سنڌين به سندن رچيل ساهت، برادري

پير صاحب هڪ مزيدار ڳالهه به لکي آهي ؛

سکر جي هر نڪاڻي ۾ روزانو شام جو ڪڻاه پرشاد ٿيندو هو. ڪيترائي غريب غربا اَچي اُتان پيٽ ڀري ويندا هئا. انهيءَ خيراتي خوراڪ ۾ مذهبي ڀيد ڀاءُ ڪونه هو. هندو به اَچي وٺندا هئا ته مسلمان گداگر به. شري ساڌ ٻيلي جو ڪڻاه سڀ کان سٺو ۽ سِيني کان لسني هو. دال، حلوو، پوُري ۽ ڪچوڙي نهايت صاف ۽ سوادي. جيڪو ايندو، اڻ ميو ملندو، بلڪ هڪ اڌ پاپڙ ۽ ڪناڻ ذرو به مڪانس رکي ڏيندا.

سالن کان اهو دستور هليو ٿي، ليڪن اسان کي خبر ڪانه هئي. هڪ ڏينهن اميرجان شام جو ينگ پيئڻ ساڌ ٻيلي ويو، ۽ موٽندي ڪڻاه پرشاد به پاڻ سان ورتيون آيو. رات جو نظر علي خان ۽ مان بسم الله ڪري ان کي واپرايو ... نهايت لذيذ ۽ دلپسند! آغا ڍؤ ڪري، ٻه-ٽي اوڳرايون ڏئي، جڏهن الله جا شڪرانا بجا آندا، تڏهن پڇيائين :

’آغا منهنجا، ڪيئن تو پائين؟‘

’آغا، واه جو ڪاڌوسي!‘

’واه ڙي اميرجان واه!‘

بس اُهو ڏينهن اُهو ڏهاڙو .... ان کان پوءِ اسان جو گذارو گهڻو ڪري شري ڪڻاه پرشاد تي ٿيندو هو. ماني به سني، پيسو به خرچ ڪونه ۽ بلڊپريشر ۾ ڏسيل پرهيز جي به عين مطابق! علاوه ازين انهيءَ مينوءَ ۾ دعوت شيراز به شريڪ هئي، يعني دال سڳوري، جيڪا ڪاري مرچ جو ٻُرڪو ڏئي ڏيندا هئا! ان کان زياده نظرعلي خان خدا کان ٻيو ڇا ٿي گهريو! .... ليڪن اهو معاملو دوستن احبابن کان بلڪل مخفي رکيو ويو. پڇاڙيءَ تائين ڪنهن کي خبر ڪانه پئجي سگهي ته سکر جي هنن ’فرزندان اسلام‘ جو، جيڪي رات ڏينهن هندن تي ڏوڙيا پيا وسائن، زياده ترگذر شري ساڌ ٻيلي جي ڪڻاه پرشاد تي آهي!

اسان ٻنهي پائرن جڏهن ’ستاره سنڌ‘ ڪڍي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن پئسي

سوٽ بوٽ پاتي ڪان پوءِ جنسي صاحب لوڪ پيو لڳندو هو. هڪ دفعو مرحوم کي مان بہ ڏٺو، ڪنهن ڪائونسل جي ميمبريءَ لاءِ اُميدوار بيٺو هو؛ ڏاڍي ۽ والد مرحوم کان ووٽ وٺڻ اسان جي ننڍڙي ڳوٺڙي ۽ شهر جي واءُ ساءُ کان اوڻائتي واهڻ ۾ پاڻ هلي آيو. سندس 'بلو کوکر' پوءِ ڇپيو ۽ پڙهيم.

ڊاڪٽر گربخشاڻي، خدا بخشيش، پهريون سنڌي آهي، جنهن انگريزي وضع قطع تي اسان کي ڪتاب ايڊٽ ڪرڻ ۽ ان جي تصحيح ڪرڻ جو نمونو ڏيکاريو ۽ راز سمجهايو. برٽش ميوزم جو نالو، يا ان ۾ بہ ڪي سنڌي ڪتاب ٿيندا آهن، اها خبر بہ ڪانئس ئي اسان کي پئي. 'نورجهان' ۽ 'لنواريءَ جا لال' بہ سندس ئي سوکڙيون آهن. مطلب تہ کهڙن جا نالا ڳڻي کهڙن جا ڳڻجن – پيرومل مهرچند خواه لالچند اَمرڏنومل ڳهڻ هئا؟ هرهڪ زبان جو عالم ۽ نثر نويسيءَ جو استاد هو.' (ص - ٣١)

[حوالا : 'هوءُ ڏوڻي، هوءُ ڏينهن' – سيد حسام الدين راشدي. سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ. ١٩٧٧ع]

ڀاڳ، ساز ۽ سلوڪ ۽ محبت کي وساريو ڪونهي. آخرين معتبر ادبي شخصيتن بابت لکندي، راشدي صاحب لکيو ٿي ته:

’جنهن عهد جي ڳالهه هتي ٿي رهي آهي، اهو عهد هو جڏهن قليچ بيگ جي وصال ڪرڻ بعد مسلمانن ۾ ڪوبه مشهور نثر نويس (علمي نثر نويس) ڪونه هو. ڊاڪٽر دائود پوٽو مرحوم، ڏٺي شل جنت ۾ ڪيس جايون ڏئي، گهٽو پوءِ ميدان ۾ آيو. شاهه جي رسالي نڪرڻ ڪانپوءِ، هن شاهه ڪريم جو رسالو ۽ ٻيو هڪ ٻه سنڌي ڪتاب نئين طرز تي شايع ڪيا. فقط هڪ مولانا دين محمد وفائي ٻيو پڌبو هو، جيڪو اڪيلي سر وتندو هو سنڌ جي سر زمين ۾ سنڌ جي تاريخ کي ڳولهيندو ۽ لهندو. هندن ۾ البت اعليٰ اديب ۽ نثر نويسيءَ جا استاد موجود هئا؛ منجهين نه فقط شاهه جو چرچو هو، بلڪ شاهه کي سچا پچا سمجهڻ وارا به انهن جي ئي پڙهيل طبقي ۾ ليندا هئا.

هاءِ! هاءِ! مرحوم ڪاڪي چينمل پرسرام جو نالو ڇني ڪٽي بس ڪر. سنهي سنهي سفيد سونهاري، هميشه پيو کلندو. ڏسندو، ته ڏکي اچي ڀاڪر پائيندو. ويهندو، ته پيو ٻهار ٻهار ٿيندو. شاهه جا ڏوهيڙا به پيو ڏيندو، ۽ انهن جا راز ۽ رمزون به پيو سمجهائيندو. جڏهن ’شاهه جون آڪاڻيون‘ سنڌي نثر ۾ لکي پيش ڪيائين، تڏهن اسان جي ادب ۾ جنسي انقلاب اچي ويو. ساڳي اُها شاهه واري زبان — مصريءَ ۽ ماکيءَ جهڙي مٺي، اهڙي نازڪ جهڙيون اسان جي مسڪين مارُن جي معصوم نياڻيون جون دليون، ايڏي نرم جهڙو ڪنهن ڳوٺاڻيءَ بختاور جي هٿن جو ڪڍيل مکڻ، ۽ ايتري سباجهي جهڙيون ڀائرن لاءِ اسان جي ملڪ جون ڀينرون ۽ وڏور ڏيئرن لاءِ اسان جي ملڪ جون مائرون. پڙهندي ائين پئي روح کي راحت رسندي، ڄڻ سانوڻ جي چانڊوڪين راتين ۾ ڏکڻ ٿي پئي، هينئون پيو ٺاري.

پروفيسر شاهاڻي قداور مڙس، ڏاڙهي مڇان ڪوڙيل، رنگ جو گورو،

چيوسين، ’ڇو ڪين؟‘ پوءِ ٻه ڀاڃي ڪي ويساهه نه اَچي. نه آيو!

اِها هُئي اسان جي هن پيڙهيءَ ڪي ڄاڻ نه سنڌي فقط ڀارت ۾ رهندا آهن، جيڪي هندو آهن ۽ سنڌ ۾ رڳو مسلمان رهندا آهن جيڪي سنڌي آهن ئي ڪونه!

سنڌ ۽ سنڌين جي تاريخ کان اسين ايترا مڙيئي اڻ ڄاڻ آهيون!

... ڪڏهن ڪڏهن اسانجي جوانن جي دماغ ۾ ٻه سوال اُٿندا آهن ۽ اُهي مُنجهي پوندا آهن ته آخر اَسين آهيون ڪير، ڪٿان جا رهندڙ آهيون ۽ اسان جا ابا ڏاڏا ڪهڙيءَ مِٽيءَ جي پيداش آهن. اسانجي ٻولي ته سنڌي آهي، جيڪا اسين گهرن ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون پوءِ ٻه اسان ڪي پنهنجي سنسڪرتيءَ سڀيتا، ساهت ۽ سنگيت جي ڄاڻ ڇو ڪين آهي؟

... اسانجي سدا حيات دوست ڪُني سامتاڻيءَ جو پُٽ رَوي سامتاڻي ويو آميريڪا جي ڪنهن مشهور يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ، جتي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ دستور آهيَ ته هڪ ڏينهن اهڙو جلسو ڪندا آهن جتي هرڪنهن کي پنهنجيءَ ماديءَ ٻوليءَ ۾ ڪجهه ڳالهائڻو ۽ ڳائڻو پوندو آهي. رَوي ڌو ڳالهه ڪري ته هڪ ٻيو اهڙي هڪ پروگرام ۾ ڇيائون ته هرڪو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪجهه ٻڌائي. يونيورسٽين ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪنڊ مان شاگرد پڙهڻ لاءِ ايندا آهن، سو هرڪنهن نهايت فخر وچان، ڳالهه اوچو ڪري نه فقط پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ ڳالهايو، پر جيڪي ڳالهايائون تنهنجي معنيٰ ٻه ٻڌائي ۽ هڪ لوڪ گيت ٻه سُر ۾ ڳايو. سڀني کي ڏاڍو مزو پئي آيو. جڏهن منهنجو وارو آيو، تڏهن مُنجهي ٻيهي رهيس. ٿوري سنڌي ته ڳالهائي ويس پر ڪو لوڪ گيت اچيم ئي ڪونه جو ڪري ڳايان. اوچتو تنديڻ ۾ بدل هڪ بيت ياد آيم ۽ تنهنجي هِڪ ئي سِٽَ : پيسو لڌم پَٽَ مان، پيسي ورتم گاهه، ڏُهرائيندو ويس ۽ ڪجهه ٺينگا ٽپا ڏنم. ٻين کي ته ڏاڍو مزو آيو پر مان ڏاڍو ششدر ٿيس ته ڇو

ڇا سنڌ ۽ سنڌين کي ياد نہ ڪريون؟

هندستان ۾ رهندڙ سنڌي هندن تي عام طور اِهو اثر آهي تہ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي مسلمان تعصبي ۽ فرقي پرست آهن ۽ هنن جي ڪري ئي اسانکي سنڌ مان لوڏجي اچڻو پيو، هتي پاڻ وسائڻ لاءِ جاکوڙڻو پيو، جنهن ڪري هُنن سان لڳ لاڳاپو تہ ڇڏيو پر مورڳو سنڌ کي بہ وساري ڇڏڻو آهي، ايتري قدر جو اسان جون ايندڙ پيڙهيون بہ پلجي وڃن تہ ڪو اُنهن جا اَبا ڏاڏا سنڌ ۾ ڄميا هئا! نتيجو اِهو نڪتو آهي تہ اِن ڀاونا اسان کي سنڌي ٻوليءَ سنڌ ۽ سنڌين کان جدا ڪري ڇڏيو آهي.

... تازو هڪ دوست ڊاڪٽر آڪاش انصاري ڳڏيو. هوُ ڄاتل سڃاتل سنڌي شاعر آهي ۽ هن وقت حيدرآباد سنڌ مان ’سوال‘ روزاني اخبار، سنڌيءَ ۾ ڪڍندو آهي. هُن ڳالهہ ڪئي تہ سينگاپور ۾ هڪ دڪان تي چڙهياسين، جيڪو نالي مان سنڌيءَ جو دوڪان ٿي لڳو. ڪا شيءِ شڪل خريد ڪندي اسان پاڻ ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالهايو. دڪان جي ڪائونٽر تي بيٺل بہ ڪي سنڌي هئا، تن جو اسان کي سنڌي ۾ ڳالهائيندو ٻڌو تہ اسان کان نالا پڇيائون، ٻُڌي ڇيائون پر اِهي نالا تہ مسلمانن جا آهن پوءِ اوهين سنڌي ڪيئن ٿيا جو ههڙي سنڌي ٿا ڳالهايو! اسان کين ٻڌايو تہ پائڙا اسين بہ سنڌي، اوهين بہ سنڌي. فرق رڳو اِهو آهي تہ اوهين ڀارت ۾ ٿا رهو ۽ اسين سنڌ ۾.

هنن سوال ڪيو، ’تہ ڀلا سنڌ ۾ مسلمان سنڌي بہ ڳالهائيندا آهن؟‘

شاعر ڪرشڻ راهيءَ پنهنجي مشهور بيتن ’سنڌ ۽ سنڌي‘ ۾ لکيو هو :

’وطن جي لءِ جانِ گهوري پوءِ به ٿوري،
سنڌين جانِ نه گهوري وطن گهوري آئيا.

وطن گهوري آئيا، هاڻي رت روئن،
پنهنجا وري پسڻ لاءِ تن جا نيڻ سِڪن،
ماڻهو ڀِتِ به ٿين، پر اسان جا ڪي ٻيا هئا.

وطن ويو جن هٿان ناهي تن آرام،
وسري وسري ڪين ڪي ڪنهن کان پنهنجو گام،
نديون ڀِتِ به جام، پر سنڌوءَ ۾ ڪو ساه ٿن.‘

- تڏهن ڀارت ۾ ڪن سنڌين جي ننڊ ڦٽي پيئي هئي. ڇُنن چيو هو ته اِهي شاعر ۽ ليکڪ ڪير ٿيندا آهن جيڪي اجا سنڌ جي مِٽيءَ کي ياد ڪن ٿا ۽ هنن جي روح جي ڪڙي اجا سنڌ سان جڙيل آهي ڇو جو شيخ اياز جو نالو ٿا وٺن، سنڌي مسلمانن کي ’پنهنجو‘ ٿا سڏين ۽ هتي جي گنگا جمنا جهڙين پوتر ندين کي وساري سنڌوءَ ۾ ساه ٿا سمائين! هنن جو اِهو دليل هو ته اسان جيڪڏهن پنهنجي ويچار ۽ رُخ ۾ ڦيرو نه آندو ته اَسين ڀارت ۾ به ڌاريا ٿي ويندا سين.

اَچو ته پاڻ کان پڇون ته جيڪڏهن گجراتي ڀارت جي کهڙي به ڪنڊ ۾ هجي ته هُن جي ڀارتواسي هئڻ ۾ شڪ جاڳندو، ڇو جو هوُ گجراتي ٿو ڳالهائي؛ ڇا مرهٽا، مراٺي ٻولي ڳالهائيندي به ڀارتواسي نه آهن؟ ڇا ڪيرالا وارا مليالي ڳالهائيندا ته پاڻ ڀارت کان الڳ ٿي پيا؟ ته پوءِ اَسين اِهو ويچار ڇو ٿا ڪريون ته جيڪڏهن سنڌي ڳالهائيندا سين ۽ سنڌ کي ياد ڪندا سين ته ڀارتواسي نه رهندا سين؟ اسان ۾ پاڻ کي گهٽ سمجهڻ جو احساس (Inferiority complex) ڇو ٿو جاڳي؟

مون کي پنهنجي ماءُ جي ٻوليءَ ۾ هڪ گيت به نٿو اچي؟ اهڙا سوال، اڄ نه ته سڀان، اسان جي ايندڙ پيڙهين جي ذهن ۾ اُٿندا.

- اوهين پنهنجي پاڙي اوڙي ۾ ڏسندا ته اهڙا ڪيترائي جوان ۽ جوانڙيون نظر ايندئون، جن کي سنڌي سڏائڻ ۾ شرم ايندو آهي؛ سنڌي ڳالهائڻ ته پري جي ڳالهه آهي!

- ويجهڙائيءَ ۾ ڀارت جي ڪن اخبارن ۾ پڙهيم ته صدين کان ٻين ملڪن ۾ وسيل ڀارتواسين، جن کان پنهنجي ٻولي ۽ ڪلچر ته ڇڏيو پر پنهنجي ابن ڏاڏن جو وطن ئي وسري ويو هو، تن جي هن پيڙهيءَ جي ڪن جوانن کي اچي شوق جاڳيو ته پنهنجي ابن ڏاڏن جو اصلوڪو ڳوٺ يا شهر ۽ اُن جو پاڙو ڳوليون ۽ اُتي جي ٻوليءَ ۽ پنهنجي اصلوڪي ڪلچر کان واقف ٿيون. ڪشالا ڪڍي، هڙ کي ڳاسو ڏيئي جڏهن ڀارت ۾ پهتا ۽ پنهنجن ابن ڏاڏن جي ڳاٽن نڪاٽن کان واقف ٿيا ته سندن خوشيءَ جو انت پار ڪونه رهيو!

هيڏانهن اسين سنڌي آهيون جيڪي پنهنجن کي پرڀوڏ ڏيندا آهيون ته سنڌ کي وساري ڇڏيو، هتي جي جنتا ۾ پاڻ سمائي ڇڏيو ۽ پاڻ کي سنڌي نه رکيو ڀارتواسي سڏايو، ڇو جو سنڌ ته اسين تعصبي مسلمانن کي ڏيئي آياسون ۽ سنڌي اسان جي ٻولي به ڪانهي!

مون کي ياد ٿو اچي ته ڊاڪٽر اَرجن شاد هڪ غزل لکيو هو:

’سرحد جي پار منهنجيءَ نظر کي اُڏڻ ڏيو،
اصلي وطن جي پيي ته مِٽيءَ کي ڏسڻ ڏيو!
هن روُح جي ڪَڙيءَ کي نه ورثي کان ڪاٽجو،
ڦٽڪي رهي آ قوم، اُنهيءَ کي جيئڻ ڏيو.‘

ڪلا پرڪاش پنهنجي هڪ شاعراڻي نثر ۾ سدا حيات شاعر شيخ اياز جو ذڪر ڪيو هو ۽ ٻارن جي هڪ سوال جي جواب ۾ چيو هو ته اسين سنڌ تڏهن هلنداسين جڏهن شيخ اياز اسان کي گهرائيندو.

- اَڇو تہ ب. ج. پ. جي راجيہ سڀا تي ناقبل ميمبر شري ڪيول ملڪاڻيءَ کان پڇون تہ ھوُ ’سنڌ اِسٽوري‘ جھڙو ڪتاب ڇو نہ لکي ۽ ڇو نہ حيدرآباد سنڌ کي ياد ڪري؟

- ڊاڪٽر شيدرا آنند ڇو نہ ’نئشنل انٽيگريشن آف سنڌيز‘ تي ڪتاب لکي؟

- ڊاڪٽر يوُ. ايم. لکر ڇو نہ ’سنڌي ڪلچر‘ تي کوجنا ڪري؟

- ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ڇو نہ ڪڇ جي ورياسي علائقي ۾ وڃي پنھنجو گھرڙو اڏي ۽ سنڌي جٽن جي صحبت ۾ گھاري؟

- ستيش روھڙا، لکمي کلاڻي، پريتم ورياڻي ۽ صاحب بجاڻيءَ تي کھڙو جنون سوار ٿيو آھي جو وڃي ٿا آديپور ۾ اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي اَڏين؟

- شري نند جويري، جيڪو ب. ج. پ. جو سرگرم ميمبر آھي، سو ڇو نہ شڪارپور کي ياد ڪري ۽ اُن تي ڪتاب لکي؟

- شري رام امر لال پنجواڻي ڇو نہ پنھنجن ليکن ۾ جيڪب آباد کي وَرَ وَرَ ياد ڪري، نوُران جي نينھن ۾ نير ھاري ۽ شيخ اياز تنوير عباسيءَ جي شعرن جي خمار ۾ پاڻ کي گم ڪري؟

- شاعر گوورڌن گھايل ڇو نہ ميھڙ کي ياد ڪري؟

- شري موھن گيھاڻي ڇو نہ سنڌ جي تاريخ تي ڪتاب لکي؟

جيڪڏھن اِھي سڀ گنھگار آھن تہ اَچو تہ اَسين سڀ گنھگار ٿيون.

- اَچو تہ سنڌ کي ياد ڪريون.

- اَچو تہ سنڌ جي سنڌين سان پنھنجو ناتو ڍلو نہ ڪريون.

- اَچو تہ سنڌ جي سونھري سڀيتا تي فخرمند ٿيون ۽ پنھنجي ايندڙ پيڙھين جي دلين ۾ اُھي ڀاوَ ڀريون جئن اُھي پنھنجو سر اوچو ڪري چون تہ اسين سنڌي آھيون ۽ پنھنجي سنڌي شناخت قائم رکنداسين.

جھوليلال!

۲۰۰۱-۵-۷ع

... ڳالهه نڪتي هئي سنڌ مان لوڏجي نڪرڻ بعد سيني سنڌي مسلمانن کي تعصبي سمجهڻ ۽ سنڌ سان پنهنجا ناتا نه رکڻ جي؛ پر ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي اچي پهتاسين سنڌي ٻولي نه ڳالهائڻ، سنڌي نه سڏائڻ تي.

... اِهو سراسر غلط آهي ته سنڌ ۾ رڳو تعصبي مسلمان آهن ۽ مذهبي جنوني آهن. اَچو ته سندري اُتمچندائيءَ ۽ اُتم کان پڇون، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، گوبند مالهيءَ، نارائڻ ڀارتيءَ، ڪرشن کٽواڻيءَ کان پڇون، پارو ۽ ٺاڪر چاولا، ڪلا پرڪاش ۽ موتي پرڪاش ۽ موهن گيهاڻيءَ کان پڇون، جڳ وير ۽ هري موٽواڻيءَ کان پڇون ته هنن جڏهن سنڌ جي ياترا ڪئي، تڏهن هنن کي سنڌ ۾ فقط تعصبي مسلمان گڏيا، جن جي دلين ۾ سنڌي هندن لاءِ نفرت ۽ ڀارت لاءِ حقارت هئي؟

... تعصبي ۽ مذهبي ديوانا هر ملڪ ۾ آهن. جيڪڏهن افغانستان، ايران ۾، پاڪستان ۽ روس ۾ اهڙا متي ڦريل آهن ته ڇا ڀارت ۾ نه آهن؟

... پنهنجيءَ مِٽيءَ، پنهنجي جنم ڀوميءَ سان لڳاءُ هر انسان کي آهي ۽ اُهو اهڙو جذبو آهي، جنهن کي سياست جون ديوارون ۽ حڪومتن جون پاليسيون نٽيون روڪي سگهن. پنهنجي جنم ڀوميءَ کي ياد ڪرڻ اِنسان جي روح جو حصو آهي، جنهن کي ڇِني ڦاڙي الڳ نٽو ڪري سگهجي.

اَچو ته ڀاڻ کان پڇون ته :

... ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ سنڌ ڏانهن مهاڙ ڪري مارئي جيان لُڙڪ ڇو لاڙيا؟

... دادا جشن واسواڻي ڇو هرهنڌ سنڌي سڀاءُ ۽ سيتا جي ساک ٿو ڀري ۽ ٻارن کي سنڌي سيکارڻ جي صلاح ڏئي؟

... شري جهمٽ مل واڌواڻي، ڀارتيه سنڌو سڀا جو صدر ڇو ٿو هرهنڌ سنڌي سيکارڻ جا مرڪز کولڻ جي صلاح ڏئي؟

... اَچو ته ڀارت جي هوم منسٽر شري ايل. ڪي. آڏواڻيءَ کان پڇون ته هوُ ڇو ٿو مانسرووَر ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تي سنڌي ياترين جو جٿو وٺي وڃي ۽ ڪراچي ڏسڻ جي تمنا دل ۾ سانڍي؟

اڳ (جون، ٤٧ ۾) ڇپيل پنهنجي ڪتاب ’سنڌ بچايو، کنڊ کي بچايو‘
‘Save Sindh - Save The Continent’ ۾ سنڌين کي جاڳيل فرقيپرستيءَ جي ڀاوناڻ کان آگاهه ڪيو هو:
’اَسان سنڌ جي مسلمانن تي اِهو عجيب وهم ويٺل آهي تہ هندو يا تہ واپاري آهن يا تہ وياج خور ۽ ڪامورا آهن ۽ تنهن ڪري اُهي اسان جا حڪمران آهن، اسان کي لُٽيندڙ آهن. اُهي اسانجي پورهيي جو سمورو ڦل کايو وڃن ۽ اَهڙا دولاب ٿا ڪن جئن تہ مالڪ ٿي اُهي آهن ۽ اِهو اِن ڪري ٿو ٿئي ڇو جو اُهي هندو آهن. پهرين ڳالهہ تہ اسانجي لکن ۾ پورهيت طبقي جو اجوڳ فائدو وٺڻ ۾ اسانجا مسلمان زميندار ۽ جاگيردار، پوءِ ڀلي اُهي ٿورا ئي هجن، سي بہ پوئتي ڪونہ آهن. اُهي بہ هندن جهڙا حرفتي ۽ بي رحم آهن. ٻي ڳالهہ تہ اِهو تاريخ جو رڳو هڪ اتفاق آهي جيڪو اسان جي ڏندن ڏاڙين جي ڪري اُڀريو آهي. اُوهين ٿرپاڪر ضلعي ۾ وڃي ڏسو تہ اُتي هندو ڇاهي مسلمان هاري، جيڪي انداز ۾ لڳ ڀڳ ساڳيا آهن سي سڀ هندو ڇاهي مسلمان خون چوسيندڙ زميندارن جي رحم ڪرم تي آهن. محنت ڪش طبقي جي حالتن جو فائدو وٺڻ وارن جو هڪ ئي طبقو آهي، جن ۾ مسلمان ڇاهي هندو ذري گهٽ ساڳئي عدد ۾ آهن.‘ (ص ٧٧)
’اسان اِها حقيقت وساري ڇڏي آهي تہ هندو واپارين يا وياج خورن جي طبقي مسلمانن جي سقيميءَ جو فائدو ان ڪري ڪونہ ورتو ڇو جو اُهي هندو هئا ..... اُهي سرڪاري نوڪرين ۾ هئا سو بہ اِن ڪري نہ ڇو جو اُهي هندو هئا پر فقط ان ڪري جو جڏهن آفيسن ۾ اَهڙن ماڻهن جي ضرورت پوندي هئي، تڏهن ميدان ۾ ڪو مسلمان هوندو ئي ڪونہ هو.‘ (ص ٦٥)
’ڪيتيءَ ڀاريءَ ۾ رُڌل مسلمانن ۾ غير اِنساني طبقاتي بناوت ئي مسلمانن جي فائدي جي خلاف هئي .... نتيجو اِهو نڪتو تہ هندو هر ڏس ۾ ترقي ڪندا ويا تہ ٻئي طرف مسلمان جتي هئا اُتي ئي بيٺا رهيا. سندن ترقي ڍِلي ۽ نہ جهڙي هئي پوءِ بہ ويا ٿي هندن تي ڏوهه

چا سنڌي مسلمان سڀ تعصبي آهن؟

جڏهن سدا حيات سائين جي. ايم. سيد پارٽ ۾ آيو هو ته هڪ ميڙ ۾ ڪانئس ڪنهن شخص پڇيو ته سائين، اوهين ئي هئا جنهن جي من ۾ ڦيرو آيو هو ۽ اوهان ئي سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ ووٽ جي گهٽائيءَ سان پاڪستان جي پنيرائيءَ ۾ نهراءُ بحال ڪرايو، جنهن آخر ملڪ جو ورهاڱو آندو ۽ سنڌي هندن کي پنهنجيءَ ڌرتيءَ تان لوڏجي پارٽ ۾ اَچڻو پيو؛ پوءِ هاڻي جو ٿا پاڪستان کي ٽوڙي الڳ سنڌو ديش جي هلچل هلايو ۽ سنڌي هندن لاءِ ٿاهه ٿاهه لڙڪ هاريو؟ سائينءَ جواب ڏنو ته مان برابر جوابدار آهيان. غلطي مون ڪئي ۽ اُن جي سزا پريا چاليهه سال پوڳي اَٿم. قاعدي موجب جنم ٽيپ جي سزا به ۲۵ سال ٿيندي آهي ۽ آءٌ ته اَجا پيو سزا پوڳيان.

اِئين برابر آهي ته فرقي پرستيءَ جي لهر ۾ ڪيترائي سنڌي مسلمان لُڙهي ويا ۽ هنن مسلم ليگ جي هلچل ۾ پرپور حصو ورتو ۽ پاڪستان جي حمايت ڪئي. وڏن وڏن راجنيتي اڳوانن کان به غلطيون ٿينديون آهن، سنڌ جا ڳوناٺا سنڌي مسلمان ويچارا ته سادا سودا ۽ گهٽي پاڻي اڻ پڙهيل هئا، جن سمجهيو ته پاڪستان ٿيندو ته شريعتي حڪومت ٿيندي، ملڪ ۾ هرڪو مسلمان سُکيو سهنجو ٿيندو ۽ اسان ڌڪويلن کي هندن جون ڇڏي ويل ملڪيتون ملنديون. جڏهن سالن بعد به اِئين ڪونه ٿيو ۽ اُهي پنهنجيءَ ئي ڌرتيءَ تي ڌاريا ٿي پيا، تڏهن ڪين هوش آيو ته مار، سوچيو چا هئوسين ۽ ٿي چا ويو!

سنڌ جي وڏي مُفڪر، محترم ابراهيم جويي، ملڪ جي ورهاڱي کان

جي پيءُ هرناڪشپ، جنهن کي برهما ورڏنو هو تہ توکي زمين تي ڪوبہ ماري نہ سگهندو، تنهن طاقت جي نشي ۾ اَچي پنهنجي پوڄا ڪرائڻ شروع ڪئي. پرهلاد اُن جي مخالفت ڪئي جنهن ڪري ٻيس هڪ لوهہ جي گرم ٿنڀ کي ڀاڪر پائڻ لاءِ چيو ويو. پرهلاد جي پوڄا جي اثر سبب وشنو اُن ٿنڀي مان پرگهٽ ٿي سندس پيءُ هرڻاڪشپ کي ماريو .... ٿي سگهي ٿو تہ ملتان ۾ سورج ڪنڊ، پرهلاد پُري، سورج مياني ۽ جوڳ مايا جي مندر جو بہ وشنوءَ جي چوٿين اوتار-نرسنگهہ اوتار سان واسطو هجي.'

اَڳتي هلي هُنَ چچ نامي جي حوالي سان اِئين بيان ڪيو آهي تہ سوريہ ديوتا جي مورتي محمد بن قاسم ٽوڙي، جنهن جي هيٺان ۴۰ سون جي ڀُوري جا پربل مٽڪا نڪتا ۽ تنهن ڪانسواءِ منجهانئس ۲۳۰ مڻ سون جا مليا .... جي سڀ خليفي جي خزاني ۾ جمع ڪرايا ويا.

هن وڌيڪ لکيو آهي تہ رامائڻ ۾ رامچندر جو خاندان سوريہ ونشي هو ۽ مهاڀارت ۾ پانڊون جو خاندان چندر ونشي هو .... رگويد مطابق وشنو، سورج جو روپ آهي .... رامائڻ ۽ مهاڀارت جا سورما سڀ وشنوءَ جو اوتار آهن

شاه صاحب جي رسالي ۾ جوڳين ۽ سنياسين جو ذڪر آهي ۽ هنن جي تپسيائن ۽ جاترائن جون تڪليفون ڏنل آهن. هنگلاج ۽ لاهوت جا تيرٿ آستان بہ ڏيکاريل آهن، جتي جوڳي، ڪاپڙي وڃي پوڄائون ڪندا هئا ۽ تن کي تپسيائون ڏيندا هئا. اِن سلسلي ۾ نامياري اخبار نويس ۽ ليکڪ بدر اَبڙي جو هڪ ڪتاب ڇپيل آهي ... هنگلاج ۽ لاهوت ڪتاب ۾ هنگلاج ۽ لاهوت جي مندرن ۽ اُنهن ۾ استاپن ٿيل مورتين جون تصويرون آهن. هو لکي ٿو: 'هندو مت جي قديم ڌرمي ڪتابن توڙي الهامي مذهبن جي مطالعي مان ظاهر آهي تہ سنياسين، راهبن توڙي نبين ڪيئي سالَ اهڙين ڏورانهين غارن، وڻن جي ٿُڙن ۽ ويران گوشن ۾ ويهي، سچ ۽ حقيقت بابت سوچ ويچار ڪيو آهي ۽ پڌري پٽ ڏسجي ٿو تہ اُنهن سمورن ماڳن کي اڄ وڏو تقدس آهي ۽ دنيا جي پاڪ پوتر جاين ۾ اُنهن جو شمار ٿئي ٿو.' (ص-۲۵)

هُنَ تاج صحرائيءَ جي هڪ مضمون جي حوالي سان لکيو آهي:

مڙهيندا ... هر ڪنهن کي پنهنجي تڪليف دور ڪرائڻ لاءِ دانهن ڪوڪ جو حق آهي پر اِئين ڪيئن تي طلب ڪري سگهجي ته جيڪڏهن اسين واڏارو ڪونه تا ڪري سگهون ته بين تي به روڪ وجهون ته اُهي به ائين ئي رهن! (ص ٦٥)

- سچ ته اِهو آهي ته سنڌي مسلمانن اِهي تاريخي، طبقاتي، ۽ سماجڪ حقيقتون نه سمجهيون، ان ڪري سنڌ جي امن پسند ۽ صوفيائي طبيعت رکندڙ رهواسين سياسي اڳوانن جي مذهبي وٺاءُ پيدا ڪندڙ چال کي ڪين ڄاتو ۽ اُهي نعري بازيءَ جي ڳل ڳلاڇيءَ جي اثر هيٺ اچي ويا ۽ هندن جي خلاف هلايل هلچل ۾ سرگرم بهرو وٺڻ لڳا. اڌ صديءَ کان به وڌيڪ عرصي تائين ڏک ۽ ڏولاوا ڏسي، پنهنجي ئي مذهب جي ماڻهن جي بي انصافيءَ جو شڪار ٿيڻ بعد ڳنن محسوس ڪيو آهي ته هنن جيڪي سوچيو هو سو غلط هو.

فرقي پرستيءَ جي انڌ جون پٽيون سندن اکين تان لهي رهيون آهن.

- سنڌ ۾، سچاڻ ۽ ذهين طبقي جي سنڌين وَرَ وَرَ سنڌي هندن کي ياد ڪيو آهي. نه فقط ايترو پر هنن هندو ڌرم جي خوبين کي به وقت وقت ظاهر ڪيو آهي ۽ سندن رسمن، رواجن تيرٿ آستانن تي به ڪوجنا تمڪ ڪتاب لکيا آهن.

... محترم علي احمد بروهيءَ جو هڪ ڪتاب نڪتو آهي 'The Temple of Sun god' جنهن ۾ ڳن سوريه ديو جي پوڄا، ويدن پرُاڻن، رامايڻ ۽ مهاڀارت ديومالائي ڪردارن جو بيان ڪيو آهي. لکي ٿو : 'وشنو پراڻ سوريه ديوتا جي اصليت تي روشني وجهي ٿو، جنهن ۾ چيل آهي ته سمبا، ڪرشڻ جو اؤلاد هو، جيڪو ڪيس جنبوت جي ڌيءَ، جمبوتيءَ مان ڄائو هو.

'سمبا کي ڪوڙه جي بيماري ٿي پيئي، جنهن ڪري ڪيس صلاح ڏني ويئي ته سوريه ديوتا جي پوڄا ڪر. هن سانده سوريه ديوتا جي پوڄا ڪئي ۽ بيماريءَ مان ڇوٽڪارو پاتو ....'

'راجا ڪشيپ ملتان ۾ سوريه ديوتا جي پوڄا جو پرچار ڪيو پر پرهلاد

اُچو تہ پاڻ کان پڇون تہ اسان پنھنجي ڌرم بابت ڪھڙي ۽ ڪيتري کوجنا ڪئي آھي ۽ پنھنجيءَ نندي ٿيءَ کي اُن مان واقف ڪيو آھي! اِئين نہ آھي تہ مٿيان ليکڪ پنھنجن اِسلامي عقيدن تان ڦري ويا آھن پر ھُنن سوين ڪتاب اُٿلائي سير سفر ڪري پنھنجو نوُر نچوئي ھندوُ ڌرم تي روشني وڌي آھي ۽ اُنھن تِڻن ۽ ڏاڻن جي نشاندھي ڪئي آھي، ڪتاب لکيا آھن، ڇپايا آھن ۽ سنڌ ۾ پڙھندڙ طبقي تائين اُھي پھچايا آھن. پوءِ بہ افسوس آھي نہ اسين اجا مٿن تعصبَ ۽ فرقي پرستيءَ جا اِلزام لڳائيندا اَچون!

اِئين بہ برابر آھي تہ سنڌ جا سڀ مسلمان ڪو تعصب کان مٿي نہ اُبريا آھن پر اِھو بہ سچ آھي تہ سنڌي سُجاڻ طبقي جا ليکڪ، شاعر، فنڪار ۽ مفڪر محسوس ڪن ٿا تہ ٻن قومن جي بنياد تي ملڪ جو ورھاڱو وڏي غلطي ھئي، تہ مذھب کان وڌيڪ، قوميت، ٻولي ۽ تھذيبي ساڳيائي ئي انسان کي ويجھو آڻي ٿي ۽ ساز سلوڪ پيدا ڪري ٿي.

(۱) مددي ڪتاب 'Save Sindh-Save the Continent' محمد ابراھيم جويو.
ڇپائيندڙ : ڪريئٽِو ڪميونيڪشن، سنڌ ڊيموڪرئٽڪ پارٽي.
ڇاپو ٻيو سال ۲۰۰۰ع
(۲)'The Temple of Sun god' علي احمد بروھي - سنگم پبليڪيشنس ڪراچي
(۳) ھنگلاج ۽ لاھوت - بدر اَبڙو - سنگم پبليڪيشنس ڪراچي
(۴) ڏسي ڏوھ اکين سين - جمال اَبڙو - نيوفيلڊس پبليڪيشنس - حيدرآباد سنڌ.

'هندو پاڻي ۽ جي ديوتا کي جند پير ڪري سڏين ٿا ۽ مسلمان اُن جو نالو خواجا خضر ڪن ٿا. هندن جو اُڏيرو لال مسلمانن وٽ شيخ طاهر آهي ۽ الا جسراج کي مسلمان منگهو پير سڏين ٿا .... اسان جي هن علائقي ۾ هندو امير پير کي راجاوير سڏيندا آهن ۽ اُڏيري لال کي پنهنجو اوتار ڪري سڏين ٿا. ساڳيءَ طرح شهباز قلندر متعلق هندن جي دعويٰ آهي ته اُهو راجا ڀرتري آهي.' (ص-٢٢)

اَڳتي هلي هُن شريمد شِوَ پُراڻ ۾ آيل ڪردارن وشڻو، شِوَ، برهما، ستي (اُما)، وير ڀدر جا نالا به ڏنا آهن. هوُ وڌيڪ لکي ٿو ته 'هن وقت برهما برهمڻن جو، شِو کترين جو ۽ وشنو وئشن جا ديوتا آهن. برهما تخليق ڪندڙ سمجهيو وڃي ٿو. شِو تباهه ڪندڙ ۽ وشنو رکشا يا حفاظت ڪندڙ ديوتا آهي. اِهوئي سبب آهي جو هنگلاجي ديوي جيڪا در اصل ماتا ديوي آهي ۽ آرين جي اچڻ کان اڳ تخليق، زرخيزيءِ ۽ مُعاشي ڀلائيءَ جي ديوي هئي، بدلجي کشترين جي ديوي ٿي پيئي آهي.

ناميارو ڪهاڻي نويس جمال آبڙي، پنهنجي آتم ڪٿا - 'ڏسي ڏوهه اکين سين' ۾ هندو ڌرم بابت لکي ٿو : 'هندو اِزم هڪ ڌرم نه پر سڀيتا آهي ۽ تمام جاندار ۽ وسيع آهي، جنهن هر مذهب کي پنهنجي ڌرم ۾ مد غم ڪري ڇڏيو. ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم ۽ پڻ گرونانڪ جو سک ڌرم به هندو سڀيتا جو حصو ٿي ويا. (هندوُ) مسلمانن جي مزارن، مقبرن، پيرن فقيرن وٽ به ويندا هئا. ڪي هندو ته برڪت خاطر قرآن شريف به پاڻ وٽ رکندا هئا ۽ اُن کي نمسڪار ڪندا هئا. مطلب ته ويڇا مٽيا ٿي ويا ۽ هڪ ڳڏيل تهذيب جنم پئي ورتو. پر ڌارين انگريزن پنهنجي مفاد خاطر، نفرتون ۽ ويڇا وڌائي، هڪ تاريخي ۽ سماجي وهڪري کي بند ٻڌي، پنهنجيءَ حڪومت کي ٽيهه چاليهه سالَ طولُ ڏيئي، هميشه لاءِ ڏچو پيدا ڪري ويا.' (ص - ٩١)

اِهي ته فقط ٿورا حوالا آهن، جن ۾ هندو ڌرم جي خوبين، سندن ديون، ديوتائن ۽ ديومالائي ڪردارن ۽ شاسترن ۽ ڪٿائن، مندرن ۽ تيرٿ آستانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

ڪونہ ڪيندو هو. اوهان هاسانند جادوگر جو نالو ٻڌو هوندو. وڏو سماج شيواڌاري هو. جادوءَ جي پروگرامن ۾ پيسن جون برساتيون وسائيندو هو، ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي پنهنجي چتر زباني ڏيکاريندو هو. پڪو آريہ سماجي هو. سادو سودو. چال پنهنجي، ماني راڄن تي. چوندو هو جي هاسل جي موُت ڪانپوءِ سندس گهر مان ڪنهن جا پيسا نڪرن تہ حيف اٿس. چوَن ٿا تہ ٿيو بہ اِئين. جڏهن سرڳواس ٿيو تہ سندس ڪوٽ جي کيسن مان ڪو ٽورو ريزو مليو. ٽَوَڪليِ تہ اَهڙا اَهڙا ٽوَڪليِ سنڌ جي ڪُنڊ ڪُنڊ ۾ هئا.

هاڻي تہ سائين ڦرڪو ئي ڦِري ويو آهي. جيڪي ڪماءِ سو وڃي پيٽ جي کوهہ ۾ صبح کان شام تائين هڻ پٽ ڪريون، تڏهن مس ٿو گهر جو گاڏو گهيلجي.

اِهي هيون ڳالهيون جيڪي مون ءَ ڏولورام ويٺي ڪالونيءَ جي بينچ تي ڪيون. ايتري ۾ گووند ٺهلراماڻي بہ اَچي شامل ٿيو. هو ڪندو هو ڪپڙي جي دلالي، ممبئيءَ جا ڪا ڪنڊ ڪين ڇڏي هئائين، ڪا مارڪيٽ ڪانہ ڇڏي هئائين جا ڏٺي نہ هجيس، اسان جون ڳالهيون ٻڌي چيائين، 'ڪاڪا، چئو تہ برابر ٿا تہ سچو ڏينهن ٿا ڏک ڏوڙ ڪريون، رت ڪٽورو ٿا ڏيون، تڏهن پٽ ڪٽورو ٿو ملي. پر هرويرو سيني جو اَهڙو حال بہ ڪونهي. اوهين ممبئيءَ جون فائيو اسٽار هوٽلون وڃي ڏسو، ڊسڪو پارلر وڃي ڏسو، بيئر بار وڃي ڏسو. سڀ پريا پيا آهن، سي بہ اُنهن ماڻهن سان جيڪي اَهڙي هاءِ گهوڙا ڪندا آهن تہ پيسو ڪونهي، ڪريون سو ڪريون ڇا؟ آخر اِهو پيسو اَچي ڪٿان ٿو؟ سچ تہ اِهو آهي تہ ٻاهران ڪريون ٿا دانهون ڪوُڪون ءَ اندر وچون ٿا پيسو جمع ڪندا ءَ خرچ وڌائيندا.'

ڏولورام ڪنڌ ڏوڻ ڪئي، چيائين، 'سچ ٿو چوين، گووندا، سچ ٿو چوين. هاڻي تہ ماڻهن هڪ جي ٽوپي لاهي، ٻئي جي مٿي تي رکي ڏوڪڙ ڪمائڻ جو ڌنڌو بہ اختيار ڪيو آهي.'

مون کي بہ ياد آيو چيم 'برابر منهنجو هڪ مائٽ آهي. سٺ تي اَچي پهتو آهي ساد سودا ڪپڙا پائي، سي بہ ڪوشش ڪري کاڌيءَ جا صبح جو سوير نڪري ڇي سوشل ورڪ ٿو ڪريان، پوءِ اڳڻائيندو بئرڪن

ڦرڪو ئي ڦري ويو آهي!

سائين، سنڌ پنهنجي نالي سان هئي، ڪڏهن ڪين ٻڌسون ته سنڌ ۾ ڏڪر، اناج، ڀاڄين ٻُٽين، دالين ۽ مصالحن جي ڪڏهن کوٽ پيئي. کير، مکڻ، ڏڌ ۽ لسي جام. اصل پاڙو، اوڙو ڏيئو پيو هوندو هو. ڳائين جا ولر هجي هڪ گهر ۾ ته سمجهو ته هرڪنهن گهر ۾ وٺاڻ نيو. کير، مکڻ، ڏُڌ فقط پنهنجي گهر ۾ ڪيئن رکبو؟ پاڙي ۾ وراهبو هو، جي شاهوڪار شان سان هلندو هو، ته مسڪين جي موُج پنهنجي هوندي هئي. اوهان پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪي اهڙا دڪاندار ۽ درويش به ڏٺا هوندا، جيڪي ڏينهن جي ڪمائيءَ مان پاڻ کائي، باقي غريب غُربي ۾ ورهائيندا هئا. ڪي ته گهر جا برتڻ اونڌا ڪري ڇڏيندا هئا. چي سُڀاڻ جي ڳالهه سُڀاڻ سان. ماڻهو هئا توڪلي، تنهن ڪري ٿوري ڪمائي به برڪت هئي. ڳوٺن ۾ سٿا به ڪونه هئا، جو پيسي جي نقصان جو خطرو ٿئي. بيڙين پان جي ننڍڙي دوڪاندارڪان وٺي، اناج جي ٻڌن واپارين تائين، ڪومچي وارن کان وٺي، ڀاڄيون، ڪوهر ۽ ڪباب وڪڻندڙن تائين هرڪو ئي خوش لڳندو هو. ڳوٺ ۾ نم ۽ ٻٻر جا ڏندڻ وڪڻڻ وارو يا ڪاٺين جي ڀري وڪڻڻ وارو به شام جو ڪي نه ڪي، سلوار جي وڙ ۾ وجهي گهر ورندو هو. جي نه ڪمايو هوندائين ۽ دال خريد ڪري نه سگهيو هوندو ته مرچن، بصر يا ڏُڌ سان روٽلو کائي پيٽ جهل ڪندو هو. ٻئي ڏينهن ڏوڪڙ ڪٿان ايندا سو صبح مرداني ڏسبو.

هرڪو تونگر ڪونه هو پوءِ به دال روٽيءَ وارو هو ۽ ڪنهن جي ڪاڻ

ملندا آهن، جن جو ڪم ئي آهي بنا محنت، ڪمائڻ، اهڙا چرب زبان جو ڪائڻ ڪير ڪٿي ڪين سگهي. اَهڙا ماڻهو پري کان ئي پنهنجي شڪار کي تاڙي وٺندا آهن ۽ پوءِ ڪندا آهن سندن پيڇو. تيستائين اُن جي جان نه ڇڏيندا جيستائين هو پنهنجي ڳنڍ ڇوڙي ڪين ڪي ڪجهه نه ڏئين. اِها ته ٿي پيشگي. جيڪڏهن اڳلو اجا به سادو هوندو، ڀالو ڀولو هوندو ته پوءِ سندس مٿو سُڪيءَ پاڪي سان ڪوُڙي ايندا. ڏاڍي لهاڙ هڻندا ته مون هيئن ڪيو، مون هونءَ ڪيو، مون هن جي ڇتي لاٿي، اَهڙن حرفتيبازن کي نه شرم نه مرجات.

اوهان پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو ننڍو ناٽڪ 'سماج شيوڪ' پڙهيو آهي، جي نه ته پڙهي ڏسجو. هن هڪ اخبار جي ايڊيٽر جو اَهڙو ته مزيدار چٽ چٽيو آهي جو ڇا چئجي؟ اُهو اخبار نويس ڇا ڪندو هو جو اخبار جي هڪ پرچي ۾ خبر ڇپيندو ته فلاڻو ڄڻ، ڪي ٻئين ڪُڌي ڪم ۾ شريڪ آهي. پوءِ نالو وٺڻ ڪانسواءِ لکندو ته جيڪڏهن هن سمجهه کان ڪم نه ورتو ته ٻئي پرچي ۾ سندس ڦاٽ ڦاڙيو ويندو. بيان ۾ وڌاءُ اَهڙو ڪندو جو پاڻڪ ڪوڙ کي به سچ سمجهي پيو ڏُڪا لڳائيندو. ڪو عزت شان وارو، اِشارو پاڻ ڏانهن سمجهي پيو سُسندو ۽ هليو ويندو ايڊيٽر صاحب جي دفتر ۾ رقم ڏيئي جان ڇڏائي ايندو. متان عزت تي ٽِڪو لڳي.

ٻئي پرچي ۾ اُن سنسنيخيز خبر جي اُپٽار ئي ڪانه هوندي! مطلب ته اخبار نويسيءَ جي شاندار ڌنڌي ۾ به اَهڙا افلاطون گهڙيا آهن، جن کي جيڪر Yellow Journalist چئجي. اَهڙن ڪم ڪندڙن ۽ شيواڌارين سماج جو نالو بدنام ڪيو آهي.

ايمانداريءَ سان ڪمائڻ وارن جي ڪوٺي ڪانهي. محنت سان ڪمايل پئسو وڌندو آهي ۽ خوشي بخشيندو آهي، ڪوڙ جي ڌنڌي مان پلي ٻاهرين خوشي ملي، عيش ملي ٻر من جو چين ڪين ملندو، سادائين ڪوت ڪُٺي پيئي هوندي. اَچو ته اُهو ڪمايون، اَهڙو ڪمايون جيڪو برڪت پريو هجي ۽ من جو آنند ڏئي.

جا چڪر، ڪنهن کي چوندو ته ٽڪري وٺي ڏيندوسانءِ. ڪنهن کي چوندو الهاسنگر جي ڪائونسلر سان واقفيت ڪرائيندوسانءِ. متان سرڪاري پلاٽ تي اڏيل دڪان کي ڊهرائڻ ڏين. بابا، سيٺيءَ بي قاعدي اڏاوتون ڪريو وينا آهن. پوءِ تون ڇو ٿو ڊڄين؟ ’بس، پوءِ پنهنجي ڇتر زبانيءَ سان خرچ جي بهاني، اڳلن کان رقمون وٺي پريندو ڪيسو. موٽندو گهر. بدلائيندو ڪپڙا. سوٽ بوٽ پائي پهچندو بيئر بار ۾ ۽ ڪنڊ وٺي پيگ پاڻي پي، گهر اچي فرحتي ننڊ ڪندو. رات ڳئي، بات ڳئي. ٻئي ڏينهن ياد به ڪونه هوندس ته ڪنهن کي ڪهڙا ڏنا ڏيئي آيو هو. جيڪڏهن ڪو ڪٿي ڳڏيس ته ڏيکاري ائين ڏيندو ڄاڻ ته سڃاڻيس ڪونه.‘

ڍولورام چيو، ’اهي ته ٿيا بي روزگارن جا ڪم. جنهن ڪالونيءَ ۾ اڳي رهندو هوس. تنهن ۾ رهندو هو هڪ وڪيل، جيڪو ڪورٽن ۾ سالن جا سال اصيلن جي پنيان ڌڪا ساٽو ٿي پيو هو. آخر ڀاڳ ڀرايس ۽ نوٽري پبلڪ مقرر ٿيو. سائين، چاندي ٿي پيس. جنهن کي ڪانئس ڪم ڪرائڻو هوندو هو، سو اوس سندس بريف ڪيس ۾ چوڻا پيسا وجهندو هو، تڏهن ڪم ٿيندو هوس، ڇڙن سالن ۾ ڳپل ناڻو ناهي وڃي انڌيريءَ ۾ گهر ورتائين. جيڪي قاعدي قانون جا ڄاڻو، تن جا به اِهي ڪم.‘

اِتي ڳووندي چيو، ’اسانجي چيمبور جي سوسائٽيءَ ۾ ٿيو هڪ سيڪريٽري ڏسڻ ۾ سادو. سيٺي سان رامست ۽ هٿ جوڙ - ڪالونيءَ وارا چون ته يار، هيڙو لائق ماڻهو ڪالونيءَ ۾ هو تنهن کي هن کان اڳ سيڪريٽري ڇو نه ڪيوسين؟ پتو تڏهن پيو، جڏهن ڪالونيءَ ۾ وڏيرڙو پاڻيءَ جو پائيپ وجهائڻ لاءِ سوسائٽيءَ جي فنڊ مان لک ڪن ڳر ڪري ڇڏيائين. جڏهن پڇيوسينس ته ڇڱا مڙس پئسا ڪاڏي ويا؟ ته جواب ڏنائين : اوهان کي پاڻيءَ جي وڏي لائين وجهائي ڏنم، تنهن لاءِ مهربانيءَ جي ماڳ، اٽلو پڇو ٿا ته پئسا ڪاڏي ويا! اوهان جي شيوا ڪيم سا مفت ۾؟ ٻڌڻ ويو آهي وسري، لڏڻ آيو آهي ياد.‘

آسانجي آسپاس، آفيسن ۾، مارڪيٽن ۾ اهڙا سائينءَ جا سنواريا

اَڇ، اَڇو تہ اُنهن جون ڪي ڳالهيون ٻڌايانوَ. ڳالهيون ٻُڌل وڏيڪ آهن، ٿوريون ڏٺل آهن ۽ ڪي پڙهيل بہ آهن، ڪي مزيدار آهن تہ ڪي ڏکوئيندڙ. ٿي سگهيٿو تہ ڪٿي وڌاءُ بہ هجي پر نِپَٽ ڪوڙيون بہ نہ آهن!

طور طريقا اَبوجهہ اِنسانن جو فائدو وٺڻ لاءِ اَهڙن پيرن فقيرن طريقا بہ نوان نوان ايجاد ڪيا آهن. چوندا آهن تہ پِير ڪي ڪٽڻ مريد. سو اَهڙن پيرن وٽ مفت ۾ عيش ڪندڙ مُريدن جو عدد ڪو مقرر ڪونهي، جيڪي ڳوٺن ۾ وڃي سندن عجيب ڪرامتن جا ذڪر ڪندي ڪين ٿڪبا آهن ۽ ويچارا ويساهہ وسوڙل سنڌي ڳوٺاڻا چمتڪارن جا قصا ڪهاڻيون ٻڌندي 'واهہ واهہ، صدقي صدقي' جا آواز بلند ڪندا آهن.

پير پنهنجي هڪ پُراڻي مريد کي موڪليندو پسگردائيءَ جي ڳوٺن ۾ جيڪو مسڪين جي گهرَ تي ڪڙڪڻ ڪان اڳ ڪنهن جو سڄو احوال هٿ ڪري، قصو جوڙيندو پوءِ ٿيندو سندس ڪم شروع :

'ميان، اِسلام عليڪم'

'واليڪم سلام.' جواب ملندو.

'خوش خورم. ٻني ٻارو، مٽ مائٽ، زال ٻار سڀ زور؟'

'بس الله جو شُڪر آهي.'

'واهہ واهہ، سدائين خير هجي. پلا اَسان وينا آهيون پير مرادشاهہ جي پناهہ ۾، سو خير ڪيئن نہ هوندو.'

'سچ آهي، خير بہ ڪنهن کي لڳي. روزي روٽي آهي الله جي وَس ۾.'

'اَبا، خدا بہ خير ڪري تہ مٿان آسمان مان تہ ڪونہ پريون پري موڪليندو اُهو بہ موڪليندو ڪنهن جي هٿان.'

'سچ ٿو چوين، ادا.'

'آءٌ سچ چا ٿو چوان؟ سڄي جڳ جهان کي خبر آهي. اسان جي ٽن پيڙهين کان سيد مراد شاهہ وٽ مُريدي قبول پيل آهي. ڪڏهن ڪا مشڪل اچڻ واري بہ هوندي آهي تہ پير صاحب جي فيض سان سوُريءَ مان ڪنڊو ٿي پوندو آهي.'

پيرَ کي ڪٽن مُريدا!

اَسان سنڌين ۾ ايترييون خوبيون آهن، جيتريون ٻين جاتين ۾ نٿيون ملن. اسين سنڌي صوفياڻيءَ طبيعت جا آهيون. اسان ۾ ڌرم، مذهب جو ويروروڌ آهي ئي ڪونہ. هندو، مسلمان، عيسائي سڪ سيپ ساڳيا. هڪ ٻئي وٽ اَچون، وڃون شادين مرادين ۾ شريڪ ٿيون، نچون، ڳايون، اسان لاءِ عيد ساڳي تہ هولي ۽ ڏياري بہ ساڳي. سنڌ ۾ وڏي شهر کان وٺي ويندي ننڍي واهڻ تائين، هرهنڌ پاڙ ۾ گڏجي مسجي رهندا هئاسين. شاه لطيف جي درگاه تي بہ سلامي پرينِدا هئاسين تہ سچل سرمست جي روضي تي وڃي بہ دعائون گهرندا هئاسين. سائين وسڻ شاه، ستگرو سترامداس ۽ ٻين ڪيترن پهتل شخص ۽ درويشن ۾ اسان جو صدق هو. هرهنڌ متو ٽيڪيندا هئاسين ۽ آشيرواد مڱندا هئاسين ۽ ٻاجهہ جي ٻيک پنندا هئاسين. ورهاڱي وڏا ويڇا وجهي ڇڏيا. ڀارت ۾ آياسين تہ بہ سنتن فقيرن مان اسانجو ويساه ڪين ويو. اجا بہ پيا مندر، ٽڪاڻا، مڙهيون ۽ ڏيوريون ٽيڪيون.

سچا سنت ۽ صوفي فقير تہ صدق جي لائق آهن، جن جا درپيتي ڪِيني، بغض ۽ ساڙ کان مٿي اُڀريا آهيون پر اسان جي اَٽوت شرڌا جو ڪن اَجوڳ فائدو بہ ورتو آهي. اَهڙا دوکيباز، مڪار عياش پير فقير اَجا سنڌ ۾ آهن، جن سادن سودن سنڌين کي سالن کان پئي لٽيو ڦُريو آهي. اَهڙا پيرَ پيڙهيءَ پيڙهيءَ هلندا اَچن ۽ ماڻهو اَجا سندن ٽوٽن، ڦيٽن، تعويذن تي پنهنجون هڙون ڦرائيندا اَچن! (هند ۾ بہ گهٽ نہ آهن.)

’ادا، ڪھڙو خير؟ ڏيئڙي پيئي آھي باھ جي بنيءَ ۾. تن مھنن کان. حڪيم، ڏاڪدر پيتي پيتي ٿڪا آھيون پر ڦڪين فرق ڪونھي. ھاڻي تہ الله جي آسري ويٺا آھيون، جو ڪو فضل ڪري.‘

’ڏنئہ؟‘، مريد ٺھڪ ڏيندو.

’چو ادا، ڪلين پيو؟‘

’ھاڻي توکي ڪھڙي ڳالھہ ٻڌايان؟ صبح مرداني پير جي روضي تي ويس تہ مون کي گوشائتي ھنڌ وٺي ويو. چيائين، ميان رات سپني ۾ ڏٺو اٿم تہ قطب خان جي ڏيئڙي بيمار آھي. تونس بہ تونس اٿس. آھي ڪا توکي خبر؟ جواب ڏنم تہ قبلا، مون کي تہ ڪا پروڙ ڪانھي. چيائين تہ پوءِ چڏ ان ڳالھہ کي. متان وٺس وڃين ۽ ٻڌائينس. الله پاڻيھي آواز ڏيندس. پر يار، آءٌ تہ پير جي ڳالھہ ٻڌي ھليو آيو آھيان تو وٽ. ٻچڙي ھن حال ۾ پيئي آھي سو پاڙي جو ننگ تہ رکبوا فڪر نہ آھي جي پير صاحب اڳيان ڪوڙو ٿيندس، ٻچڙيءَ جي جانِ تہ بچندي. ھاڻي سيگھہ ڪر، پنج سوٌ، ھزار ڪٽي وڃي پير صاحب جو سجدو ڪر ۽ تعويذ پڙھائي وٺي اچ، معصوم جي ڳچيءَ ۾ ٻڌ.‘

بس، پوءِ تہ قطب خان ڦاٿو ۽ سو بہ اھڙي ڪوڙڪي ۾، جو يا عمر پاڻ تہ ڪين ڇٽندو پر سندس ايندڙ پيڙھيون بہ پيئون اھي ٽوٽا ڦيٽا، تعويذ ۽ ڪاغذ وٺنديون ۽ پير صاحب ۽ سندس سجاده نشين جي اڳيان جانا، گيسيون پرينديون!

پير صاحب جي سواري

ھرڪنھن پير جو درجو الڳ آھي. پير صاحب کي پيسي پنجڙ ۽ عيش آرام جي لوڙھ پيئي تہ ٿينديون تياريون مريدن کان اوڳاڙي ڪرڻ جون. جيڏو پير وڏو ۽ وڏيءَ سونھاريءَ وارو، تيتري شان واري ٿيندي سندس سواري. مريدن جا گڏھ، گھوڙا، ڏاند گاڏيون، اُٺ ۽ اُٺ گاڏيون تہ سندس ملڪيت آھي. مريدن کي نياپو ويو تہ مريدن وٽ وڃڻ لاءِ

’اِئين؟‘ ويچارو ڳوناٺو دلچسپيءَ ڏيکاريندو ته جڻ مُريد جي ٻيگهي متي.

’ٻُڌ ڳالهه. منهنجيءَ زائفان کي ٿي پيو ٽيهڙ. سوچيم ته ذريءَ ذريءَ ڳالهه تي پير صاحب کي وڃي تڪليف ڏيان، سو واجب نه آهي. سو پيو دعا گهرندو هوس ته متان پاڻيهي لهي وڃيس. ٽيِهڙ به چوي ته اِئين ڪيئن لهندس؟ زال وڃي ڳري ڪنڊا ٿيندي. آخر هڪ ڏينهن هليو ويس پير صاحب جي پِڙ ۾. مراقبي ۾ ويٺو هو. منهنجو پهچڻ ۽ پير صاحب جو ٻاهر اَچڻ. اصل ڪمال ٿي ويو. ڀِريندي ئي پُڇيائين ته ميان الله بچايا، ايڏو لڄ شرم ڇو ڪيئه؟ بابلا، مون کي جاڻ آهي ته تنهنجي گهر واري وڏي عذاب ۾ آهي. الله وسين، منهنجا ته طاق لڳي ويا! پير صاحب کي ته اڳي ئي جاڻ پئجي ويئي هئي! بس پاڻيءَ جو هڪ وٽو ڀري پڙهي ڏنائين جو وڃي گهر واريءَ کي پيئاريم. ڪيڏانهن ويو ٽيِهڙ، ڪيڏانهن ويئي بيماري. بس، اُٿي ڪڙي ٿِي. هاڻي ته اڳي کان اڳري آهي.‘

’الله رکيئي! واه واه. ايڏي مڙيئي ڪرامت آهي پير صاحب جي پاڻيءَ ۾؟‘ ڀورڙو عجب لڳائيندو.

’نه، تڏهن؟‘

’پاڻي ته وري به پاڻي. پير صاحب جي راضي ٿي رُڪعو پڙهي، تعويذ ٺاهي ڏنو ته پوءِ پوَنِ ٻارهن. مجال جو ڪا بيماري منهن ڪڍي!‘

پوءِ سائين، مريد ته ڏؤ تي ماني کائي، چاندي پاڻيءَ جي رقم چڏائي وڃي گهر پهچندو ۽ ويچارو مسڪين پيو ڏينهن جا ڏينهن پير جي ڪرامت جا قصا، گهر جي ڀاتين کي ٻڌائيندو ۽ يارن دوستن سان ونڊيندو.

... هڪ ٻئي مريد جي ڳالهه ٻڌو. خبر پيس ته قطب خان جي ڏيئڙي آهي بيمار، سو لنگهي ويو وٽس.

’ميان، خير ته آهي؟‘

فرمائشون شروع. مريد بہ پنهنجو پنهنجو وارو وٺندا. هرڪو پنهنجي پسندي ظاهر ڪندو. رات جي مانيءَ تي هڪڙ ڪُسجي ويندا. دسترخوان تي هوڙ پلاءَ ايترا جو مريد ڪائي پي آڦرجي پوندا. سمهڻ ڪان اڳ مريد ڳائيندا پير صاحب جي شان ۾ قصيدا ۽ ڪي وري ڳوڻاٽن ڪي سندس ڪرامت جا ڪرتب هڏائيندي نہ ٿڪبا. رات جو نشا پتا ڪري سمهي پوندا. هئي ڏينهن وري سائي ڪار.

اِئين تماشو ايترا ڏينهن هلندو، جيترا ڏينهن پير صاحب جي دل چاهي. جڏهن سندس دل ڍاپجندي، تڏهن وڏي مريد کي اِشارو ملندو جيڪو ميزبان مريد کي پاسيرو وٺي نذراني بابت ڳالهہ ڇيڙيندو. جئن ئي مرشد جي اڳيان نذراني ۽ تحفن جا ڍير لڳندا تئن ئي هيو پروگرام ٺهندو ۽ پير صاحب سان صلاح مصلحت ڪري هئي مريد جي گهر تي ڪاهہ جا سانباها ٿيندا. ٽن چئن ڏينهن ڪان پوءِ جي پير صاحب جي سواري اڳتان وڌي تہ سمجهو تہ ميان جو فائدو ٿيو جو ٿوري ۾ ڇُٽو.

جڏهن قافلو ڪوچ ڪندو تڏهن ميان ڪندو حساب ڪتاب. سندس ٻارهن ئي وڄي ويندا ڇو جو زميندار، دڪاندار ۽ مٽن مائٽن ڪان ايترو قرض ڪنيو هوندائين جو اُن ڪان آجو ٿيڻ لاءِ سالن جا سال پيو ڳهندو. پوءِ بہ سمجهندو تہ جنت جي پرواني هٿ ڪرڻ لاءِ سستو سَودو ٿيو!

پِيرن جا اعمال

سنڌ سڄي پيِرن سان ڀري پيئي آهي. هرهنڌ، هرڪُنڊَ ۾ 'پهتل' پِير آهن. مريدن جو منجهن ايترو تہ ويساه آهي جو جي پير چوين تہ ساه صدقو ڪرِ تہ بہ ميان تيار ٿي ويندو. ڪِن پيِرن جا پوئلڳ چوريءَ جو ڌنڌو ڪندا آهن ۽ پير سندن ڪمائيءَ مان جاوا ڪندا آهن. ڪِن پيِرن وڏا رهزن پالي رکيا آهن جي رڳو سندن حڪم جي انتظار ۾ هوندا آهن. پرچونديءَ جي پير جي ڇُرچ تي ڪبيٺن سنت ڪنوررام جهڙي

سواريون هڪيون ڪريو تہ دير ڪهڙي لڳندي؟ پلا، جن جي گهر جو سادو ڪاڏو سندن پورت ڪين ڪري سگهندو، سي پير جي مريدن جي بوڙ، پلاءُ جو سواد وٺڻ لاءِ ڪيئن نہ هرڪجندا؟

سيني جي پٽڪن ۾ وَرَ پوندا ۽ نهي لُڪي اَچي پير صاحب جي اوطاق تي پهچندا. ائين چڱو خاصو ڪٽڪ نهي پوندو. پوءِ مُريد انتظار ڪندا تہ آخر ڪنهن تي تي پير جي مهر جي نظر پوي جنهن کي مکيہ مريد پڌرو ڪندو. آخر جنهن مان پير صاحب کي وڏيڪ فائدو ملڻ جي اُميد هوندي، سو ٿيندو وڏو مُريد. اُهو مُريد مُڇ کي وڪڙ ڏيئي ٿيندو اڳيرو ۽ وڃي چڙهندو پهرئين گڏه يا گهوڙي تي. گهنبُ ملندس هٿ ۾، جيڪو وڄائيندو تہ پنيان پير صاحب ۽ مريد پنهنجين سوارين تي چڙهندا ۽ قافلو وڌندو اڳيان. گهنب وڄندو هلندو ۽ مُريدَ، پير صاحب جي ساراه جا نغما ڳائيندا ۽ ’قربان قربان - صدقي -صدقي‘ چوندا هلندا رهندا. رستي جي ٻنهي پاسن تي ماڻهو اَچي مڙندا ۽ جُهڪي پير صاحب کي سلام ڪندا ۽ صدقو صدقو چوندا. پوءِ هرڪنهن کي ٿيندو انتظار تہ آخر پير صاحب ۽ سندس سواري ڪهڙي مُريد جي گهر ٻاهران منزل هٽي. وڏو مريد، پير صاحب جي مريد جي گهر تي بيهي گهنب وڄائيندو ۽ اطلاع ڏيندو تہ ابا، جلد ٻاهر نڪر ۽ پير صاحب ۽ سندس مُريدن جي ڪٽڪ جي خاطرداري ڪر ۽ مهماني جهل. همراه گهر مان نڪتو مس تہ ’واه واه‘ ۽ ’مبارڪ مبارڪ‘ جا نعرا لڳندا. ميان کي پڪ ملندي تہ ڪيس ستين آسمان تي پهچائيندو تہ اِهو پير. پوءِ تہ سائين ميان پڇندو ڳوٺ، ڪجهہ زميندار کان تہ ڪجهہ مٿن مائٽن کان قرض وٺندو ۽ موٽندو پنهنجي گهر، جنهن تي مريدن جو اڳي ئي قبضو ٿيو پيو هوندو. ڪتولا وڃائجي ويندا، طول وهاڻا رکجي ويندا ۽ هرڪو مُريد، پير صاحب جا هٿ پير چُمي وڃي پنهنجي جڳهہ تي آرامي ٿيندو.

پِير صاحب جي مُڇَ مٿي ٿيندي ۽ سونهاريءَ تي هٿ ڦيرائي، ڪندو

اَسانجي تعليم ۽ ٽيوشن

خيرن سان اِسڪولن ۾ وري ساليانيءَ امتحان جا ڏينهن آيا آهن- هڪ طرف ٻارن جي ٽي. وي. ۽ ويڊيو ڏسڻ تي بندش آهن ته ٻئي طرف ويچارا مائٽ ان چنتا ۾ آهن ته نه رڳو سندس ٻار امتحان ۾ ڪامياب ٿين پر پنهنجي هم ڪلاسين کان گوءِ کڻي وڃن! ڪي مائٽ ته ڪي. جي. ڪلاس کان وٺي ٻارن جي ڪَڍِ آهن ته پڙهن، وري پڙهن ۽ رڳو پڙهن! ويچارا معصوم، ان گهوڙي جي ريس ۾ ڊوڙندي، هارائيندي ۽ کٽندي پنهنجو ٻالپڻ ئي ڪوهيو ڇڏين!

پنهنجي ڪالونيءَ جي ٻارن کي ئي ڏسو. اِسڪول بعد جيڪي وقت بچين سو تيلها پُنيءَ تي لڳائي هلن ٽيوشن ڪلاس ۾. اِها ڏوڪ ڏوڪان ايتري ته ويئي آهي جو جيڪڏهن ڪنهن جو ٻار ٽيوشن ڪلاس ۾ نه ويو ته مائٽن جي گهٽتائي ٿيو پوي ۽ پاڙي ۾ پنهنجو شان رکڻ لاءِ مجبوراً کين به ٻارن کي ٽيوشن لاءِ موڪلڻو پوي.

تنهن ڏينهن هڪ پاڙيواريءَ کي ڏسان ته ننڍي سنهيري، ڪُرتي ۽ ٽرائوزرس پائي ٻار کي گهليلندي پيئي وڃي. ٻار جي حالت اَهڙي جهڙي گلي ۾ رَسيِ ٻڌل ڳُلر جي. پڇيومانس ’ٻچڙي، ڪيڏانهن پيئي معصوم کي گهليندي وڃين؟‘

چيائين، ’دادا، ٽيوشن ٽيچر وٽ.‘

’اَڃا پڙهي معصوم ته اڃا پهرئين درجي ۾ به ڪونه هوندو!‘

’پهرئين ۾ ڇا جو، اَڃا اَپر ڪي. جي. ۾ آهي.‘

ست پرش جي جان ورتي! دنگا، فساد بہ پيرن جي ھٿيءَ تي ٿين. چانڊين منگسين جي ويڙه سنڌ ۾ مشھور آهي. ٻنهي ذاتين کي پنهنجو الڳ پير آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ چانڊين منگسين جي وچ ۾ ناهه جي ڪوشش ٿي تہ پير وچ ۾ پوندا ۽ ناهه ڪرڻ ئي ڪين ڏيندا ڇو جو انهن ڪي ڀاڱ ۾ ويڙهائي مال ماري وڃڻ سندن ڌنڌو آهي. ڌاڙن لٽڻ ۽ قُرن مان تہ جاوا ڪيا اٿن پر سياست تي بہ قابض آهن. سنڌ ۾ چونڊون ٿيون تہ جڻ پيرن جو ڀاڳ کُليو. سياسي پارٽي کھڙي بہ ھجي، تنهن سان سندن واسطو ڪونهي. پارٽي اُها پلي، جنهن پير جي ڳنڍ کوسي ڪئي. زالين مردين اُن اُميدوار کي ووٽ ڪندا، جنهن لاءِ پيرَ حڪم ڪديو هوندو. مطلب تہ ڪا بہ چونڊ پيرن جي سرپرستيءَ کان سواءِ ڪٽڻ مشڪل آهي. تنهن ڪري سنڌ ۾ سنڌين جي قسمت، پيرن مرشدن جي هٿ ۾ آهي. سڀ سوڙو ڀڪڙيل ڌاڙيل بہ پيرَ جي سفارش تي ڇٽيو اَچي. ڏلو وائنو خون ڪري بہ خوني آزاد پيا ڦرن، ڇو جو مٿن ڏوهه مڙهي ڪانہ ۾ وجهائڻ جو ڪارنامو پير کي مهرائي ڇڏيندو! مطلب تہ سنڌ سدائين ڏولاون ۾ آهي. جيستائين سنڌ جا پلاند اهڙن فريبين جي هٿ ۾ آهن، تيستائين اُتي اَمن ۽ استي اچڻي ڪانهي، ڀوءِ پلي ڏهہ ڀيرا مارشل لا لڳي يا فوج حڪومت هلائي ۽ سختيءَ کان ڪم وٺي.

اَچو تہ دعائون گهرون تہ سنڌ کي اهڙن مڪر بازن ۽ نوڳين کان نجات مِلي جئن اُها وري چين جو ساهہ کڻي سگهي!

(٧-٢--١٠٠٢ع)

هندواسي آرتوار ٣-٦-١٠٠٢ع

ٻيو ڦيرو اِهو آيو آهي تہ ماستر ٿئي ٿو اُهو، جنهن کي ٻي ڪا نوڪري نٿي مِلي. هُنَ ۾ ٻارن جي سکيا ڏيڻ جي ڪهڙي لياقت يا لڳن آهي، سو ڪير ڪين ڏسندو. بس، ڊگري وٺي آيو ۽ نوڪريءَ لاءِ درخواستون ڪري ٿڪو تہ لاچار وڃي اِسڪول جي گيٽ وٽ آسائتو ٿي ويهندو تہ متان ڪا جڳهہ خالي هجي ۽ ڪيس وجهہ مِلي. اِسڪول هلائيندڙ بہ ڀانئجي ويا آهن سي اُميدوار جي ضرورتمنديءَ جو پورو پورو فائدو وٺندا آهن. نوڪريءَ جي پڪ تڏهن ملندي جڏهن ’تعليمدان‘ جي هڙ ڪوسي ٿيندي ۽ سا بہ هزارن ۾! ماستر کي ملندو پگهار هڪ هزار تہ صحي ڪرڻي پوندس، ٻن هزارن تي. اڌ ويندو ماستر جي کيسي يا ماستربائيءَ جي پرس ۾ تہ اڌ ويندو اِسڪول جي ’مالڪ عرف مئنيجر‘ جي تجوريءَ ۾ يا ’تعليمدان پرنسيپال‘ جي بريف ڪيس ۾! پوءِ ٻڌايو تہ اَهڙا ماستر پگهار جو ’ڦُرايل‘ اڌ وصول ڪن يا لڳن ۽ محنت سان پاڙهين، جئن ٻارن جو آئيندو سُڌري! جيڪڏهن ڪلاس ۾ ايترو پاڙهين ۽ محنت ڪن تہ پلا ٽيوشن مان ڪِيئن ڪمائيندا؟ بس، ڪلاس ۾ پاڙهيو نہ پاڙهيي جهڙو، پيءُ مائٽن کي ٽياپا موڪليندا تہ ٻار ڪچو آهي، ناپاس ٿي پوندو ۽ سال وڃائيندو، تنهن ڪري سال بچائڻ لاءِ هڪڙو ئي رستو آهي تہ رَکي ڏيوس ٽيوشن يا موڪليوس منهنجي ٽيوشن ڪلاس ۾ جئن اَهڙو پاڙهيانس جو مائٽن جا ماشا تہ ڦيري پر سڄي ڪالونيءَ جي رهواسين جون اکيون چرخ ڪري!

پيسا ڦينڪ، تماشا ديک

سائين پيسي جو جادو بہ وڏو آهي. منهنجي هڪ دوست جو پوٽو هئو پنجين ۾ تہ پاس ڪونہ ٿيو! ٻئي سال ڏسانس تہ وڃي ٻئي اِسڪول جي ڇهين ۾ وينو. اِئين يار هر سال فيل ۽ هر سال پاس ۽ وڃي درجو ٽپندو. هاڻي خيرن سان ٻارهين درجي ۾ آهي! پڇُس ڪان پڇيم تہ پٽ، اِهو ڪمال ڪيئن ٿيو؟ ٺهڪ ڏيئي چيائين تہ ڪاڪا، ٽيوشن ۽ رشوت. ٽيوشن ماستر کي ۽ رشوت پرنسيپال کي. جيڪڏهن ماستر بہ راضي هجي ۽

’ٽيوشن جي پوءِ ڪهڙي ضرورت اٿس؟‘

نندي نيڻي تعجب ۾ پيئي. چيائين، ’ڪاڪا ٽيوشن تي نه وڃي ته پڙهندو ڪيئن؟‘

’پر بابلي، تون پڙهيل ڳڙهيل آهين. تون ئي ڪٽي ويچاري کي گهر ۾ پاڙه.‘

مائي ڏسان ته چهري جو رنگ ئي ڦري ويس. سوچيو هونداڻين ته هن ٻيڙي يڪ کي ڪير سمجهائي ته ٽيوشن ڪيتري ضروري آهي. هي ته ڏاڏي آدم جي ڏينهن جون ڳالهيون وينو ڪري!

اوهين ئي ٻڌايو ته ڇا ٽيوشن ايتري ضروري آهي؟

اَسين ننڍا هوندا هئاسين ته ٽيوشن جو نالو ڪنهن ڪونه ٻڌو. جي انگي حساب ۾ ڪچا هوندا هئاسين ته چاچو ماستر مولچند جي گهر ۾ چڙي ايندو هو، جتي ڪلاڪ اڌ پڙهي واپس موٽندا هئاسين. ڇا جو پيسو ڇا جو ڏوڪڙ. ماستر صاحب کي گهٽيءَ ۾ ڏسي پيرين پياسين ته ماستر صاحب جي ٽيوشن جي في وصول ٿي ويندي هئي. انبن جي موسم ۾ وڏ ۾ وڏ چار ڇهه انب وڃي ماستر صاحب جي زال جي پوتيءَ جي پلاند ۾ وجهندا هئاسين ته هوءَ سوَ آسيسون ڪندي هُئي ته اَبا، شل پڙهي ڳڙهي ڪلٽر ٿِين! تو جهڙا سدورا ٻار ته ڪٽنب جو نالو روشن ڪندا.

اِئين برابر آهي ته اڄ اِسڪول ۾ پڙهبا هئا بہ ٽي ڪتاب ۽ انگي حساب پر هاڻي ته ڏهن ٻارهن ڪتابن جو نِصاب ٺهيو پيو آهي. انگريزي، سنڌي، مرائي، تاريخ، جاگرافي، حساب، سائنس، ۽ ٻيون وِشيون. مطلب ته ٻار جي ٿيلهي ۾ ڪتاب وڃن وڌندا ۽ سندس ڪمر وڃي جُهڪندي! ايتري قدر جو جي ٻارهون پڙهي نڪتا ته چيلهه جي سوُر جي پيا دانهن ڪندا.

لکيا پيا آهن! ٿيندو هيئن هو ته، ماستر صاحب بورڊ تي هڪ اکر به لکڻ جي تڪليف نه وٺندو هو ۽ نڪي پاڙهيندو هو. پيرڊ شروع ٿيو ته ٻارن کي چوندو کڻو ڪتاب. ٻار لس ئي لس پڙهندا ويندا هئا ۽ ماستر صاحب ڪرسيءَ تي براجمان ٿي پيو اوٻاسيون ڏيندو هو. فُرجو ختم ته باب به ختم. پوءِ ڪرائيندو هو ڏؤر. ڪتابن ۾ ڇپيل سوالن جا جواب، ڪتاب ۾ نشان ڪرائيندو هو ۽ ٻارن کي چوندو هو ته مٿان لِکو سوال ۽ هيٺان لکو هوُبهو اُهي جواب. کيل ختم.

بس سوال ۽ جواب لکندي ڏينهن جا فُرجا پورا ٿي ويندا هئا پر شاڳردن جي ڏيي ۾ نِڪريون! جي مائٽن ٻارن جي پڙهائيءَ جو حال پروڙيو ته شڪايتون ڇڏي، موڪليندا کين ماستر جي ٽيوشن ڪلاس ۾. ماستر جون ته پنج ئي گيهه ۾. ڪلاس ۾ اوٻاسيون ۽ ٽيوشن ڪلاس ۾ مٿان سوال، هيٺان جواب. ڪو اهڙن ماسترن کان پڇي ته ابا، باقي توهان پنهنجي ڪلاس ۾ ڪهڙا ڦاڙها ماريا؟ جيڪڏهن سوال به ڪتاب ۾ ۽ جواب به ڪتاب ۾ ته پوءِ توهين ڪهڙي مرض جي دوا آهيو؟

(۹ مارچ - ۲۰۰۱ع)

هندواسي آرتوار: ٦-مي-۲۰۰۱ع

پرنسيپال بہ خوش هجي تہ ڪنهن کي مجال آهي جو چوري کي ناپاس ڪري. بس، پيسي جي راند آهي. پيسا ڦينڪ، تماشا ديک.

توئي ٽنگون ٽيڙيون ....

هڪ پرنسيپال صاحب جو پُٽ هو نپٽ ڏڏ. جنهن ڏينهن امتحان هجي تنهن ڏينهن بيمار ٿيو پوي. مرائيءَ ۾ امتحان هئس تہ صاحب ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ جو بندوبست ڪيو. امتحان ٻيهر ورتو ويو، تہ بہ پرنسيپال صاحب چوي تہ چوري تي بخار جا مچ ٻريا پيا آهن. سائين، پوءِ ٿيو خاص ٿيون امتحان، جنهن لاءِ پيپر ڪڍيو جنهن ماستر تنهن کي چيو ويو تہ اَبا، هاڻي پيو بہ قرب ڪر. منهنجي گهر اَچي چوڪر کي سڄو پيپر پڙهائي وڃ. ٿيو بہ اِئين. ڀلا ماستر صاحب پرنسيپال صاحب کي ڪيئن انڪار ڪري؟ هوُ تہ اِن وجهہ جي تاڙ ۾ هو.

سو پرنسيپال جي گهر ۾ وڃي سڄي جي سڄي پيپر جو جواب لڪارائي ڇڏي آيو ۽ چوري وڃي ٻڙي مارڪن مان ٨٠ مارڪن تي ڏَڪُ هنيو. پيپر ڪڍندڙ بہ ساڳيو، جواب لکائيندڙ بہ ساڳيو، تہ جاچڻ وارو بہ ساڳيو. چوڻي آهي تہ توئي ٽنگون ٽيڙيون تہ بندا ڪيئن ڪندا؟

سو ماسترن کي تہ ڇڏيو پر اسانجي تعليمدانن جا بہ اِهي افعال آهن. ڪنهن کي ڏوهہ ڏيئي ڪنهن کي ڏيون؟

مٺان سوال، هيٺان جواب

هڪ ماستر صاحب کي سڃاڻان. ڪيس پنج سال گرئجوئيٽ ٿيڻ ۾ لڳا پوءِ بہ بِي. ايڊ. ڪري آيو ۽ لڳو وڃي ماستريءَ تي. اِسڪول ۾ پهچي تہ اوٻاسيون شروع. گهر موٽي تہ بہ اوٻاسيون. ڪِن مائٽن شڪايت ڪئي تہ سائين ڪلاس ۾ پڙهائي آهي ڪانہ، چورا تہ ناپاس ٿي پوندا. ماستر ڏمرجي پيو. چي: سائين، وڃي پنهنجن چوڪرن جا نوٽبوڪ ڏسو، جن ۾ سيني سوالن جا جواب لکيا پيا آهن. وڏيڪ آءٌ ڪهڙو مٿو ماريان؟ مائٽ جو وڃي ٻارن جا نوٽبوڪ جاچين تہ ڏسن تہ سيني سوالن جا جواب

اِنهن حالتن جو گهٽ ۾ گهٽ فائدو ورتو آهي خانگي اِسڪول هلائيندڙ سنسٿائن، جيڪي ڏينهن پوءِ ڏينهن وڌنديون ويون ۽ ناٽي سان تجوريون ڀرينديون ويون.

’آئوٽ لُڪ‘ هفتيوار مخزن هڪ پڙتال ۾ ظاهر ڪيو آهي ته ڪيترا خانگي اِسڪول شيوا ڪرڻ جي آڙ ۾ مائٽن کي لُٽي رهيا آهن. حقيقتون پڙهي ڏندين آڱريون اچي وڃن ٿيون ته آخر مائٽ ويچارا ڪن سو ڇا ڪن؟ سرڪاري اِسڪولن ۾ ٻار ٿا موڪلين ته اُهي جَٽ جا جَٽ ۽ خانگي اِسڪولن ۾ ٿا موڪلين ته سندن کَلَ لهيو وڃي. لاچار ٻارن کي بهتر تعليم ڏيڻ جي صدقي ويچارن کي پيٽ کي پٽيون ٻڌڻيون ٿيون پون؛ پوءِ به ويچارا ٻار انتظام جي نالي ۾ سزائون ٿا ڀوڳين.

هڪ انٽرنئشنل اسڪول دهليءَ ۾ آهي، جتي ٻارن سان کهڙي عقوبت ڪئي ويئي، سا ٻڌو: اِسڪول هڪ ’ڪريئر ڪائونسلنگ ڪئمپ جي رٿ رٿي ۽ هر شاگرد کان تقاضا ڪئي ويئي ته اُن جي خرچ لاءِ نوَ سؤ روپيه ڏئي. جن نه ڏنا يا جن ڏيڻ ۾ دير ڪئي، تن کي سزا ملي ته بينچ تي اُٿي بيهن. ايتري قدر جو ويچارن کي امتحان به بينچ تي بيهي ڏيڻو پيو!

اِهو ته رڳو هڪڙو مثال آهي. هرڪو خانگي اِسڪول فند ڪٺو ڪرڻ لاءِ ڪو سبب ڳوليو ڪڍي. جيڪڏهن ڪُليو ڪاليو چندو هٿ ڪرڻ ۾ سندس بدنامي ٿي ٿئي ته ڪو نه ڪو وڏو خرچ ڏيکاري، مائٽن کان طلب ٿو ڪري. مثال طور اِسڪول بس، ڪامپيوٽر، فرنيچر، ڇت جا پنکا، ايئرڪنڊيشنر، جنريٽر، واٽرڪولر، ڪلاس جي بورڊن، اسٽيشنري، اڏاوتي سامان، گئس سلينڊر جي خريدي. راند جي ميدان ۽ ٻارن جي پروگرام لاءِ خرچ. انهن سڀني لاءِ ڪڏهن سرڪيولر رستي ته ڪڏهن شاگردن جي معرفت مائٽن کي نياپو پهچايو ٿو وڃي ته اَبا، جي چاهيو ٿا ته اوهان جي ٻار کي بهترين تعليم ڏني وڃي ته اُن لاءِ اِسڪول کي سڀ خرچ ڪرڻا آهن ۽ چاڙهيو چندو. داخلا جي وقت ئي اِسڪول گهٽ ۾ گهٽ

خانگي اِسڪولن ۾ تعليم ۽ مائٽ

اسانجي ملڪ ۾ تعليم جو معيار وڃي ڪرندو. هڪ طرف سرڪار جي پاليسي آهي تہ تعليم جو ڦهلاءُ ٿئي جئن ديس جي جنتا اڻ پڙهيل نہ رهي ۽ گهٽ ۾ گهٽا ماڻهو تعليم حاصل ڪري وهمن، وِسوسن ڪڌين رسمن رواجن کي تلانجلي ڏين ۽ بي علميءَ جي اونده مان ٻاهر نڪري، علم جي روشنيءَ ۾ اَچن تہ ٻئي طرف ملڪ جي آرٿڪ حالت اَهڙي آهي جو تعليم جي ڏس ۾ وڏو مالِي بوجو سرڪار نٿي کڻي سگهي. هاڻي وري سرڪاري ڪارخانن کي خانگي ڪرڻ جي نيتي اپنائي ويئي آهي جنهن جو اثر تعليم جي کيتر ۾ بہ پوڻو آهي ڇو جو سرڪار محسوس ڪيو آهي تہ سرڪار طرفان جيڪي جنتا جي فائدي لاءِ رٿائون عمل ۾ آنديون ويئون آهن تن جو فائدو ديس جي عام رهواسين تائين ڪونہ پهتو آهي ۽ مرگو ڪارپوريشن ۾ ڪم ۽ سنڀال جو درجو ڪري پيو آهي.

تعليم جي کيتر تي نظر ڊوڙايو. مهاراشٽر ۾ ابتدائي تعليم ميونسپل ڪارپوريشن جي نظرداريءَ هيٺ آهي. راجيہ سرڪار اِسڪولن ۾ وري پنجين کان ٻارهين درجي تائين تعليم ميسر ڪري ٿي، جتي ماهوار فيون نالي ماتر آهن ۽ ماسترن جا پگهار ۽ ٻي امداد سرڪاري خزاني مان ڏني وڃي ٿي. هاڻي تہ ڇوڪرين جي تعليم بلڪل مفت ڪئي ويئي آهي. پوءِ بہ تعليم جو درجو وڃي ڪسڪندو. حالت اِها آهي جو رواجي ۾ رواجي ملازم بہ سرڪاري اِسڪولن ۾ پنهنجن ٻارن کي داخل ڪرڻ کان هٻڪي ٿو.

اربع خطا آهي ڇو جو سرڪاري امداد بنا اِسڪول هلائڻ سولي ڳالهہ نہ آهي ۽ ڪمائيءَ جو ٧٠-٨٠ سيڪڙو تہ هليو ٿو وڃي ماسترن ماسترياڻين ۽ ٻين ملازمن جي پگهار ٻليءَ. باقي جيڪڏهن مائٽ آواز ٿا اُٿارين تہ بہ مُنا. سندن ٻار ٿيندا اِسڪول جي ڪارپردازن جي بي رحم هلت جو شڪار ۽ اُهو بہ 'انتظام' جي نالي ۾. اسڪول جي اسيمبلين ۾، ڪلاس رومن ۾ ۽ ٻين ٻارن جي اڳيان سندس اُها حالت ڪئي ويندي جو ويچارا سُسي سنها ٿي ويندا. ٻيو هٽيار اِسڪول ڪي آهي امتحان جو نتيجو. ڪن حالتن ۾ جي چندو نہ مليو تہ ٻار ناپاس. هاڻي مائٽ ڇا ڪن؟ ٻار جو سال بچائين يا پيسي ڪي ڏسن؟ وري جي چندو ڏنائون تہ ٻار ناپاس مان پاس!

مسئلو اِهو بہ آهي تہ اِهي اِسڪول هلائيندڙ آهن اثر رسوخ وارا سماج جا شيوڪ، وڏا سياستدان، وڏا واپاري ۽ ڪارخانيدار. رٽائرڊ سرڪاري عملدار جن جي پهچ پري پري تائين آهي ۽ سندن خلاف شڪايت ڪرڻ جي مجال ڪنهن ڪي نہ آهي. مائٽ ويچارا دانهي ٽڪي پيا آهن پر سندن ٻڌڻ وارو ڪير ڪونهي.

ڪي اِسڪول وري ٻيو رستو اختيار ڪندا آهن. اِسڪول جي مائٽن جو ٽولو تيار ڪيو ويندو آهي، جنهن کي نالو ڏنو ويندو آهي، 'مائٽن ۽ اڌياپڪن جي سنستا.' اُن ٽوليءَ جا سڀ ميمبر هوندا آهن هٿ ٽوڪيا، جيڪي ڪاروبارين جي اِشارن تي هلندا آهن، جئن سندن ٻارن جي چڱي سار سنڀال لڌي وڃي. اَهڙيون سنستائون فيءَ جي واڌ ۽ اِسڪول جي ڪنهن نہ ڪنهن واڌاري جي رٿا تي يڪراءِ ٿي مائٽن سان سمپرڪ ڪنديون آهن يا چندا گهرنديون آهن. اِسڪولن جا ڪاروباري فيصلا ڪندا آهن ۽ سندن مدد ڪندا آهن اهڙا مائٽ. وچولي يا مسڪين طبقي جا مائٽ هوُنءَ بہ هينان، باقي جي ڪڏهن اهڙين گڏجاڻين ۾ آواز اُٿارين تہ پهچ وارا مائٽ اوُچو آواز اُٿاري کين چپ ڪرائي ڇڏيندا آهن.

رقم گڏ ڪندو آهي. رواجي ۾ رواجي اِسڪول گھرندو آهي ٽن هزارن کان ڏهن هزارن تائين؛ وچولي معيار جو اِسڪول گھرندو آهي ٻارهن هزارن کان ٢٠ هزارن تائين؛ اوچو معياري اسڪول گھرندو آهي ٢٠ هزارن کان ٦٠ هزارن تائين، مٿئين طبقي لاءِ کُليل اِسڪول ٨٠ هزارن کان ٢ لک گھرندو ته اعليٰ درجي جي اِسڪول جو چيه ٿيندو ٻن لکن کان ٥ لک روپين تائين!

... هڪ اِسڪول، جوهو (ممبئي) جو چندو آهي هڪ لک روپيه.

... اُن ئي ايراضيءَ ۾ ٻئي اِسڪول جو چندو آهي ٣٠ هزار روپيه، جيڪو 'مائٽ ڪنهن به دٻاءَ کان سواءِ رضا خوشيءَ ڏيندا آهن.'

... هڪ اڪيڊمي (پاٽنا) وارا 'چندو ڪونه گھرندا آهن'، پر داخلا جي وقت آفيس ۾ هڪ چندي جي پيٽي رکندا آهن ۽ مائٽن کي اِن پيٽيءَ ۾ پيسا ڏيڻي پوندي آهي.

... ڪولڪتا ۾ لڳ ڀڳ سيني انگريزي ماڌيم وارن اِسڪولن کي چندو ڏيڻو پوندو آهي. ڪي اِسڪول ظاهر ظهور چندو گھرندا آهن ته ڪي بلڊنگ فنڊ، سيڪيورٽي ڊپازٽ يا آئيندي جي اڏاوتي ڪم لاءِ رقم گھرندا آهن، جيڪو اٽڪل ١٢ هزارن کان ٥٠ هزارن تائين هوندو آهي!

... دهلي پبلڪ اِسڪول هڪ ناميارو ٽرسٽ آهي، جنهن جا اِسڪول نه فقط دهليءَ ۽ ڀارت ۾ پکڙيل آهن پر ڏيهه ۾ به آهن. هن سنستا جو چوڻ آهي ته اسين ڪوبه چندو چيرو ڪونه گھرندا آهيون. ماڊرن اِسڪول دهليءَ جي به ساڳي دعويٰ آهي. ٻئي اِسڪول اِهو قبول ڪندا آهن ته مائٽ پاڻ مرادو چندو ڏيئي ويندا آهن، ڇو جو اِسڪول ۾ جيتريون سهوليتون ميسر ڪيون وينديون آهن، تن مان پس پيش سندس ٻارن کي فائدو ملندو آهي!

... ڪن اِسڪولن جي ڪارپردازن جو چوڻ آهي ته اسان اگر داخلا جي وقت چندو يا اِسڪول جي اڏاوتي ڪاريه لاءِ رقم گُهري ته اِن ۾ ڪهڙي

سنڌي ٻولي - تعليم جو ماڌيم

دنيا ڀر جي تعليم جا ماهر ان ۾ هڪ راءِ جا آهن تہ سُٺي ۾ سُٺي تعليم فقط مادري ٻوليءَ ۾ ڏيئي سگهجي ٿي. اِنسان پنهنجي ڏُک، سُک، خوشيءَ، غم، ڪاوڙ ۽ پيار جو ڀرپور اِظهار فقط پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ ڪري سگهي ٿو ۽ ٻيءَ ڌاريءَ ۽ اُڌاريءَ ٻوليءَ ۾ ڪيس اظهار ڪرڻ لاءِ لفظ ڳولڻا ٿا پون. دنيا جو اعليٰ ادب بہ پنهنجي ملڪ جو ادب آهي، پنهنجيءَ ٻوليءَ جو ادب آهي. دنيا جا ادبي شاهڪار ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آهن ۽ جڳ جي ساهت پريمين اُنهن جو هڳاءُ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيڻ بعد ورتو آهي ۽ اُن کي ساراهيو آهي پر اصلوڪي ٻوليءَ ۾ لکيل اَهڙن شاهڪارن جو حَسن ماڻڻ نهايت آنند ڀريو آهي. ٻوليءَ جو نج لهجو ۽ محاورو، ترجمي سبب پنهنجي اصلوڪي چمڪ، دمڪ وڃائي ٿو ڇڏي.

پنهنجي مادري ٻوليءَ لاءِ پيار هرڪنهن کي آهي. اوهين فرانس ۾ وڃو، ڀلي فرينچ شهرواسي انگريزي ڄاڻندو هجي، پوءِ بہ اوهان جي انگريزيءَ ۾ سوال پڇڻ تي، سوُر ٻري سان انگريزيءَ ۾ جواب ڏيندو. رواجي طرح سندس جواب فرينچ ٻوليءَ ۾ ملندو. پوءِ ڀلي اوهين اُهو سمجهو يا نہ سمجهو. اِهو عمل نهايت سياويڪ آهي ۽ اُن تي حيرت ڪائڻ نہ گهرجي.

توهان ڪڏهن پاڻ کي جاچيو آهي تہ جيڪڏهن توهان تعليم سنڌي ٻوليءَ ۾ ورتي آهي ۽ توهان کي سنڌي ڪتاب پڙهڻ جي عادت آهي تہ

سچ تہ اِهو آهي تہ وڏا وڏا خانگي اِسڪول جيڪڏهن پڙهائيءَ جو ڪو معيار قائم ڪري سگهيا آهن تہ اُن جي پيٽ ۾ گهڻو وڌيڪ ناڻو گڏ ڪري سگهيا آهن. شيوا جي نالي ۾ مائٽن جي ڪمائيءَ جي لُٽ لڳي پيئي آهي. هاڻي تہ مائٽ اُن لُٽ تي هِري ويا آهن، ڇو جو ڪين ٻيو ڪو رستو نظر نٿو اَچي.

... سرڪاري بجيٽ ۾ هونءَ بہ گهٽ ۾ گهٽ خرچ تعليم تي ڏيکاريو ويندو آهي. وري ملڪ جي آدمشماري جو وڃي ارب تائين پهتي آهي ۽ هرهنڌ اِسڪول کولڻ جي طلب تي ٿئي تہ سرڪار ڪيئن منهن ڏئي؟

... ضروري آهي تہ سرڪار پنهنجيءَ نيتيءَ تي گنڀيرتا سان سوچي. هڪ طرف امدادي اسڪولن جي چست نظرداني ڪري اُن جي معيار کي وڌائڻ جو جتن ڪرڻو پوندو تہ ٻئي طرف خانگي اِسڪولن جي بہ سختيءَ سان چڪاس ڪرڻي پوندي. اسانجي ديس جو قانوني سرشتو بہ جڏو آهي. ڪورٽن جا دَرَ سڀني لاءِ کليا پيا آهن. گڙو گنجو ڪورٽ مان منع نامو ڪڍايو اَچي جنهن ڪري سرڪار عملي قدم کڻي تعليم جي نالي ۾ ڪيل لُٽَ مار کي ٻنجو نٿي ڏيئي سگهي. اِسڪول جا ڪارپرداز بہ اندران ئي اندران رشوتون ڏيئي جاچ ڪندڙ ٽولين کي پنهنجي پاسي ڪريو ڇڏين ۽ مائٽن جون شڪايتون رد ڪريو ڇڏين، جنهن ڪري چندا ڇيرا وٺندڙ سنسٿائن ۽ وڏيون فيون اُڳاڙيندڙن تي ڪو قدم نٿو کڻي سگهجي.

... اِهو بہ ضروري آهي تہ ديس جي غلاميءَ جي دؤر ۾ جاري ڪيل تعليم جي سرشتي کي بہ اڄ جي حالتن ۽ ملڪ جي گهرجن مطابق ڦيرايو وڃي.

چيتو جهوليلال

(۲۱-۳-۲۰۰۱ع)

هندواسي ۱۵-اَپريل - ۲۰۰۱ع

۾ ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون. جيڪا ٻولي ٻار جي ڪَنَ تائين ئي ڪين پهتي سان سندس زبان تي ڪيئن چڙهندي؟ ۽ جيڪڏهن اُها زبان تي نه چڙهي ته روز مره جي گفتگو ۾ اُن جو واهپو ڪيئن ٿيندو؟

لپيءَ جو سوال

اَسان سان ٻي وڏي ويڌن ٿِي سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جي سوال تي. مان اِئين ڪونه چوندس ته ديوناگري لپيءَ جي حمايتين جي مَنَ ۾ مندي هُئي ۽ هنن سنڌي ٻوليءَ جي ستياناس ڪرڻ ٿي چاهي. هنن جو دليل به ڪنهن حد تائين واجب هو ته جڏهن سنڌي اَسانجي روزمره جي گفتگو جي ئي ٻولي نه رهندي ۽ اسين ڀارت جي ڪُنڊ ڪُنڊ ۾ ٽڙيل پکڙيل آهيون، تڏهن سنڌي (عربي) لپي اَسان کي ٻين جاتين کان الڳ ڪري بيهاريندي ۽ اسين ديش جي سيڪيولر ڌارا کان الڳ ٿي ويندا سين. هنن کان اِها ڳالهه وسري ويئي ته اَڄ به تيليگو، تامل، مليالم ۽ بنگالي وغيره ٻولين جي پنهنجي لپي آهي ۽ اُهي اُن کي ديوناگريءَ سان مٽائڻ لاءِ تيار نه آهن. آندرا، تامل ناڊ، ڪيرالا ۽ بنگال ۾ به اَهڙا شخص جاڳيا هئا، جن ٻوليءَ جي لپيءَ بدلائڻ جو تحرڪ هلايو هو ۽ پوءِ به اُهي اِن ۾ ڪامياب نه ويا ۽ اِنهن ٻولين جي ڳالهائيندڙن پنهنجي ٻولين جي لپي قائم رکي.

ديوناگريءَ جي سمرٿڪن جو اِهو دليل ته سنڌي ٻولي فقط ديوناگري لپيءَ ۾ ئي قائم رهي سگهندي، سو وزنائتو ڪونه هو.

ٿيڻ اِئين کپندو هو ته سرڪار طرفان ٻنهي لپيون قبول ڪرڻ جي حد تائين، نوبت پهچڻ ئي نه کپندي هئي. ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ هڪ ئي مرڪزي سنسٿا - آل ڀارت، سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي منچ تي ٻنهي لپين جي حمايتين کي رهڻ کپندو هو. اِها يڪمشتي ٽوڙڻ لاءِ هوابدار ٻنهي لپين جا طرفدار هئا ۽ اُن لاءِ ديوناگري لپيءَ جي پنيرائي ڪندڙن کي ئي ڏوهه ڏيڻ واجب نه آهي. واد وواد سبب، اَسان سنڌين ۾

کو انگريزي ڪتاب هٿ ايندي ته اوهين اُهو ساڳي پاسي کان اُٿلائڻ چاهيندا؟ جيڪڏهن توهان نه تعليم سنڌيءَ ۾ ورتي آهي ۽ نه سنڌي ڪتاب پڙهڻ جي عادت اٿو ته پڪ ئي پڪ اوهين ڪتاب کابي پاسي کان اُٿلائڻ چاهيندا. آزمائي ڏسو ۽ پاڻ کي پڪڙي ڏسو. اِهو عمل ته نهايت سياويڪ آهي.

اَفسوس اِهو آهي ته پاڻ کي سنڌي سڏائيندي، ڏينهن پوءِ سنڌيءَ سان اَسان جو واسطو ٽُٽندو تو وڃي. اِئين ڇو ۽ ڪيئن ٿيو آهي، اِنهن سوالن جا جواب ڳولڻ لاءِ اوهان کي ٻري پنڪٽو ڪونه پوندو. پنهنجي اوسي پاسي، پاڙي اوڙي ۾ ڏسو ته اوهان کي اِهو جواب ملي ويندا.

ملڪ جي ورهاڱي بعد اسين وشال ڀارت ۾ ٽڙي پکڙي وياسين. ڪنهن به هڪ ايراضيءَ ۾ اسان جو ٺاٺو نڪاٽو ڪونه ٿيو. روزگار جي وسيلن ڳوليڻ ۽ ڪٽنب لاءِ اَجهو ڳوليڻ اَسان لاءِ مسئلا هئا. ان هڻ پَٽ ۾ اسان جو پنهنجيءَ ٻوليءَ ڏانهن ڌيان گهٽبو ويو. هاڻي ته حالت اِها اَچي ٿي آهي ته شُڪيا ستابا هوندي به اَسان پنهنجي من ۾ مادري ٻوليءَ لاءِ چاهه پيدا ڪين ڪري سگهيا آهيون ۽ وڃون ٿا اُن کان دور ٿيندا.

گهرن ۾ هندي ڳالهائڻ جو رواج

اَسان جي ٻوليءَ جي بربادِيءَ جي شروعات گهر ۾ ٿي. جيتوڻيڪ ڪن خاص هنڌن تي ۽ خاص بستين ۾ ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ هرويرو ضرورت نه هئي پوءِ به جڏهن سنڌي ڏاڏيءَ ۽ نانيءَ، ماءُ ۽ ماسي، سنڌي ڄاڻندي به لولي ڏيڻ بند ڪئي ۽ ٻارڙن ۾ پيل ٻار سان به ڀڳل ٽٽل هنديءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪئي، تڏهن سنڌي ٻوليءَ جي بربادِيءَ جي شروعات ٿي. ٻارڙن سان هنديءَ ۾ ڳالهائڻ فئشن ٿي پيو. اَسان جي ڏاڏين، نانين کان سنڌيءَ ۾ آکاڻيون ڇوڻ وسري ويئون. تنجڻ ۾ پيل ٻار سان به سنڌي ٻاتيلي ٻولڻ جي ٻدران، اسان جي ٻيڙين هنديءَ

انگريزي ماڌيم اِسڪولن ۾ سنڌين جي ڀرتي

اَسين سنڌي ان ڪري به مشهور آهيون جو پنهنجي وقت ۽ پيسي، روزگار ۽ ڌنڌي مان گهڻو فائدو ڪمائڻ جو اُصول سامهون رکندا آهيون. جڏهن اَسان محسوس ڪيو ته سنڌي ٻولي نه واپار ۽ نه نوڪري وٺي ڏيڻ ۾ مددگار ٿئي ٿي تڏهن اَسان جو لاڙو انگريزيءَ ڏي وڌيو. مائٽ انگريزي ماڌيم اِسڪولن ڏانهن ڊوڙڻ لڳا. جيڪڏهن پاڙي واري جو ٻار انگريزيءَ ۾ ٽِيٽ مِٽ ڪري ٻين کي اَچرج ۾ وجهي سگهي ٿو ته منهنجي ٻار ڪهڙي ٻلي ماري آهي؟ چڙهيل طبقي وارن جي ڳالهه ڇڏيو. اسانجو وچولو ۽ هيٺيون وچولو طبقو به انگريزي اسڪولن ۾ ٻارن کي داخلا ڏيارڻ لاءِ پابند ٿي پيو. اڄ حالت اِها آهي ته سنڌونگر جهڙي سنڌي بستيءَ ۾ به سنڌي ماڌيم اِسڪولن ۾ ٻار وڃن گهٽبا ۽ رواجي سطح جي انگريزي ماڌيم اِسڪولن ۾ داخلا لاءِ قطارون لڳيون پيئون آهن! احمدآباد جتي اَڳي سنڌي اِسڪولن جو زور هو، تتي به اِسڪولن ۾ ٻار وڃن گهٽبا. راجسٿان ۾ ته سنڌي اِسڪول آهن ڪونه ۽ جيڪڏهن آهن ته به هندي ماڌيم اِسڪولن ۾ تبديل ٿيندا ٿا وڃن. مڌيه پرديش، اُتر پرديش، آنڌرا ۽ بنگال ۾ نه سنڌي ماڌيم اِسڪول اڳي هئا ۽ نه هاڻي آهن.

درسي ڪتاب، شاگرد ۽ سنڌي

اڳي مهاراشٽر، گجرات ۽ سرڪاري درسي ڪتابن جا بورڊ، سنڌي لپيءَ ۽ ديوناگري لپيءَ ۾ ڪتاب ڇپائي سنڌي ٻارن لاءِ ميسر ڪندا هئا. هاڻي اِهي بورڊ فقط ٿورين ڪاپيون ڇپائيندا آهن ڇو جو ڪتابن جو وڪرو ڪونهي. جيڪڏهن ٻار سنڌي درسي ڪتاب پڙهندا ئي ڪين ته وڪرو ڪٿان ٿيندو؟

جيڪي شاگرد ڪاليجن تائين پهچن ٿا، سي به سنڌي وشيه جو ڪلاس سدائين ڀريل هوندو هو. هاڻي اُهي ڪي ڳاڻ ڳڻيا شاگرد وڃي رهيا آهن ۽ سي به منٿن سان ۽ لالچن سان سنڌي وشيه کڻن ٿا. اُتي

۾ چِتائي شروع ٿي ۽ اسان جون شڪتيون ٻوليءَ جي بچائڻ لاءِ نہ پر لپين جي بچائڻ لاءِ خرچ ٿيڻ لڳيون. سنڌي ٻوليءَ جي برباديءَ جو اِهو ٻيو ڪارڻ هو.

هندي ٻولي لازمي

هندي اَسانجي راشٽر ڀاشا آهي ۽ اُها اَسان کي ڳالهائڻ ۽ پڙهڻ گهرجي. اِن ڀاونا سان، اسان جي اِسڪولي نصاب ۾ هندي ٻولِي لازمي ڪئي ويئي، جنهن ڪري شاگردن کي چاهيندي يا نہ چاهيندي اُها سکڻ ضروري ٿي پيئي. ان ڪانسواءِ هر راجيہ ۾ ٻولي وار ڀاوناڻون اڀرڻ‌يءَ تہ چوڻيءَ تي وڃي پهتيون جو راجيہ جي ٻولي بہ اِسڪولي نصاب ۾ لازمي طور شامل ڪئي ويئي. هڪ سنڌي شاگرد جيڪو مهاراشٽر ۾ رهي ٿو تنهن کي هاڻي مرهٽي لازمي طور سِکڻي آهي. ساڳئي نموني ٽامل ناڊ ۾ رهندڙ سنڌي شاگرد کي روز مره جي گفتگو لاءِ ٽامل ضروري لڳي ۽ اُها کيس سِکڻي پيئي. اِها راشٽرڀاشا ۽ راجيہ جي ٻوليءَ جي لازميت تہ گهٽو پوءِ ٿي. شروعات ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ٽڪرُ سڌو سنئون هنديءَ سان ٿيو. جتي جتي اَسان جو واسطو هنديءَ سان پيو يا جتي جتي ديوناگري لپي سنڌي سکڻ لاءِ اپنائي ويئي اُتي اسان سنڌيءَ کي هنديءَ تان قربان ڪري ڇڏيو. اوهين انگ اکر وٺندا تہ ڄاڻي سگهندا تہ جن جن اِسڪولن ۾ ديوناگري لپيءَ جو ماڌيم چونڊيو ويو، تتي اَڳتي هلي هندي ماڌيم ٿي ويو! گانڌيڌام ۽ آديپور جون سنڌي بستيون ان جو مثال آهن، جتي سنڌي ديوناگري ماڌيم بدلجي هندي ٿي ويو، اُتي گهرن ۾ سنڌي ڳالهائجي ڪانہ ٿي ۽ ٻارن جو هڪ ٻئي سان ۽ مائٽن سان ڳالهائڻ فقط هنديءَ ۾ ٿئي ٿو. دوُر ڇو ٿا وڃو. سنڌو نگر جي سنڌي گهرن ۾ اڄ هنديءَ جو واهپو وڌندو وڃي، بمبئيءَ ۾ گهرن ۾ سنڌيءَ جو واهپو آهي ڪونہ. اُتي فقط هندي ئي وڃي رهي آهي.

ڪاڪي ڪوڏومل کي ڄائو پوٽو

ڪاڪي ڪوڏومل کي ٽيليفون تي پھريون پوٽو ڄمڻ جي خبر ملي ته ڄڻ سندس جهمريون پائڻ لڳو.

اَڇي کاديءَ جا ڪپڙا پائي، مٿي تي گانڌي ٽوپي ڍڪائي آرسيءَ ۾ پاڻ ڏٺائين، ڪيس لڳو ڄڻ ته سندس جواني موٽي آئي هئي. ١٩٤٢ع جي ڀارت ڇوڙو هلچل جي وقت به اِهي ئي ڪپڙا پائيندو هو ۽ هلچل ۾ ڀاڱ وٺندو هو، بليٽنون ورهائيندو هو ۽ ميڙن ۾ نعرا هڻندو هو. ايتري قدر جو مھنو ڪن ترنگ پوڳي آيو.

ملڪ جي ورهاڱي بعد ڏاڍي محنت ڪري پُٽ کي پاڙهيائين ۽ ڌيءُ کي شادي ڪرايائين ٺاڻي جي ڪوپري ڪالونيءَ جي ننڍڙي گهر ۾ زال ۽ ٻن ٻارن سان گذر ڪيائين. زالس به ڌيءُ جو پرڻو ڏٺو پر پٽ جي پرڻجڻ تائين ڪين ترسي ۽ رب جي راهه ورتائين. ڪاڪي سوچيو ته جيستائين حال حيات هجي ها ته گهر ۾ ببو ڏسي ڪيتري نه خوش ٿئي ها! جيڪا پرالبڌ، سائين کي جئن وڻي تئن ڪري مٿس ڪنهن جو وس ته هلي ڪونه ٿو.

ڪاڪي جون اکيون پرجي آيون.

’پٽ ۽ نونهن جي ڪمائي آئي ته ڪوهي ڪسوئي گهر هلايائين.

آخر انڌيريءَ ۾ ننڍو فليٽ وٺي ٽيئي ڄاڻا اُتي رهيا. پوري سوريءَ مان پُٽ کي پاڙهيو هئائين، سو فقط بي ڪام ڪري سگهيو. ڪا انجنيئرنگ جي ڊگري هجيس ها ته چڱي چوکي نوڪري مليس ها. هاڻي ته هڪ خانگي ڪمپنيءَ ۾ اڪائونٽنٽ هو!

پارٽ ٽائيم ليڪچرر سان ڪم هلايو ويندو آهي. حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليج بورڊ جي بمبئيءَ جي ڪاليجن ۾ سنڌي پاڙهي ئي ڪانہ ٿي وڃي. (هاڻي پڌڻ ۾ آيو آهي تہ نئشنل ڪاليج باندرا ممبئيءَ ۾ سنڌي پاڙهڻ جو بندوبست ڪيل آهي) البت اُلهاسنگر جي چاندي بائي ۽ آر. ڪي. تلريجا ڪاليج ۾ ٿورا ليڪچرار آهن جيڪي سنڌي پاڙهيندا آهن، ڇو جو بمبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي وڀاڳ مان ايم. اي. ڪئي اُتن ۽ ٻي نوڪري ڪين ملندي ڪانہ!

اَهڙيون ڏکوئيندڙ حالتون آهن اسانجي سنڌي ٻوليءَ جون. مهاراشٽر ۽ ٻين راڄين ۾.

پوءِ بہ اسانجا ڪي جنوني جوان،ٻُزرگ چوندا آهن تہ سنڌي ٻوليءَ جا مهاراشٽر، گجرات ۽ راجستان ۾ ڪيئي اِسڪول آهن! اَسان وٽ انگ اکر ڪونهن، فقط جذبي ۾ اَچي دعوا ڪندا آهيون. ڇو جو ماتري ڀاشا تان هٿ ڪڍي نٿا سگهون ۽ اُهو ڪڍڻ بہ نہ کپي.

ها، هڪ اُميد جاڳي آهي تہ اسان مان ڪن شيواڌارين، ساهتڪارن ۽ ساهت پريمين سنڌي نگرن ۾ سنڌي ٻارن کي سنڌي سيکارڻ جي هلچل هلائي آهي ۽ اُها آهستي آهستي زور وٺي رهي آهي. (هاڻي اين. سي. ٻِي. ايس. ايل. طرفان سنڌي امتحان ورتا ويندا آهن.)

اَچو تہ اِن سوال تي سوچيون تہ هھڙين ڏکين حالتن ۾ سنڌيءَ جو بچاءُ ڪيئن ڪريون؟

سنڌي ٻولي ۽ ساهت پريمي جذبات کي پاسيرو رکي، حقيقت شناس ٿي، جيڪڏهن پنهنجن ملهائتن راين کان واقف ڪندا تہ سٺو ٿيندو.

چئو جهوليلال!

(۲۵-۱۱-۲۰۰۰ع)

(هندواسي ۱۰ ڊسمبر ۲۰۰۰ع)

ڪاڪي ٻئي هٿ آسمان ڏانهن کڻي اُيا ڪري چيو، ’مالڪ جي مهرباني آهي، پُٽڙي‘.

’واڌايون هجنوَ‘

ڪاڪي ٺهڪ ڏيندي واڌاين جي موٽ ڏني.

نرس چيو، ’پوٽو ته اوهانجو آهي چنڊ جو ٽڪر‘

خوشيءَ وچان ڪاڪي جون اکيون وري ڀرجي آيون، ’ڪهڙي اِسڪول ۾ داخل ڪرائيندؤس؟‘ نرس پڇيو.

ڪاڪي کي سوال تان عجب لڳو. جواب ڏنائين، ’اَڃا ننڍڙو آهي، وڏو ٿئي ته اُن تي به سوچبو‘

نرس چيو، ’ڪاڪا اصل نه ترسو. اڄ سڀان ۾ وڃي ڪنهن سٺي اِسڪول مان داخلا فارم وٺي اَچو. ممبئيءَ ۾ اِسڪولن ۾ اَيڊوانس بڪنگ ٿيندي آهي.‘

’اَيڊوانس بڪنگ؟ ڇوين ڇا پيئي؟‘

’سچ ٿي چوان - مائٽ، ٻارن جي جمندي ئي پهريون ڪم اِهو ڪندا آهن ۽ وڃي ڪنهن اِسڪول جي ويٽنگ لسٽ ۾ نالو لکائي ايندا آهن. مئٽرنٽي هوم جي پٺيان جيڪو سينٽ اِسڪول آهي سو باندرا کان انڌيري تائين سڀني اِسڪولن ۾ سٺي ۾ سٺو آهي.‘

ڪاڪي کي اِسڪول ۾ داخلا وٺڻ لاءِ مائٽن جي قطار جي خبر ته هئي پر اِها ڳالهه سندس ويساهه ۾ ئي نه پيئي اَڃي ته ڪو ان لاءِ ٽي چار سال اڳ ڪوشش ڪرڻي پوندي.

پوٽڙو گهر آيو ته گهر جي ته رونق وڌي ويئي پر ڪاڪي کي اَڃي چنتا ورايو. مارڪيٽ مان خريداري ڪرڻ وڃي ته به ڳڻتيءَ ۾ شام جو ڪالونيءَ جي ٿلهي تي اَڃي ويهي ته به سوچ ۾. يارن دوستن سان ڳالهين جا چار چونڪ ڪري ته به اوچتو چپ ٿيو وڃي. کلڻ، ٺهڪ ڏيڻ ته جڻ ڪانئس وسري ويا.

بو تہ جي ايشور سندس ڪُنڊي ۾ ڪٺا وڌا تہ پوٽي کي
نڙو پڙ ڪندو جو جڳ ربسون ڪندو ۽ پُٽ کي اوچي
تعليم بہ ملي جو جيڪو ڏک ٿيو هوس، تنهن جي ڪسر ڪڍندو. اهي
سڀ سپنا لهندي، ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي ڪاڪو اَچي مئٽرنٽي هوم ۾
پهتو. وارڊ ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو ڪاڪو اَچي نونهن جي
بستري وٽ پهتو. چند جهڙو چمڪندڙ ٻارڙو ماءُ جي پرسان سُتو پيو هو
۽ نونهڻس جي چپن تي خوشيءَ جي هلڪي مرڪ نچي رهي هئي.
پٽس اَچا آفيس مان ڪونہ پهتو هو. نونهن کان پڇيائين، 'سنيل کي
اطلاع ڪيو اَٿئون؟'
'جي ها' نونهڻس جواب ڏنو
'پوءِ اَچا ڪونہ آيو آهي؟'
'آفيس مان نڪري هتي پهچڻ ۾ بہ تہ وقت ٿو لڳي. پهچي ويندا،'
نونهڻس آٿت ڏنس.
ڪاڪو خوابن ۾ گهيرجي ويو. پوٽي کي اِسڪول وٺي ويندو. اِسڪول
بہ ڪهڙو؟ جيڪو اَنڌيري، سانتاڪروز، کار ۽ باندرا ۾ سني ۾ سنو هوندو.
کيس ياد آيو تہ ايراضيءَ جي سني ۾ سني اِسڪول جو ٻرپا ڪندڙ ٽرسٽي
ڪراچيءَ ۾ ساڻس گڏ جيل ۾ هو. اِتي کيس جيل جون يادگيريون بہ
آيون. اَنڌيريءَ ۾ آيو تہ خبر پيس تہ اُن پلمانس ولي پارلي ۾ هڪ وڏو
اِسڪول کوليو آهي، ڇو جو ڪانگريسي هئڻ جي ناتي کيس اِسڪول لاءِ
وڏو پلاٽ مليو هو.
ڪاڪي سوچيو، 'جيڪڏهن پُٽ ۽ نونهن مڃيو تہ ٻارڙي کي اِن
اِسڪول ۾ ئي داخل ڪرائيندس. ڪالونيءَ ۾ سڀ اُن اِسڪول جي ساراه
ڪندا آهن.'
مئٽرنٽي هوم جي نرس، ماءُ جي پرسان ٻارکي کڻي آئي. ڪاڪي کي
سوچ ۾ ٻڏل ڏسي مرڪندي پڇيائين! 'ڪاڪا، ڪيئن آهيو، آهيو تہ خوش.'

’ڏهه ڏهه هزار، هرڪو اِسڪول گهرندو؟‘

تڏهن ڇا؟ اِهو انگ به تڏهن بيهندو، جڏهن منٿون ميڙون ڪندا. داخلا جي وقت ته اجا وڏي ڳوٺري کولٽي پوندو. اِهي ڏهه هزار رڳو ائڊوانس بڪنگ لاءِ آهن. باقي وڏي رقم لاءِ ته هر سال خرچ مان بچت ڪري فڪسڊ ڊپازٽ ۾ رکو. خبر ناهي جيستائين بار ٽن چئن سالن جو ٿئي، تيستائين داخلا جي رقم وارو انگ وڃي لک کي پهچي هينئر ته اڌ لک ۾ ڪم هلي ويندو آهي!‘

يار ٽوپٽمل جون آسر پوٽاٽيون ڳالهيون ٻڌي، ڪاڪي جو سر پانوائي ڪائڻ لڳو.

برهمڻ ڇوڪري جو نالو ڪڊيو انشومن. ڪاڪي ڪوشش ڪئي ته اُن جي معنيٰ جي خبر پويس، پر نه برهمڻ کي اُن جي خبر هئي ۽ نه پٽس ۽ نونهڻس کي.

برهمڻ چيو، ’ڪاڪا هاڻي اوهين ڇو اَچي معنيٰ جي جهنجهٽ ۾ پيا آهيو؟ اَڄڪلهه ڪير ٿو معنيٰ کي پڇي؟ بس نالو سنو لڳي ۽ نئون لڳي.‘

ڪاڪي چيو، ’تنهن ڪان ته اننت نالو رکوس، جنهن جي معنيٰ ته آهي! ۽ چوڻ ۾ به سولو.‘

’پٽس ۽ نونهڻس ڪلي ڳالهه ٽاري ڇڏي، هنن کي برهمڻ جو چونڊيل نالو وڌيڪ پسند آيو.

ٻه ٽي ڏينهن پوٽي جي نالي اُچارڻ جي مشق پچائيندي، ڪاڪو ڇوڪري جي جنم جو سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا ڪاغذ ڪڍي، هليو ڇوڪري جو اِسڪول جي ويٽنگ لسٽ ۾ نالو لکائڻ. ڪيس هيترن ماڻهن چيو هو ته اُن لاءِ ٻه ڏه هزار کن کپندا پر ڪاڪي وٽ ڪل ميڙي چونڊي هئي پنج هزار. پهرئين پوٽي جي داخلا لاءِ پٽ ۽ نونهن ڪان پئسا ڪيئن گُهري؟ اِها ته سندس زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي آس هئي!

آخر ٽوپڻمل پڇيس، 'ڀائو، ڳالهه ڪهڙي آهي؟ جڏهن کان پوٽو جائو اَٿو تڏهن کان ڪٿي چُپ ساڌي اَٿو!'

ڪاڪي کي اِهو اپسوڻ لڳو. ڇو ته يار، پوٽو گهر ۾ آيو آهي سو مان خوش ڪيئن نه ٿيندس. گهر جنسي سرڳ ٿي پيو آهي.

'ته پوءِ نه مشڪو ٿا، نه ڪلو ٿا، سدائين چُپ چُپ لڳا پيا آهيو. ڪا ته ڳالهه هوندي.'

ڪاڪو پڪڙجي پيو، سور سليائين، 'يار، اسپتال جي نرس چيو ته ڪاڪا، هينئر ئي پوٽي جي اِسڪول جي داخلا لاءِ ويٽنگ لسٽ تي نالو لکايو. مون کي ته اِها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نٿي اَچي. ٻار اَڃا ڄمڻ ۾ پيو آهي، تنهن جي اِسڪول جي داخلا لاءِ هينئر ئي سوچيون؟' ٽوپڻمل جواب ڏنو، 'نرس ڳالهه ته ٺيڪ ڪئي آهي. اَڄڪلهه اِسڪول جي داخلا تي لٽ لڳي پيئي آهي سو اڳواٽ ئي ڪجهه ڪرڻو پوندوَ نه ته اُن وقت ڏاڍي مشڪلات ٿيندوَ؟'

ڪاڪي چيو، 'ايترو اڳواٽ؟'

'ها ايترو اڳواٽ، شيوڪرام کي اڃا پٽ ۽ پوٽو جائو به ڪونه هو ته وڃي اڳواٽ بڪنگ ڪرائي آيو!'

ڪاڪي جو وات ڦاٽي ويو 'ٽوپڻ يار، اِهو چوين ڇا پيو؟'

'سچ ٿو چوان، جئن ئي ڇوڪري تي نالو پوي تئن ئي ڪڙي ڪٽو ۽ وڃي ٻن ٽن اِسڪولن ۾ نالو ويٽنگ لسٽ تي لڳائي اَچو.'

'ٻن ٽن اِسڪولن ۾؟' 'نه ته ڇا؟ هڪ ۾ داخلا نه ملي ته ٻيو ته هجي!'

'مارا سچ ٿو چوين؟ سٺن اِسڪول ۾ داخلا ملڻ برابر ٿوري ڏکيري آهي پر ٻن ٽن اِسڪولن ۾ ٻار جو نالو ويٽنگ لسٽ ۾ لکائڻو پوندو، سا ڳالهه ته مون ڪڏهن سوچي ڪانه هئي.'

'ته هاڻي سوچڻ شروع ڪريو پر ڳڻتي نه ڪريو، ڀڳوان جا هٿ وڏا آهن. ڪاڪي جون ته وايون بتال ٿي ويئون.

ٽوپڻمل مٿان چيو، 'گهٽ ۾ گهٽ ڏهه هزار هرڪو اِسڪول نالو ويٽنگ لسٽ ۾ رکڻ لاءِ گهرندو.'

’جيِ‘

’ويهو ويهو آرام سان ويهو. ڪهڙي سال ۾ داخلا کپيس؟‘

’ٽن سالن ڪانپوءِ، ڪي-جيِ ڪلاس ۾.‘

’سو توهان ڪي ويٽنگ لسٽ ۾ نالو لکائڻو آهي؟‘

’جي ها.‘

’تہ ڪڍو هزار روپيہ.‘

’هزار روپيہ! ڇا جا؟‘

’ڪاڪا، ويٽنگ لسٽ جي فارم جا.‘

’بابا، هڪ فارم لاءِ هزار روپيہ؟‘

’اوهانجي مرضي. اِئين فارم ڪيئن ڏبو؟ وري لسٽ ۾ نالو اڳيان بہ تہ ڪرائڻو اَٿو نہ؟‘

ڪلارڪ ميز جي خاني مان لنبي لسٽ ڪڍي، هيءَ ڏسو لسٽ.

’اوهانجي ٻار جو نالو پڇاڙيءَ ۾ ايندو تہ داخلا ڪيئن ملندس؟ جن جا نالا اڳيان هوندا، تن کي اول داخلا ملندي، ڪاڪا.‘

ڪاڪي پنج سوُ روپيہ ڪڍي ڪلارڪ جي هٿ ۾ ڏنا ۽ فارم وٺي ٻاهر آيو. ٻاهر اَچي ڪاڪي پيشانيءَ تان پگهر اُگهيو، بچيل پئسا ڳڻيا ۽ پيرين پنڌ گهر روانو ٿيو!

ڪاڪي سوچيو تہ اڃا تہ پنڌ پري آهي!

اول ڪاڪو پهتو اُن اِسڪول جي گيٽ تي، جنهن جو نالو مئٽرنٽي هوم جي نرس ٻڌايو هوس. عمارت برابر شاندار هئي، وري اُن ۾ راند جو ميدان به ڏاڍو وڏو هو.

اِسڪول جي چوڪيدار وٽ پهتو ته هن مُڇي ڏنس.' اَڙي ڪاڪا، ڇجو ڪيڏانهن ٿا؟'

'بابا، ٻارڙي جو نالو داخل ڪرائڻ لاءِ ويٽنگ لسٽ ۾ لکائڻو آهي.'

'اَڇا، اَڇا اول منهنجو وات ته مٺو ڪرايو، 'چوڪيدار ساڄي هٿ جي ترِي اڳيان وڌائي.

'سيني جو وات مٺو ڪرائيندس، داخلا جي وقت. اَڇا ته نالو ويٽنگ لسٽ ۾ لکائڻو اَٿم.'

چوڪيدار ٽهڪ ڏنو، 'ڪاڪا هاڻي اوهين اَهڙا سمجهدار ڪانگريسي ٿي به ڳالهه نٿا سمجهو؟ جڏهن مونکي خوش ڪندا تڏهن ته اوهان کي اندر وڃڻ ڏيندس ۽ ٻڌائيندس ته نالو ڪيئن لکايو، ۽ ڪنهن وٽ وڃو.'

ڪاڪي کيسي مان پنج روپيه ڪڍي چوڪيدار کي ڏنا. 'پنج روپيا؟ ڪاڪا ڪهڙي زماني ۾ ٿا رهو؟ پنج سوَ ته رواجي ۾ رواجي ماڻهو به نه ڏيندو آهي، اوهين ته جهونا ڪانگريسي آهيو!'

'اَڙي ڀائي، جهونو ڪانگريسي سڏيندم ٿو ۽ پيسا به تو گهرين. بابا، اسان به ملڪ جي آزاديءَ لاءِ جيل پوڳيا. اسان ته ڪنهن کان پائي به ڪانه گهري.'

'اُهو زمانو ٻيو هو. هاڻي ته ملڪ آزاد آهي، جتي ڪم پوندو آهي اُتي رقم ڏيڻي پوندي آهي. مفت ۾ اَڄڪلهه ڪير بيماري به نٿو ڏئي.'

ڏاڍيءَ ڏانڌليءَ کانپوءِ ڪاڪي سوَ روپيه ڪڍي، چوڪيدار جي کيسي ۾ وڌا. ناراضپو ڏيکاري چوڪيدار چيو، 'اوهان کي ڏسي رقم گهٽ ڪئي اٿم. هونءَ پنج سوَ کان گهٽ ڪنهن کان به ڪونه وٺان.' ڪاڪو اِسڪول جي آفيس ۾ آيو. ڪلارڪ پڇيو، 'ٻار جي داخلا ڪرائڻي اَٿو؟'

مئنيجر پڇيو، ’بابلا، توکي مون کڏهن کادي ۽ جي پوشاڪ ۾ ڪونه ڏٺو آهي، سو ڇاڪاڻ ته تو اِها ڪيري کادي پاتي آهي؟‘

’دادا، اِها راز جي ڳالهه آهي. اوهان کي سليندس ته ڳالهه پڌري پٽ ٿي پوندي. مهرباني ڪري ٻه وڳائي ڏيوم. ٻه ڪرتا ٻه پجاما ۽ مٿان گانڌي ٽوپي ۽ ڪيپم ٻه اوڌر تي. جي پنهنجي رٿ ۾ ڪامياب ويس ته پوءِ اوهانکي ڊريسن جي قيمت وياج سميت چُڪائي ڏيندس.‘

مئنيجر کي قياس اَچي ويو سو پنهنجي هٿان قيمت ڏيئي ويڪرام کي ٻه ڪڙتن ۽ ٻن پجامن سان روانو ڪيائين.

ويڪرام جي کادي ۽ گرام اُديوگ پون ۾ پهتو. پٽيوالي کي ربجهائي ساڻس گڏ ويهي رهيو. ڊئريڪٽر صاحب آفيس اَچي ته هڪ ٻدران ٻه سلام، وري منجهند جي ماني ۽ لاءِ اُسهي ته ٽي سلام، اُتان موٽي ته چار سلام، جڏهن آفيس بند ٿئي ته پنج پيرا سلام ۽ جئه هند ڪري ڊئريڪٽر صاحب جا چرن ڇُهي، مِٽي مستڪ تي لڳائي. اِها ڪار چار ڏينهن هلي. آخر ڊئريڪٽر صاحب پٽيوالي کي گهرائي پڇيو ته اَبا، اِهو گيٽ وٽ توسان گڏ ڪير وينو هوندو آهي؟

جواب مليو، ’ديالو، هڪ رفيوجي آهي. ڪلياڻ ڪئمپ مان ايندو آهي. ڏاڍو گهرجائو آهي. بک ٿو مري.‘

’آخر ڪيس ڇا کپي؟‘

’ديالو اِهو ته اوهان سان سليندو. مون کي ته ٻڌائي نٿو.‘

ڊئريڪٽر صاحب کي ديا اَچي ويئي، سو گهرايائين ويڪرام کي ڪئبن اندر. ويڪرام اندر گهڙي، اول ڊئريڪٽر صاحب جا چرن ڇُهيا، پوءِ هٿ چُميا ۽ پوءِ پنهنجي گانڌي ٽوپي لاهي ڪٽي هٿ ۾ ڪئي.

’آخر تنهنجي منشا ڪهڙي آهي؟‘

’سائين، بس اوهان جي شرن ۾ آيو آهيان. جهونو ڪانگريسي آهيان.

ويڪرام ڪئي نوڪري!

ويڪرام لٺ پڙهي سال هٽي بينو پر نوڪري جنهن جو نالو سا نه ملي، نه مليس.

ڪنهن دوست صلاح ڏنس ته بي روزگاريءَ جو بکون سهي سهي هاڻي ته تون ٻنه نوڌ تي ويو آهين، تنهن کان بهتر آهي ته ڪا اهڙي نوڪري ڳول جنهن ۾ ڪرسي ته هجيئي پر ڪم نه هجيئي. گهٽ ۾ گهٽ هر مهني پگهار ته ملندو!

ويڪرام ههڙيءَ سهٽيءَ صلاح تي ڪنڌ جهڪائي پنهنجي پلمانس متر جا ٿورا مڃيا. پڇيائين، 'هاڻي ٻڌاءِ ته اهڙي نوڪري ڪيئن ملندم ۽ ڪٿي ملندم؟'

'ڳاڏي ۽ گرام اُديوگ سنسٿا ۾، جيڪا انڊيريءَ ۾ آهي ۽ اُن جو ڊائريڪٽر هڪ جهونو ڪانگريسي ۽ مهاتماگانڌيءَ جو پوئلڳ آهي. هڪ ڀيرو جي نوڪريءَ تي لڳين ته سمجهه ته تنهنجو جنم سُڌريو، ڇو جو ڊائريڪٽر صاحب پاڻ کدر پوش آهي ۽ سندس ديا جو انت پار ڪونهي.'

ويڪرام شُڪرگذاريءَ وچان دوست کي وڏو ڀاڪر پاتو. اُها سڄي رات کيس ننڊ ڪانه آئي. پئي سوچيائين ته ڪيئن اُن ديالو پرش کي ريجهايان ۽ نوڪري هٿ ڪريان. ٻئي ڏينهن صبح جو ويو ڪلياڻ ڪئمپ جي ڳاڏي ڀنڊار تي.

'دادا، ٻه ٿي ڳاڏيءَ جون ڊريسون ڏيوم.'

اوهان جهڙو مهاپرش مليو آهي جيڪو منهنجي ۽ سمجهه کي سمجهي سگهيو آهي. باقي بين تہ نوڪري ڇڏيو آهي.'

بس، ويڪرم جي اکين مان ٺاهہ ٺاهہ ڳوڙها ڳڙڻ لڳا ۽ هو اچي سڏڪن ۾ پيو. ڊئريڪٽر صاحب مٿي تي هٿ رکي چيس، 'هاڻي روئڻ بند ڪر ۽ سڀاڻ کان اچي نوڪريءَ تي چڙهہ.'

بس ويڪرم جي نوڪري ڪاڏي ۽ گرام اُديوگ ڀون ۾ اِئين لڳي ا ڊئريڪٽر صاحب جي چرن رج کڻي. مستڪ تي تلڪ وانگر لڳائي ٻاهر آيو. پٽيوالي کي پيرين پيو ۽ آيو پنهنجي دوست وٽ، جنهن جي صلاح وٺي ڀون ۾ آيو هو. واٽ تي ڀوراڻيءَ جو پاءُ اڌ ۽ اَڌ ڇٽانڪ ڇوهارا بہ وٺي آيو ۽ اچي دوست جي اڳيان پيٽا رکيائين.

دوست پڇيس، 'يار هونءَ تہ تون ڪنهن کي ٻرو بہ ڪونہ ڏين. اڄ سڄ ڪٿان اُڀريو آهي؟'

'ڀائو، ڪاڏي ۽ گرام اُديوگ ڀون مان.'

دوست سندس ٻرولي سلي ويو. پوءِ تہ ٻيئي هٿا هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ ويڪرم جي نوڪريءَ جا حال کهڙا ٿا پڇو؟ کاديءَ جا اَڇا ڏوهيءَ ڏوتل ڪپڙا، مٿي تي گانڌي ٽوپي ۽ پيرن ۾ مضبوط بوٽ، جنسي لوهہ جهڙو سخت. اِهو خيال ان ڪري آيس جو تن ڏينهن ۾ ڪلياڻ ڪئمپ نمبر ٽئين ۾ رهندو هو سرڳي پرسرام ضيا، جنهن جو هڪ شعر سندس دل ۾ گهڙي وڃي دماغ تائين پهتو هو.

'جبلن تي ٿا جتيون گسايون،
لوهہ جا بوٽ وٺي ڪي پايون.'

ڪپڙي جي ٿيلهيءَ ۾ ڪٽندو هو منجهند جي ماني، سا بہ ابتري جو سڄو ڏينهن وينو ڪائي تہ بہ نہ ڪُٺي، آفيس ۾ ميز مليس ڪُنڊ ۾، سو سڄو ڏينهن بنديون کولي وينو لکندو هو پر آفيس جي ڪم کي جواب مجال جو آفيس جي ڪم لاءِ هڪ ڪاغذ تي بہ قلم جون ڦڙون پائي

سنڌ ۾ ٻار هوس ته جيل ۾ به ويو هوس. مهينو کن رهي آيس ۽ جڏهن منهنجي ماتا آزاد ٿي، تڏهن مان به ٻاهر آيس.'
'ڀلا ڪو جيل ياترا ڪرڻ جو سرٽيفڪيٽ، ڪا ثابتي؟'
'ديالو، سرٽيفڪيٽ ته ماتاجيءَ سنڀالي رکيا پر ڪٿي سا خبر ڪانهيم. ڏاڍي ڪوشش ڪئي اٿم پر لڀن نٿا.'
'پڙهيو ڪيستائين آهين؟'
'سنڌ ۾ پنجاب مئٽرڪ جو سرٽيفڪيٽ به هٿ ڪيو هوم پر ڪراچيءَ ۾ جيڪي فساد ٿيا، تن ۾ خبيثن اسانجو الو تلو ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيو. جئن تئن ڪري پارت ۾ پهتاسين ۽ اچي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ رهياسين. اما به وڃي سرڳ ۾ پهتي پر وڃڻ کان اڳ شادي ڪرائي ويئي. هاڻي ته ڪٽنب وڃي ٿو وڌندو ۽ منهنجي عمر وڃي گهٽجندي. هونءَ به اسان جو شاعر ڪيم 'ادل' چوندو آهي ته جڏهن ٻار وڌا ٿيندا آهن ته اسان جون خواهشون گهٽجنديون وينديون آهن.'
ڊئريڪٽر صاحب کو شاعريءَ جو شوقين هو، تنهنجي وات مان شاعر جي گفتي تي واه واه نڪري ويئي.
'ڀلا، تون به ڪوتا لکندو آهين؟'
'سائين، اجا لکڻ ڪانه شروع ڪئي اٿم. ڪڏهن ڪڏهن شاعر دوست سان ٽرين ۾ چڙهي پوندو آهيان ۽ پوني جو سفر ڪري ايندو آهيان. شرط رڳو اِهو هوندو آهي ته ڪلياڻ کان پوني تائين، شاعر بنديون کولي شعر ٻڌائيندو ويندو آهي ۽ آءٌ اُهي ٻڌي واه واه ڪندو آهيان. نيرن کان وٺي رات جي مانيءَ تائين منهنجي کاڌي پيتي جو بل شاعر جي کِيسي مان نڪرندو آهي. اِئين ڏينهن گذري ويندو آهي ۽ شاعريءَ جو شوق به پورو ڪندو آهيان.'
'تون ته ڏاڍو سمجهو آهين.'
'سائين ديالو، سمجهه سمجهه جو ڦير آهي، حياتيءَ ۾ ڦيريون پيرو

سمجهندو آهي تہ اِهو ڪم سندس ڪونهي. ان ڪري آفيسن ۾ نہ ڪم ٿو ٿئي ۽ نہ سرڪار ٿي ڪم ڪري. هرڪو آفيسر ائين ٿو سمجهي تہ منهنجو ڪهڙو پريوجن! پر سائين، مونکي ماءُ مهاتما گانڌيءَ جي سکيا تي عمل ڪرڻ جون هدايتون ڏينديون هئي تہ اَسان کي آزادي ملڻ کانپوءِ سڄي ملڪ جو ڪاروبار پاڻ سنڀالڻو آهي ۽ اِئين سمجهڻو آهي تہ ڀارت اسان جو آهي ۽ اَسين ڀارت جا آهيون. جئہ هند!'

آخر ٿيو اِئين جو جڏهن ديالو ڊئريڪٽر صاحب جي بدلي دهليءَ تي، تڏهن ويڪوُرام روئي ڪٽي رڄ پريا. هٿ ٻڌي صاحب کي چوي، 'ديالو، گانڌيجيءَ جي نالي مونکي پاڻ سان وٺي هلو.'

صاحب چيو، 'ويڪورام هاڻي تون جاڻ ۽ تنهنجي قسمت جاڻي. نئون صاحب تنهنجي پاڻيهي سنڀال ڪندو.'

نئون صاحب پهريندو هو کاديءَ جي کُرتي ۽ چوڙيدار ٻدران، کاديءَ جي ٻشرٽ ۽ پينٽ. هن جي انتظام جا ماپا هئا ٻيا. اول تہ اَچي سڀني ملازمن جا مخفي فائيل ڏٺائين. ويڪوُرام جو فائيل ڏسي وات ڦاٽي ويس. سچو شڪايتن سان ڀريو پيو هو. تنهن ڇا ڪيو جو هڪ انڪوائري ڪاميٽي ويهاري جاچ شروع ڪرايائين. مهني ڪانپوءِ انڪوائري ڪاميٽيءَ سفارش ڪئي تہ ويڪوُرام کي ڪنهن سرڪاري اسپتال جي حوالي ڪري سڀ تپاسون ڪرايو تہ آخر سائس ڪهڙي ويڌن آهي. سو ادا، مهنو ڪن ويڪوُرام ويني جي. جي. هاسپيٽل ۾ جاچون ڪرايون. ڏاڍو عيش هوس، هڪ ڏينهن هڪ تپاس، ٻئي ڏينهن ٻہ تپاسون ۽ ٽئين ڏينهن ٽي تپاسون ڪاڌو ڊڄ تي سڀ جاچون پوريون ڪري، ڊاڪٽري رپورٽ موڪليائون کادي ۽ گرام اُديوگ ڀون ۾. رپورٽ ۾ هڪ نفسيات جي ماهر فرمايو هو : 'ويڪوُرام سان ڪابہ ويڌن ڪانهي. هن جو تن ۽ من بلڪل سلامت آهن ۽ سندس خون جو دٻاءُ بہ دستوري آهي. ڪيس رت جي داٻ يا ذيا بطيس جهڙي بيماري بہ ڪانهي. منهنجو اِهو رايو

باقي هر مهني جي ستين تاريخ جڏهن پگهار جو ڏينهن ايندو هو تہ مڙس سيني کان اول اَچي لائين ۾ بيهندو هو. پگهار وٺي کيسي جي حوالي ڪري، دادر کان جو فاسٽ ٽرين پڪڙيندو هو تہ سڌو پنهنجيءَ بيرڪ ۾.

ڊائريڪٽر صاحب کي شڪايتون پهتيون. هيڊ ڪلارڪ چيو، 'سر، هي کهڙو ملازم رکيو اٿو؟ نہ ڪم جو نہ ڪاج جو، اڍائي سير اناج جو. ڪم جو نالو وٺي ئي ڪونہ ٿو ۽ سڄو ڏينهن پيو ٽيلهيءَ مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪڍي، ڍور وانگر چري.'

صاحب چيو، 'بابلا، ڪلارڪ تہ مون برابر رکيو آهي پر اُن مان ڪم ڪڍڻ تہ اوهان جو ڪم آهي. اوهين باقي ڪهڙي ڪارڻ هيڊ ڪلارڪ ٿيا آهيو؟'

هيڊ ڪلارڪ لاجواب ٿي هليو ويو. سائين، ائين ويڪوُرام جئن ٿڌ ٿئن وڌ. ڪم جنهن جو نالو، سو تہ هو سکيو ئي ڪونہ هو. يا تہ هٽ ۾ ٺوليءَ جو ٽڪر، يا ڪئنٽين ۾ يا هيڏانهن هوڏانهن چڪر. هڪ ٽيبل تان، ٻيءَ ٽيبل تي، ٻيءَ ٽيبل تان ٽينءَ ٽيبل تي. نہ پاڻ ڪم ڪري، نہ ٻئي کي ڪم ڪرڻ ڏئي!

صاحب بہ اَچي بيزار ٿيو. هڪ ڏينهن ڪئبن ۾ گهرائي اُها دب ڪڍيائينس جو ناني ياد اَچي ويس. اکيون اُکهي صاحب کي نمرتا سان جواب ڏنائين، 'ديالو جيڪو ڪم مان ڪريان ٿو، سو ٻيو ڪو بہ نٿو ڪري.'

صاحب پڇيو، 'ڪهڙو؟'

چيائين، 'سائين، جيڪڏهن آءٌ ٽيبل تي رجسٽر کولي، قلم ۽ مس کڻي رکي ڪم ڪريان تہ ٻين جي ڪم تي نظرداري ڪير رکندو؟ اِهو آءٌ آهيان جو هرڪنهن جي ٽيبل تي وڃي جاچيندو جوچيندو آهيان تہ آخر ڪير، ڪهڙو ۽ ڪيترو ڪم ٿو ڪري!'

صاحب چيو، 'چڱا مڙس، اِهو ڪم تنهنجو تہ ڪونهي.'

'سائين، اسانجي ديس جي قسمت ئي اَهڙي آهي. هرڪو اِئين

ويڪوُرام ڪئي تخلص جي ڳولا

پائرو ۽ پينرون، پائو ويڪوُرام اصل مرڪ وانگر وچڙيل ويو آهي. دماغ ۾ اَهڙو دير دمايو اَتائين جو نڪرڻ جو نانءُ ئي نٿو وٺي. تنهن ڪري اَچو تہ هُن صاحب جي حياتيءَ جي هِئي دؤر جو بيان ڪري وٺون.

سال کن ويڪوُرام ويني ڳرئچوئٽيءَ ۽ پراويڊنٽ فند مان عيش ڪيا. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو عِيش آرام مان بہ تنگ ٿي پوندو آهي. ساڳيو حال هن يار سان بہ ٿيو.

هڪ ڏينهن ڀاڀ پرايس جو ٽئين نمبر جي بس اسٽانڊ تي هڪ ماهر ڳڏجي ويس، جيڪو حال چال مان شاعر ٿي لڳو. هُنَ جو ڏُڪو درست هو، سو عقاب وانگر وِجي سندس ڳوتريءَ ۾ هٽ وڌائين. مار، هو ڪلياڻ ڪئمپ جو مشهور ماهر نقاد هو، جنهن جو نالو هو مهرچند 'اَجل'. هُن ڪي پاڻ سان گهيلي آٽي هڪ هوٽل ۾ وهاريائين ۽ بہ اسپيشل چانهيون گهرائي دل جون ڳالهيون شروع ڪيائين. چيائين، 'سائين هاڻي منهنجي ڪا مدد ڪريو.'

'يار، ڪهڙي؟'

'سال کن گهر ۾ ويهي ڪٽون چنيون اٿم. هاڻي نہ جوءِ ٿي سهيم ۽ نہ ٻارڙا.'

'سو مان ڇا ڪريان؟' رُکو جواب مليس.

'اوهين سڀ ڪجهہ ڪري سگهندا. اڳي هو ڪئمپ نمبر ٽئين ۾ شري پرسرام تصيا. اُهو جي زنده هجي ها تہ اوهان وٽ نہ اَچان ها. هاڻي ٻيو ڪو ماڻهو تہ نٿو سُجهيم جنهن کان شاعري ٻائري سکان.'

آهي نه ڪنهن ڪم سنئو ونئو وڃي ۽ اُن لاءِ جوابدار هو اُنهرو ڦوٽهي، جيترا سندس متان مقرر ڪيل آفيسر جن ۾ ڪا ڪوتاهي آهي، جو ملازمن کان ڪم نٿا وٺي سگهن.'

رپورٽ پڙهي ڊائريڪٽر صاحب جون تہ وايون بتال ٿي ويئون. قصو ڪوتاهہ تہ ويڪورام جي نوڪري تيستائين سلامت هئي، جيستائين ڪادي ۽ گرام اُديوگ ڪميشن هلي. اُها بند ٿي تہ ويڪوُرام ڳپل ناڻي جي گرئچوئٽي ۽ پراويڊنٽ وٺي اَچي پهتو. پوءِ تہ جنسي جشن ٿي ويا ۽ واڌايون وري ويئون. هرڪو چوي، نوڪري تہ ويڪوُرام جي!

اُن ڪانپوءِ ويڪوُرام تہ مست ٿي ويهي رهيو حياتيءَ جي ٻئي دؤر جو انتظار ڪرڻ لڳو، جنهن جو بيان وري ٻئي ڀيري ڪنداسين.

سو سائين، آرتوار تي اسانجو ويڪورام ويو ادبي ڪلاس ۾. سائين پرسرام ضيا جي ديهانت بعد، صدارت ڪندو هو پڳوان ’دامن‘، جنهن سگريٽ مان سوٽو پيري صدارت جي ڪرسي سينگاري. ڪلاس ۾ سوهڻ ’اڏامر‘، ساجن سانولا، ڏنو آوتاڻي، ماستر خيال ’آساوند‘ نارائڻ آرتي، ڊاڪٽر ڏکايل، مهرچند ’اَجل‘، هُرگن پهوجا، شور سلوجا، ڪيم امل کان وٺي ويندي ڏکاريل، پٽڪيل، رڱيل، رولاڪ تائين سڀ موجود هئا. ويڪورام جون وايون ولڙيون ٿي ويئون. ماڙ، سنڌي ساهت جون سڀ وڏيون وڏيون پڳون اُتي اَچي گڏ ٿيون هيون!

ويڪورام جي پر ۾ ويٺل هڪ جوان ڪانئس پڇيو، ’سائين،اوهان جو تخلص ڇا آهي؟‘

ويڪورام پيو مُنجهي. سيني ليکڪن ۽ شاعرن کي پنهنجو قلمي نالو بہ چونڊڻو آهي! شاعريءَ کان اڳ تہ اُهو ڪپي، سو شاعريءَ-اُستاديءَ جي چڪر مان نڪري اچي تخلص ڳولڻ جي آنڌ مانڌ ۾ پيو.

صدر صاحب کي ادب سان هٿ ٻڌي عرض ڪيائين، ’سائين، دامن صاحب، مان پهريون پيرو هتي آيو آهيان. مون لاءِ بہ ڪو قلمي نالو ڳوليو تہ شاعري شروع ڪريان.‘

دامن صاحب سگريٽ مان سوٽو پيري چيو، ’ڪڏهن ڪا شاعري ڪئي اَٿيئي؟‘

’ها، سائين. ٻڌو :

’پڙهيم پئي پنهنجيءَ بئرڪ ۾، اُجهامي پر بتي ويئي،
لڳو ٿي غم جي ڪائين تي ڪري مون کي سَتي ويئي.‘

چوڌاري واه واه ٿي ويئي، جيڪا نارائڻ آرتيءَ کان سَٺي نہ ويئي. واڪو ڪري چيائين، ’دامن صاحب، اِهو منهنجو شعر آهي، جيڪو مون سنڌ ۾ لکيو هو.‘

سيني جا وات ڦاٽي ويا. ماڙ، تہ نارائڻ آرتي ڪڏهن شاعري بہ ڪندو هو!

’اَڙي پر ٻڌائو، آءٌ ڪو شاعر ته ڪو نه آهيان.‘

’سائين، هاڻي ائين نه چئو. جڏهن نيتاجي اِسڪول ۾ بمبئي ۽ ڪلياڻ جا شاعر آيا هئا، تڏهن اوهان سڀني سان ڀيٽي ڳالهايو. جنهن مان لڳو ٿي ته اوهين سڀني کي سڃاڻو.‘

مهرچند اَچي ڦاٿو. پڇيائين، ’پر ٻه ٻڌاءِ ته توکي شاعريءَ جو ڀوت ڇو سوار ٿيو آهي؟‘

هٿ اَدب جا ٻَڌي، ويڪوُرام عرض ڪيو، ’هڪ ڀيرو ڪادي ڀون ۾ پنهنجي باس کي هڪ شاعر جو گفتو ٻڌايم ته اصل موُرڇا ٿي پيو. ايتري قدر جو نوڪري به ڏنائينم.‘

’اصل ائين؟‘

’ها سائين، جيئين.‘

’ته ٻُڌ. ٽئين نمبر جي پراڻي چونڪ ۾ رهندو آهي ڀڳوان ’دامن‘، ٻئي نمبر ۾ رهندو آهي ڪيم ’اَمل‘ اِهي وڏا شاعر اٿيئي.‘

’سائين ڪيم-امل کي آءٌ به سڃاڻان. ٻه ٽي ڀيرا سائڻ ٽرين ۾ پوني جو چڪر لڳائي آيو آهيان ۽ سندس مهماني به ماڻي اٿم.‘

’پوءِ، باقي ڇا کپيئي؟‘

’سائين، اوهين قبول ڪريوم. اوهين سوٌ سالن کان سنڌي شاعرن کي سڃاڻو. مون اَوهان جو ڪتاب به پڙهيو آهي.‘

’اوه، تو ڪتاب به پڙهيو آهي!‘ مهرچند ’اَجل‘ صاحب جون مُڇون پنهنجي ساراهه ٻڌي ٿورو ڦڙڪيون. ههڙو جاڻو ماڻهو ڪيس اڳ ڪونه مليو هو. ٿوري دل به سُرڪيس ته اُستادي ڪمائي پر پوءِ سوچيائين ته ڪالباديويءَ جي پيڍيءَ تي سڄو ڏينهن ڪاڳر ڪارا ڪري شام جو مونَندڙ ماڻهوُ ڪيئن اُستادي ڪري سگهندو؟

چيائينس، ’چڱو، هاڻي ايندڙ آرتوار تي اسانجي ادبي ڪلاس ۾ اَچ ۽ اَچي پنهنجي اُستاد جي چوُنڊ پاڻ ڪر.‘

شاعر ويڪوُرام مدمست جي سنڌيت جي بس ۾ سواري

شاعر ويڪوُرام مدمست جي شاعريءَ جي وڳن ۾ سواريءَ کان پوءِ هاڻي سنڌيت جي بس ۾ سواريءَ جا ڏاڍا دلچسپ داستان آهن. هو خوش نصيب هو جو کيس ماستر خيال 'آساوند' جو سنگ ملي ويو، جنهن کيس شاعريءَ ۾ اُستاديءَ جي آچ ڪئي.

آساوند کيس ڏاڍو سنو نسخو ٻڌايو:

'ڪلياڻ ڪئمپ ۾ گهٽيءَ گهٽيءَ، چونڪ چونڪ ۾ ٽڪاڻا، مندر ۽ سنتن جا آشرم آهن، جيڪڏهن توکي مشهوري کپي ته اول اُهي پيٽ، پوءِ ٺيڪاٺيدارن، پوڄارين ۽ سنتن جي جنم ۽ سنياس جي ڏينهن جي ياداشت ناهه. اُنهن ڏينهن تي پنهنجو شعر ناهي، عام جنتا جي اڳيان اَچي پڙهه. بس، تنهنجا پوٌن ٻارنهن.'

'اِهو وري ڪيئن ٿيندو؟ اول شاعرن ۽ ليکڪن جي سنگت ۾ ته اَچان.'

خيال آساوند کيس سمجهايو، 'تون جيڪڏهن اِئين ئي ڏوڪ ڏوڪان ڪري ساهتڪارن جي قطار ۾ ويهڻ جي ڪوشش ڪندين ته توکي ليکيندا به ڪونه.'

پوءِ آساوند صاحب پنهنجو بيان جاري رکندي چيو، 'هڪ ڳالهه ٿو ٻڌايانءِ، جيڪا ساڄن سانولا، پنهنجي دوست سوهن 'اڏام' کي ٻڌائي هئي. هڪ ڀيري رات جو دير تي ويئي ته 'اُڏام' صاحب کي چانهه جي باڙ لڳي، سو ويو هوٽل تان ڪير وٺڻ. اَجا گهر مان ٻاهر نڪتو ته ڪُتا اَچي پنيان پيس. اُڏام صاحب سهڪندو سهڪندو واپس آيو. تڏهن ساڄن

سوهن 'اُڏام' پنهنجيءَ ڪُرسيءَ تان اُٿي رڙ ڪئي، 'مان اِن ڳالهه جي تصديق ٿو ڪريان تہ اِن شعر جي ٻي سٽ نارائڻ آرتيءَ جي آهي پر پهرين سٽ هِن يار پنهنجي جوڙي آهي.'

هرگن پهوجا پنهنجي چپن تي هلڪي مرڪ ڦهلائي چيو، 'يارو، هن نئين دوست کي اَول داد تہ ڏيو جو پهريون ئي شعر وزن تي چيو اَٿس. اوهين ڪيس ترقي پسندن وانگر نہ ڇيڇليو. منهنجي اڳڪٿي آهي تہ هي شاعر سگريٽ بہ نٿو پيئي پوءِ بہ موتي پرڪاش وانگر ڪُڇسا شعر نٿو لکي. هي تہ اڳتي هلي سگريٽ پياڪ ڪرشن راهيءَ وانگر سُٺا شعر لکندو.'

اِن تي سيني اُٿي بيهي تاڙيون وڄايون ۽ نئين شاعر جي آجيان ڪئي.

ڊاڪٽر ڏڪايل ويو سو هيمون ڪالاڻي لئبرريءَ مان بہ ٽي سنڌي ڊڪشنريون ڪڍي آيو. صدر جي اڳيان رکندي چيائين، 'صدر صاحب 'اڄ ادبي ڪلاس جي ڪارروائي اِها ٿيندي تہ هن نئين شاعر لاءِ ڪو اڻ ٻڌل تخلص ڳوليو وڃي.'

سيني ڪي اِها ڳالهہ ڏاڍي وڻي. آخر ڪلاڪ گهٽيءَ مٿا ڪُٽ بعد شاعر ويڪورام لاءِ تخلص، ڊڪشنرين جي چار مان اِئين نڪري آيو جڻ تازو ڦاٿل پلو. اُنهيءَ ئي ادبي ڪلاس ۾ شاعر ويڪورام جو نالو بدلجي ٿيو ويڪوُرام مَدِمست.

بس، اُنهيءَ ڏينهن کان ئي ويڪورام مدمست شاعريءَ جي وڱن تي سوار ٿيو. سندس ٻي منزل هئي سنڌيت جي بس جي سواري، جنهن لاءِ ڪيس اڳتي هلي جدوجهد ڪري، ڪاميابي حاصل ڪرڻي هئي.

چئو جهوليلال

(۲۵-۵-۲۰۰۱ع)

هندواسي

آرتوار ۲۳-٦-۲۰۰۱ع

اُن بعد مدمست صاحب ٿيندو هو هر محفل ۾ ميز ۾ خاص، پنهنجو شعر به چوندو، پاڻ ئي تاڙيون وڄائيندو ۽ پاڻ ئي رپورٽ لکي اخبار کي موڪليندو. سنڌونگر، سنڌواسي، سنڌي سماچار، نگر نيوز - مطلب ته ڪلياڻ ڪئمپ جي هر اخبار ۾ سندس نالو ۽ فوٽو ڇپبو هو، آخر اِئين وڃي ممبئيءَ جي روزاني سنڌي اخبار تائين پهتو. نهروءَ، گانڌيءَ، سباش بوس، سردار پٽيل، ڪرشن، سُداما، رامچندر، جي جنم ڏينهن تي اخبار جو خاص پرچو نڪري ته پهرئين ئي صفحي تي سندس شعر هوندو هو، ڇپيل شعرن جو وڏو فائيل ناهيائين ۽ هڪ پيري شاعريگوان 'دامن' ۽ ڪيم 'امل' کان آسيس وٺي، سنڌيت جي بس جي سواريءَ لاءِ سنيريو.

سندس پهرين ڪاهه هئي انڌيري اولهه جي امبولي ناڪي تي جتي کُل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سنسٿا جو جناڌاري پريزيڊنٽ رهندو هو. هن جو وڏو نالو هو. کاديءَ جا ڪپڙا پائيندو هو. شڪل جو گول مٽول. ٺارو ڪاليج جي پروفيسريءَ تان رٽائر ڪيو هئائين. هن صاحب جو کاڌو نهايت سادو هو. مثال طور تازن پڪل اُڦراٽن مٿان مکڻ جا ٻه ٽي چاٺا، سڄي گيهه ۾ تورين جي ڀاڄي، مگن جي دال ۽ مٿان لسيءَ جو وڏو گلس! جنهن جي مٿان مکڻ پيو ترندو هو.

جناڌاريءَ ماني کائي، اوڳرائي ڏيئي هن نئين آيل اڻ سڃاتل جي هٿ مان ٿيلهي کسي پڇيو، 'اَبا، ڪهڙي سوکڙي کڻي آيو آهين!'

'سائين، ڪلياڻ ڪئمپ جي جهمٽمل حلوائيءَ جو ناهيل پستن بادامين جو حلوو، پاپڙن جو ڪلو ۽ آچار جو شيشو.'

'ڪنهن لاءِ؟'

'سائين، اوهان لاءِ، ٻيو ڪنهن لاءِ!'

'پر ڇو؟ مان ته توکي سڃاڻان به ڪونه.'

مدمست صاحب ٻيءَ ٿوتريءَ مان پنهنجي شعرن ۽ گيتن جو فائيل ڪڍي جناڌاريءَ جي هٿ ۾ ڏنو، جنهن اکين تي چشمو چاڙهي ٻه اوڳرائي ڏني ۽ فائيل کوليو. مان اِهو آهي مدمست! چيائين، 'مدمست اوهان جو نالو آهي؟ سرابر خيال آساوند اوهان جي واقفيت ڏني هئي.

صاحب جبس تہ ٻيارا، جانهہ باکير ونڻ ويندين تہ ڪتا پنبان پوندءِ،
جيڪڏهن سنڌي ساهت يا سنڌيت جي بس جي سواريءَ لاءِ ٻاهر ويندين
تہ نقاد پنيان پوندءِ، جن جي وَرُ چڙهئين تہ ڇوٽڪارو مشڪل آهي.'

ويڪوُرام مدمست کي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي.

'تہ ڀلا شاعريءَ جو نسخو ٻڌاءِ.'

'اصل ٻہ ٽہ نُسخو تہ ٻڌايانءِ، جيڪو مون پاڻ آزمايو آهي ۽ جيڪو
شاعر صاحب ڏکايل جي خيال ۾ بہ ڪونهي. هڪ شعر يا گيت اهڙو رچي
اچ، جيڪو سيني ٽڪاڻيدارن، ساڌن، سنتن جي گڻن جو بيان ڪري
مثال طور:

'اسان تي ديا ڪر، دياوان آهين،
تون سائينءَ جو سالڪ ۽ ٻلوان آهين،
غريبن يتيمن جي شيوا ڪرين تو،
تون ڏاتار سڀني جون جهوليون ڀرين تو.
تون سوامي سچو ۽ ستيوان آهين،
اسان تي ديا ڪر، دياوان آهين.'

'پر آساوند صاحب، اِهو گيت تہ هڪ سنت لاءِ ٿيو. ٻئي سنت ۽ ستپرش
لاءِ ڇا چوندس؟'

آساوند صاحب ٽهڪ ڏنو، 'ڏاڍو ڀولو آهين، اَڙي ڀائي، جنهن سنت
جي جنم ڏن تي اِهو گيت ڳائين تہ فقط 'سوامي' اکر جي بدران اُن
سنت جو نالو لک.

مثال طور:

هريرام سوامي تون ستيوان آهين،
اَسان تي ديا ڪر، دياوان آهين'

بس سائين، اَسانجي مدمست صاحب کي فارمولو مليو سو ڪوري
ڪنگر وانگر ٽري پيو. بہ ٽي اَهڙيون ڪوتائون ۽ گيت رچيائين، جيڪي
هرڪنهن ساڌو سنت سان ٺهڪي اَچن. رڳو نالو بدلائڻ جي دير.

تنهنجي سنڌيت جي بس جي سواري خطري کان خالي نہ آهي.‘

’پر سائين، آتما صاحب لاءِ چيو ويندو آهي تہ جيڪڏهن پنهنجن شعرن ۾ سنڌس هدايل درستيون نہ ڪندس تہ پوءِ لاڪ لاهي ڇڏيندو. تنهن ڪانسواءِ سچي جڳ کي هدائيندو تہ هن مونکي شاعريءَ جي ميدان ۾ آندو. پوءِ ڇا ڪندس؟ آخر مون کي خيال آساوند جو بہ تہ سوچڻو آهي نہ؟‘

پروفيسر، مدمست جي مونجهاري کي ڏسي مُنجهي پيو، ڳالهہ برابر هئي. مدمست کي آتما صاحب جي آڪاڙي ۾ موڪلڻ ائين هو جڻ کنهن ڇتي شير جي اڳيان جيتامڙو ڇيلو ڇڏڻ. چيائين، ’مدمست، سوچي ڏس. همت ڪندين تہ آتما جهڙو سنڌيت جو پوڄاري آسمان تي چاڙهي ڇڏيندءِ. تنهنجي هر شعر مان ڪيس ترقي پسنديءَ جي سڳند ايندي. وري بہ جي ٻئين نمبر جو نالو ڪپيئي تہ اُهو اَتيئي گوما ’باغبان، جيڪو ڪانديوليءَ جي ايراني واڙيءَ ۾ رهندو آهي ۽ اَڄڪلهہ سنڌيت جي بس جو مکيہ سوار آهي ۽ ناٽڪ ۽ سنگيت جي پرچار ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو اَٿس. پر هڪ ڳالهہ ياد رکج، جيڪي سوکڙيون مون لاءِ کڻي آيو آهين، سي هميشہ منهنجي ڪاتي ۾ رکج، باغبان کي شواجي چاپ ٻيڙين جا بنڊل، تارو شاهہ جي ٻيرن جهڙا ٻير، پاپوڙا، ڪوٽيون وڏيڪ پسند ايندا آهن. چوَ، اهي هٿ ڪري سگهندين؟‘

’سائين، هاڻي جيڪڏهن سنڌيت جي بس جي سواريءَ لاءِ قسم کڻي نڪتو آهيان، تہ اِهي سڀ سوکڙيون هٿ ڪندس.‘

’تہ پوءِ منجهي آسيس اٿيئي. شل سدا سوڀارو ٿئين. اِهو ٻئين نمبر وارو، پهرئين نمبر وانگر سخت ڪونہ اٿئي. هو توکي ڪو نہ ڪو خطاب بہ ڏيندو مثال طور شاعرن جو شاعر، انقلاب جو اُلو وغيرہ.‘

اِتي جتاداري پروفيسر کي جهوٽو اَچي ويو. هن کي ڪونگهرا هڻندو ڇڏي، شاعريءَ جي وڳن جو مزو ماڻڻ ڪانپوءِ اسان جي مدمست صاحب ٻڌا ٽپ ڏيئي ڪانديوليءَ ڏانهن رُخ رکيو ۽ سنڌيت جي بس جي سواريءَ جو شرف ماڻڻ لاءِ اَچي گوما صاحب جي گهر جو در کڙڪايو.

هائي ٻڌايو تہ ڪهڙو ڪم آهي؟'

'سائين، سنڌيت جي بس جي سواريءَ ني دل تي آهي، اوهان جو خدمتگار تي رهندس. حلوي، پوريون، مکڻ، پاپڙن ۽ ڪچورين سان اوهان کي ڏؤ ڪرائيندس. منهنجي اِها آس پوري ڪريو.'

ڏؤ تي ڪاڏل ماني سبب پروفيسر صاحب جون آکيون اکي ئي گهيريل هيون، تنهن اول تہ ٿيلهي پنهنجي نوڪر جي حوالي ڪئي ۽ پوءِ جند ڇڏائڻ جو حيلو ڪڍي چيو، 'اَبا، تون سنسٿا جي جنم داتا سيڪريٽريءَ وٽ وڃ. هو باندرا ۾ رهندو آهي. سندس نالو آهي، آتما.'

مدمست صاحب اُتي بيٺو. چيائين، 'سائين، اُن وٽ مونکي نہ موڪليو، هوُ تہ وڏي ۾ وڏو ساهتڪار آهي. مون کي در تي ڏسي اُهو تڏو هٽندو جو اَڇي ڪلياڻ ڪئمپ نمبر پنجين جي بئرڪ ۾ نڪاءُ ڪندس.'

'همت رک. توکي اگر سنڌيت جي بس جي سواري ڪرڻي آهي تہ اُن ڪانسواءِ تو لاءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي. آتما وڏيءَ پهچ وارو آهي. سنڌيت جي بس جو ڏاڍو آزمودگار، خبردار، جاندار ۽ مٽيادار ڊرائيور آهي؛ جيڪڏهن تون سندس ويجهن جي لسٽ ۾ هڪ ڀيرو اَچي وئين ۽ سخت ڪم ڪرڻ، ڪرسيون رکڻ ۽ فراس وڇائڻ، تقريرن ڪرڻ ۽ شعر جوڙڻ مان نہ ٿڪبين تہ تنهنجي ترقيءَ جي خاطري آهي پر جي تنهنجيءَ قسمت پلٽو کاڌو ۽ هن جي ويچارن سان سهمت نہ ٿئين تہ تنهنجو حال اُهو ٿيندو جيڪو توکان اڳ ڪيترن بدبختن جو ٿيو آهي، جن کي سنڌيت جي بس مان اهڙو ڪيرايو اٿائين جو اڄا سندن هڏ گڏ ڪونہ جڙيا آهن.'

مدمست کي خوف ويو ورائيندو. سنڌيت جي ايلچيءَ جنم داتا سيڪريٽريءَ جي نالي کان هونءَ ئي ڪيس پيُو هو، باقي جو پروفيسر جي بيان بازي ٻڌائين تہ همت هارجي ويس. چيائين، 'سائين اِن جنم داتا کي ڇڏي ٻيو ڪو داتا، وڌاتا ٻڌايوم.'

'پهرئين نمبر کي ڇڏي جي ٻئين نمبر ڏانهن ڏِڪئين تہ پوءِ

’سچاتم. ڪيئن آيو آهين؟‘

’سنڌونگر ڪان ڪهي آيو آهيان. اول امبولي ناڪي وٽ انڊيريءَ ۾ ويس، جتان اوهان جو ڏس مليو آهي.‘

’اڙي بابا، پڇان ٿو تہ ڪهڙي ڪم سان آيو آهين؟‘

’اوهان جي شيوا ڪرڻ، سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهتيہ جي شيوا ڪرڻ ۽ بس‘

’اُن لاءِ توکي مان ئي لڌس؟‘

’نہ سائين، اِئين تہ ٻہ ٽي ٻيا نالا بہ مليا هئا. هڪ هو آتما صاحب جيڪو سنڌي ساهت جو تجربيڪار ساهتڪار مضمون نويس، ڪهاڻي نويس ۽ ڪوجنيڪ آهي.‘

’ها سمجهيم، پوءِ اُتي ڇو نہ وئين؟‘

’سائين، اُهو تہ پهرينءَ ملاقات ۾ ئي ڪل لاهي ڇڏي ها، سو اوهان وٽ اچڻ جو فيصلو ڪيم ۽ بس.‘

’مون ۾ ڪهڙي لالچ اٿيئي؟‘

’سائين، ڪابہ نہ. پيڻوان جو ڏنو سڀڪي آهي. هڪ پرائيويٽ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪندو آهيان ۽ چڱو سڦرو ڪمايو اٿم ۽ بچايو اٿم، هڪ ٽرسٽ بہ ناهيو اٿم. ميواڻي ٽرسٽ. سال جي شروعات ۾ غريب ٻارن کي نوٽبوڪ، پينسلون ۽ ربڙ ڏيندو آهيان ۽ بس‘

’تون سمجهين ٿو تہ اِئين سنڌونگر مان غريبي هٽي ويندي؟‘

’سائين، اهڙي هام آءٌ ڪين هڻندس، جيڪي پڄي ٿو سو ڪريان ٿو. هاڻي شوق اٿم تہ سنڌيت جي وڳن ۾ اوهان سان گڏ سواري ڪريان ۽ بس.‘

’ماڙ، سو تون مون سان گڏ سواري ڪندين؟‘

’نہ سائين نہ. ڪن پڪڙيم، توهين رڳو هڪ مهرباني ڪريو جو مونکي ڪُل ڀارت سنستا ۾ ڪو عهدو ونائي ڏيو ۽ بس.‘

’اِهو ڪم تہ آتما صاحب جو آهي. هوئي سڀا جو هرتا ڪرتا، جنم داتا سيڪريٽري آهي. مون کان هن جي ٽيريٽريءَ ۾ دخل اندازي ڪرائي اَسان جي ٽمورتي ٽوڙيندين؟‘

شاعر ويڪورام سنڌيت جي بس ۾ سواريءَ لاءِ اگهامڄي ويو

سائين، مونکي معاف ڪجو. شاعر ويڪورام مدمست جي ڳالهه اڌ ۾ رهجي ويئي ۽ اڳتي ڪانه وڌي، پر مدمست جنهن جو نالو سو ڪتي ٿو جند ڇڏي. رات وري سپني ۾ آيو ۽ ڏند شيڪي چيائين، 'پرما، پرمي جا پٽ. منهنجي ڪهاڻيءَ کي تو اَهڙي موڙ تي ڇڏيو آهي، جنهن مان منهنجي چرتر چترڻ تي داغ ٿو لڳي، هاڻي جي منهنجي ڪهاڻي اڳتي نہ وڌائيندين تہ تنهنجو خير ڪونهي،سو سائين، مهنو بہ اڳ ڪنيل ڳالهه وڌائڻ تي مجبور آهيان.

اوهان کي ياد هوندو تہ اسان ڳالهه اُتي ڇڏي هئي جتي مدمست صاحب، ڪُل ڀارت سنستا جي جناداري صدر کي ڀيتا ڏيئي ڪانديوليءَ ۾ گوما باغبان جي گهر جو دروازو اَچي کڙڪايو.

باغبان صاحب،جيڪو رات جو ٻين بجي تائين پنهنجون ناول لکي رهيو هو،تنهن کي پرياتِ ويلي ننڊ ڪٽي ويئي هئي ۽ اَڃا هينئر چانهه جو پيالو ڪٽي هيڙي ڏُکائي، رات جو ٿڪ لاهي رهيو هو.

'ڪير آهي؟' باغبان صاحب اندران ئي سوال ڪيو.

'سائين، اوهان جو شيوڪ، مدمست'، نهايت هيٺو آواز آيو. باغبان اُٿي دروازو کوليو. هن اوپري جي چهري کي چتائي ڏٺو تہ ڪيس ٿوري يادگيري آئي. هن شخص کي هن سائين ٽيئونرام جي آشرم ۾ سنگيت پروگرام هلندي ڏٺو هو.

'سائين، مان مدمست.'

هن اُٿي بيهي ٽوما باغبان جا چرن ڇهيا ۽ دروازي طرف رُخ رکيو.

’پُٽ،‘ باغبان صاحب سڏ ڪيو.

’هاٽي بمبئيءَ آيو آهين تہ باندرا ۾ آتما وٽان ٿيندو وڃج. هن جي حڪم ڪانسواءِ سنڌي ساهت جي وڻ جو هڪ پن بہ چُري ڪين سگهندو آهي. تنهنجي پلي جي ڳالهہ تو ڪريان ۽ بس.‘

’جئہ اوهانجي آگيا،‘ چئي، شاعر ويڪورام مدمست ٻاهر آيو.

هن سمجهيو تہ ٽوما باغبان سان ملاقات ڪرڻ بعد، سڀ ڳالهہ آسان ٿي پوندي، پر ائين ڪونہ ٿيو. ويچاري لاءِ هاٽي ٻيو رستو بہ ڪونہ هو، سو ٻرا قدم کڻندي اَچي بس اسٽاپ تي پهتو ۽ رُخ رکيائين باندرا ۾ آتما صاحب جي گهر ڏانهن.

گهر وٽ پهچي هن ڊڄندي ڊڄندي دروازي جي گهنٽي وڄائي تہ آتما صاحب جي ساهتڪار پتنيءَ اَچي دروازو کوليو. مدمست نهايت عزت سان ماتا وندريءَ جا چرن ڇهيا.

’پائي، تون ڪير آهين ۽ ڪيئن آيو آهين؟‘ ماتا وندريءَ پڇيو.

’منهنجو نالو مدمست آهي. سنڌونگر ڪان آيو آهيان، آتما صاحب سان ملڻ.‘

’صاحب تہ هينئر بزي آهن، سندس بستري تي پيل اجرڪ پئي چنڊيم تہ ٻانهن ۾ سُئي پئي هنيائون. تو اَپائنٽمينٽ ورتي آهي؟‘

’اَپائنٽمينٽ تہ ڪانہ ورتي اَٿم، پر مون کي ڏڪايل صاحب، مهرچند اجل، پڳوان دامن، نارائڻ آرتي، هرگن پهوجا ۽ ٻيا سڀ سڃاڻن.‘

’اِهي وري ڪهڙا نالا تو ورتا؟ اچ اچ ويهہ.‘ ماتا وندري کيس اندر وٺي آئي ۽ ڪرسي ڏنائينس. چيائين، ’توکي شايد برابر هدايتون ڪونہ مليون آهن. مهرچند اجل، پڳوان دامن، نارايڻ آرتي، هرگن پهوجا هاٽي صاحب جي لسٽ تي نہ آهن. هنن جو نالو نہ وٺج. باقي شاعر ڏڪايل جو نالو ٺيڪ آهي.‘

’پر ماں هينئر ٽوما باغبان وٽان بہ ٿي آيو آهيان.‘

’نہ سائين، اهو منهنجو ارادو ڪونهي. اهو ڪم مون جهڙن نمڻن جو ڪونهي. اوهين پاڻ ئي ان کي نوڙيندا. اوهان کي تہ خبر آهي تہ اوهين ليکڪن ۽ شاعرن کي لقب بہ ڏيندا آهيو. مثال طور ليکڪن جو ليکڪ، مجلس جو مور، محل جو ماڻهو. ايتري قدر جو ٽن برقي پسند شاعرن کي اوهان علي سردار جعفري، ڪيفي اعظمي، ساحر لڌيانوي ڪري بہ سڏيو آهي. هڪ نالو مون لاءِ بہ ڪري چونديو ۽ بس.‘

ان وچ ۾ باغبان صاحب جي چانهہ لري ويئي ۽ بيڙي ختم ٿي ويئي. مدمست کان پڇيائين، ’چانهہ پيئنديں؟‘

’سائين، پيئاريو تہ پي ويندس.‘

چانهہ جا پيالا آيا. باغبان صاحب بيڙي وات ۾ وڌي تہ مدمست تُرت تيلي ٻاري اُها دکائي.

’يلا، سنڌونگر ۾ ڪيترن سان جاڻ سڃاڻپ اٿيئي؟‘ گوما پڇيو.

’سائين، سيني چڱن مڙسن سان ۽ ڪئمپ جي سيني وڏين پڳن سان سڃاڻپ آهي. هو مون کي شاعر طور سڃاڻن.‘

’سنگيت پروگرام ٻڌندو آهين؟‘

’سائين، اوهان جي گروپ جي سيني پروگرامن ۾ ايندو آهيان.‘

’هون‘، باغبان صاحب جيڪو ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي پلنگ تي وينو هو، تنهن پنهنجو پوز بدلايو.

’جيڪا شيوا اوهين چوندا سا ڪندس. اڪيلو بہ نہ آهيان مون سان گڏ هڪ دوست ناروُمل آهي. ڏاڍو شيواداري آهي ۽ اوهان جي تہ ڏاڍي عزت ڪندو آهي ۽ بس.‘

’تہ پوءِ، تنهنجي سنڌيت جي وڳن جي سواريءَ بابت سنڌونگر ۾ سوچينداسين. سومر رات جو آسائوتڙ تي اَسان جو سنگيت پروگرام آهي، اُتي گڏباسين.‘

ويڪورام جي خوشيءَ جو انت پار نہ رهيو. هن گوما صاحب جهڙو ديالو اڳي ڪونہ ڏٺو هو.

’تہ پوءِ ٺيڪ آهي. ها، اسان وٽ ڪو ٺڪاڻو يا مندر ڪونهي. توکي ڪم ڪرڻو پوندو. توکي خبر هوندي تہ اَلور ۾ سميلن ٿي رهيو آهي. اُلهاسنگر مان ڊيليگيٽ ڪرڻا پوندءِ.‘

’سائين ڪندس. منهنجو دوست نارومل بہ مدد ڪندو.‘

’تہ چڱو، پنج سؤ ڊيليگيٽ ڪرڻا پوندءِ. ٽرين ۾ اُلهاسنگر وارن لاءِ الڳ ڳاڏو بُڪ ڪرائڻو پوندءِ. ها، سواءِ ڏُڪايل جي ٻيا سڀ ديوناگريءَ وارن جا چمچا آهن. ائين نہ ٿئي جو اُهي بہ اَلور ۾ گهيلي اچين ۽ سميلن ۾ گڙٻڙ پيدا ڪن. اسان ڪي اڳي ئي بئنگلور سميلن جو آزمودو آهي.‘

’آتما صاحب اوهين فڪر نہ ڪريو.‘

’ٻي ڳالھہ سنستا ۾ منهنجو حڪم هلندو. ٻيا سڀ رڳو ڳالهيون ڪندا آهن. ڪم تہ رڳو مان ڪندو آهيان. هُئي ڪنهن ۾ همت جو سميلن ڪوٺائي ڏيکاري؟‘

’نہ سائين، اوهان جي لائقيءَ ۽ نالي کي ڪير ٿو ٻڌي تہ اوهان وٽ آيو آهيان.‘

’سيڪريٽري مان ٿيڻ وارو آهيان. تنهنجا ڊيليگيٽ اُن جا پنيرائي ڪندا. اِئين نہ ٿئي جو ڪو گڙو گنجو سيڪريٽريءَ ٿي وڃي. آخر سنستا هلائڻي آهي، ڪا اڪ تان ماکي لاهڻي ڪانهي. سميلن ۾ غراس وڇائڻ ۽ ڪرسيون لڳائڻ جي جوابداري تنهنجي آهي ۽ اسٽيج تي جيڪي تقريرون ڪري ٿڪن تن کي پاڻيءَ جا گلاس پهچائڻ بہ تنهنجي ذمي آهي.‘

’سائين آتما صاحب، سڀ قبول آهي.‘

’تہ پوءِ چئو جئہ سنڌي‘

’جئہ سنڌي‘

اِئين مدمست صاحب ٻن ڏرن جا ڏڪا ڪائي ٽئين در تي اڱامجي ويو. سندس وڏيڪ تجربا، ڪنهن ٻئي پيري.

’اِن نالي لاءِ مون کي پڪ ڪانهي. ڪالهه اُن لاءِ به ڪجهه ڇپائون پئي. هن به ترقي پسنديءَ ۽ تصوف ۾ هڪجهڙائي ڳولي لڌي آهي، ۽ هر سيمينار ۾ وڃي تو دهرائيندو. هاڻي هو ناول نويس گهٽ پر ڪلا منڊل جو سيڪريٽري وڌيڪ آهي.نه سنسڪا ۾ هن جي دلچسپي آهي ۽ نه سميلن ڪوناڻ ۾. وڏي ڳالهه ته هن ڪلياڻ ڪئمپ ۾ بند ٿيندڙ سنڌي اِسڪول روڪاڻ لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ هن جو نالو به جي نه وٺين ته بهتر. هاڻي هل ته صاحب سان ملايانءِ.‘

ماتا وندري، مدمست کي وني ٻئي ڪمري ۾ آئي. ڪا ويل ته ٻيئي چپ چاپ بيٺا رهيا پر آتما صاحب الماڙيءَ مان ڪتاب ڪڍڻ ۾ مصروف هو، جنهن جو ڌيان هنن طرف ويو ئي ڪونه.

’سائين، آتما صاحب‘، مدمست، جڻ سماڌيءَ ۾ وينل ساڌوءَ جو ڌيان ڇڪايو. ان وچ ۾ ماتا وندرِي ته رنڌڻي ۾ هلي ويئي.

’ڪير آهين؟‘ نهايت ڪاوڙ ڀريل آواز ۾ آتما پڇيو.

’سائين، مدمست.‘

’ڪير؟ ويڪورام؟‘

’سائين، اوهان کي منهنجي نالي جي خبر ڪيئن پيئي؟‘

’اَڙي تنهنجا شعر پڙهندو آهيان پر مون کي پسند ڪونه ايندا آهن. تو سوامي هريرام تي ڪوتا لکي پر اِهو ڇو نه لکيئہ ته هو ترقي پسند هو؟‘

’اِهو ته برابر مون کان وسري ويو. سائين خيال آساوند ته اَهڙي صلاح ڪانه ڏني هئي. نه ته مون کي اِهو لکڻ ۾ ڪهڙو اعتراض هوا‘

’اَڙي، تون به وڃي ديوناگريءَ وارن جي جار ۾ ڦاٿو آهين، آسنداس، نارائڻ ڀارتي ۽ هيري جوتواڻي وانگر وڃي هنن جي چاپلوسي ڪر.‘

’سائين، اوهانجي شرڻ ۾ آيو آهيان. ائين ڌڪاريو ته نه. مون کي ته اوهان سان گڏ سنڌيت جي وئگن ۾ سواري ڪرڻي آهي.‘

’اسان سان گڏ؟‘

’نه سائين، اوهان جي چرنن ۾ ويهي.‘

۽ ساهت پريمين جي جنم پترين مان واقف هو. سو پڇڻو ڪنهن وٽ.

پائي روچيرام اکين تي چڙهيل ٿلهي چشمي مان ڪبس گهوري ڏٺو پرڪيس نه سڃاڻي، ڏکو هنيو.

’اوهين ٽيڪچند بيکچند ته نه آهيو؟‘

’نه پائو، اوهان کي مان ٽيڪچند لڳان ٿو؟‘

’لڳو ته ڪونه ٿا پر اوهين ليکڪ پنهنجا روپ پيا بدلائيندا آهيو. ٿي سگهي ٿو ته اِهو به اوهان جو نئون روپ هجي.‘ هن اِئين چئي ساهتڪارن جي فوٽن جو آلبم کوليو ۽ هڪ هڪ فوٽو ڏسي ۽ وري ويکورام مدمست جي ڀڪندڙ شڪل کي جاچڻ لڳو. آخر جڏهن ڳولا ۾ ناڪامياب ويو ۽ مشهور معروف ليکڪ ۽ نقاد اُتم صاحب جي لفظن ۾ ڦڪا ڪانا چوسڻا پيس، تڏهن نراس ٿي ڪٽي آلبم بند ڪيائين.

هاڻي مدمست جو وارو هو. تعجب ۾ پئجي چيائين، ’اوهين دعوا ڪندا آهيو ته اوهان وٽ سڀني ساهتڪارن جا فوٽا آهن. پوءِ منهنجو فوٽو ته اوهان وٽ ڪونه آهي. اوهان جي ساهتڪارن جا آلبم ته مڪمل نه آهن.‘

ويچاري روچيرام ششدر ٿي چيو، ’اوهين سچ ٿا چئو. مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهي ته اِنهن آلبمن ۾ ڪا ڪمي نظر نه اَچي پر ڏهين پندرهين ڏينهن ڪونه ڪو اَهڙو شخص پرگهٽ ٿيندو آهي، جيڪو هام هڻندو آهي ته هوُ وڏو ساهتڪار آهي پر سندس فوٽو منهنجي آلبم ۾ نه آهي. هونءَ به سنڌ ساهت ۾ هر هفتي هڪ نئون ليکڪ جنم وٺندو آهي.‘

ويکوُرام کي چڙ ته ڏاڍي آئي پر مني به ماٺ، مُني به ماٺ ڪري پنهنجي فائيلن ۽ آلبمن مان پنهنجو هڪ فوٽو چونڊي پائي روچيرام جي حوالي ڪندي چيائين، ’هاڻي هي فوٽو سنڀالي پنهنجي آلبم ۾ وجهو ۽ اُن جي هيٺان منهنجي تفصيلوار واقفيت ڏجو.‘

ويڪوُرام ڪي سيمينارن جون نينڊون آيون!

اَسانجو شاعر دوست ويڪوُرام مدمست اجڪلهہ هوا ۾ اُڏامي رهيو آهي. ڪارڻ اِهو آهي تہ کيس گذريل هفتي ٽي ليٽر آيا آهن، جن ۾ کيس ٽن الڳ الڳ سيمينارن ۾ شامل ٿيڻ جي نينڊ ڏنل آهي. چون ٿا تہ اَهڙا ڀاڳ نہ سدا حيات ليکراج عزيز جا هئا ۽ نہ سدا حيات گوبند مالهيءَ جا. هڪ ئي هفتي ۾ ٽن الڳ الڳ سنستائن وٽان ڪولايل سيمينارن لاءِ نينڊ واقعي ئي اچرج ۾ وجهندڙ حقيقت هئي، هن وَرَوَرَ ڪري لفافن ۽ نينڊ پترن کي اُٿلائي پٿلائي ڏٺو ۽ پڪ ڪئي تہ سڀ نينڊون سندس ئي نالي هيون. هاڻي هُن اڳيان فقط اِهوئي سوال هو تہ هوُ ڪهڙي نينڊون قبول ڪري، ٽن سيمينارن ۾ وڃي يا منجهائن ڪنهن هڪ ۾ شريڪ ٿئي. اول تہ هُن سوچيو تہ پنجين نمبر ڪئمپ ۾ وڃي پنهنجيءَ ٻڍڙيءَ نانيءَ سان صلاح ڪري، جيڪا ڦارون پائڻ ۾ پرپيڻ هئي ۽ پاڙي اوڙي ۾ مشهور هئي، وري خيال آيس تہ ناني تہ فقط ڪنهن ٿيل شخص يا ڪنهن زيور جي چوريءَ بابت ٻڌائي سگهندي پر هوُ پاڻ جيئرو جاڳندو موجود هو ۽ هُنَ ڪا بہ شيءِ نہ وڃائي هئي ۽ نہ ڪنهن چور وٽانئس چوري ڪئي هئي، سو هن نانيءَ جو نالو لڪي پوءِ اُن تي ليڪ پائي ڇڏي. اِتي ٻيو خيال آيس پائي پوچيرام تيرٿداس سنڌو لئبرريءَ واري سان صلاح ڪري، جنهن وٽ نہ فقط سيني ساهتڪ سنستائن جا تفصيل هئا پر هوُ ڏري کٽ سڄي هندستان ۾ ڦهليل سنڌي ساهتڪارن

هئا، ٽن جون نينڊون ايندڙيون هيون پر اڄڪلهه اُهي اچڻ بند ٿي ويئون آهن ڇو جو سيني ڪي ڄاڻ آهي ته منهنجي طبيعت ٺيڪ نٿي رهي ۽ مان ٻاهر گهٽو ڪري ڪونه نڪران.'

'پر مون کي ٽن سيمينارن جون نينڊون آيل آهن.'

'ٽن سيمينارن جون؟ اِها ڳالهه ته مون پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ ڪانه ٻڌي ته هڪ ئي شخص کي ٽن سيمينارن جون نينڊون اچن.' ويڪورام ٽي لفافا ڪڍي روچيرام جي هٿ ۾ ڏنا، جيڪي هُن پڙهي عجب ظاهر ڪيو.

'روچيرام، هاڻي مون کي ٻڌايو.

'اِهو ڏاڍو مشڪل سوال آهي'.

'ان ڪري ئي اوهان جي صلاح وٺڻ لاءِ چار ڪئمپون پيرين پند لتاڙي آيو آهيان.'

ڪجهه سوچڻ بعد روچيرام چيو، 'منهنجي صلاح آهي ته اِن فيصلي ڪرڻ کان اڳ ممبئي جي بزرگ ۽ بزرگ ساهتڪار پروفيسر ڊاڪٽر اَرجن شاد سان صلاح ڪريو. تازو سندس اسي جنم ڏن ملهائڻ جون گرما گرم خبرون اَچڻ شروع ٿيون آهن.

'هن کي ته مان سڃاڻان،' ويڪورام چيو.

'ته پوءِ بس. هن کي نه فقط ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ عزت جي نگاه سان ڏٺو ويندو آهي، بلڪ هر سنڌي اڪادمي ساڻس صلاح مصلحت به ڪندي آهي.'

ويڪورام ڦولجي ويو، 'روچيرام، مان ڪيس تڏهن کان سڃاڻان جڏهن کان هن هڪ ڏينهن اندر اندڙ دونهون جهڙو شاهڪار لکي ساهتيه اڪادميءَ جو انعام کٽيو هو.'

'ائين ته مان توکي شري اُتم جي ناليءَ ئي چوڻ وارو هوس جيڪو به فقط لڇمڻ مسافر جي هر شعر کي شاهڪار سڏيندو آهي پر هن جي ماهوار مخزن 'ڪرڻو' کي سنڌ جي سنڌو مخزن جون سڪوُن لاهيندڙ سڏيندو آهي.'

روچيرام لڇائمان تي اوپري شخص جو فوٽو ۽ واقفيت پنهنجي
آلبمن ۾ رکي ڇڏيا. ويڪوُرام ٿوري ناراضپي مان چيو، ’پر اوهان منهنجو
نالو ته ڪونه پڇيو.‘

روچيرام چيو، ’فڪر نه آهي. جيڪڏهن مونکي نالي جي خبر نه
هوندي ته ڇا ساهتڪار پنهنجو نالو پلجي ويندو؟ هوُ هي آلبم اُٿلائي
پٿلائي پنهنجو فوٽو پاڻيهي سڃاڻندو ۽ نالو ٻڌائيندو.‘

اِها ڳالهه ويڪوُرام کي دل سان لڳي. سوچيائين ته جيڪڏهن وڏيڪ
بحث مباحثو ڪندو ته متان شري روچيرام سندس فوٽو آلبم ۾ چنبڙائي
ئي نه، ته سنڌي جاتي هيڏي وڏي ساهتڪار جي نالي کان ئي اڻ واقف
رهجي ويندي جيڪا سنڌين جي ايندڙ پيڙهين سان وڏي بي انصافي
ٿيندي. خير .... اِن بحث هلندي ويڪوُرام کان اِهو وسري ويو ته هوُ
شري روچيرام وٽ آيو ڇا لاءِ هو؟ دماغ کي چُست ڪرڻ لاءِ هُن پان
مصالحي جي هڪ پُڙي کولي پنهنجي وات ۾ وڌي، پوءِ به سندس
حافظي ساٿ ڪونه ڏنو. روچيرام پان مصالحو چٻائيندڙ هن شخص کي
گهوريندو رهيو. ٻنهي جي وچ ۾ اُها سانت لڳ ڀڳ اَهڙي هئي جهڙي
اعليٰ شاعر ايم. ڪمل ۽ هڪ سيڪرات شاعر جي وچ ۾ هوندي آهي، جيڪو
ڪانئس وزن جا داءُ پيچ سکڻ لاءِ اَچي پهچندو آهي پر ڪجهه سمجهي
نه سگهندو آهي.

ايتري ۾ ويڪوُرام جي نظر روچيرام جي اڳيان رکيل هڪ هفتيوار
اخبار جي پهرئين صفحي تي وچي پيئي جنهن جو سرو هو هڪ شاندار
ساهتيڪ سيمينار. بس، ڪيس ياد اچي ويو ته هوُ ڀائي روچيرام کان
سيمينارن بابت صلاح مصلحت ڪرڻ آيو هو :

گلو صاف ڪري ويڪورام پڇيو، ’ڀائي روچيرام، اوهان کي ڪڏهن
ڪنهن سيمينار جي نينڊ آئي آهي؟‘

روچيرام چيو، ’اَڳي سنڌونگر ۽ مُمبئيءَ ۾ جيڪي سيمينار ٿيندا

جڏهن ويڪورام پنهنجو مسئلو شاعر صاحب جي اڳيان رکيو، تڏهن وسنت نرمل تازي ٽپال ۾ الڳ الڳ حنڌن تان آيل نينڊ پتر ڪٽي سندس هٿ ۾ ڏنا. مار، هن وٽ ته هڪ نه پر سڄن سارن پنڄن سيمينارن ۾ شريڪ ٿيڻ جون نينڊون آيل هيون! ڏاڍي هٽي ڏه ته توڏو هٽي تير حن، واري ڪار هئي. ويڪورام جون اکيون ائين ڦاٽي ويئون جڻ شاعر ڪمل پياسيءَ جو شعر پڙهي ايم. ڪمل. جون ڦاٽي ويندين آهن.

ٿوري دير ترسي شاعر وسنت نرمل پنهنجيءَ واچ ۾ وقت ڏٺو.

’پوءِ اوهان ڪهڙي سيمينار ۽ مشاعري ۾ ڀاڱ وٺڻ جو سوچيو آهي؟‘ ويڪورام پڇيو.

’جنهن ۾ نه فقط مون کان پيپر پڙهايو ويندو پر شعر به چوايو ويندو ۽ صدارتي تقرير ڪرڻ لاءِ به چيو ويندو.‘ وسنت نرمل صاحب پنهنجو فيصلو ٻڌايو.

بس، ويڪورام مدمست کي وڌيڪ پڇڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي، ڇو ته ان کي هو اڳ ۾ ئي فيصلو ورتو ته جنهن سيمينار ۾ ڪيس سيڪنڊ اي. سي. سليپر جو ڀاڙو آڇيو ويندو ۽ چار سال اڳ ڇپيل سيمينارن ۾ پڙهيم ٻن صفحن وارو پيپر پڙهڻ جو وجهه ملندو ۽ صدارتي ڪرسي ملندي، تنهن سيمينار ۾ ئي هو شريڪ ٿيندو.

قلم تازو - ويڪورام مون کي تازو ڳڌيو. افسوس آهي ته سيمينارن جي ڪار پردازن سندس شرط اڃا منظور ڪونه ڪيا آهن. البت هڪ سيمينار وارن وٽ اِهي شرط زير ويچار آهن.

[نوٽ: ويڪورام مدمست جون ڪهاڻيون ڪيئي سال اڳ جون لکيل آهن، اِنهن ۾ منهنجن ڪيترن ساٿين ۽ دوستن جا نالا آهن جن جا نالا چرچي مذاق ۾ ڪنيل آهن. ڪين ڏک پهچائڻ ۽ رنجائڻ جو اِرادو ڪونه هوم. افسوس آهي ته منجهانئن ڪي ته وڃي سائينءَ پيڙا ٿيا آهن. جيڪڏهن گستاخي ٿي هجيم ته معافي طلبگار آهين.]

'اُن وقت ئي تہ اِهي ويو هوس، جنهن مون کي فوٽ بال سمجهي جو ڏڏو هڻيو تہ ٺڪ وڃي ڪيمر ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي دَر تي.'

'تہ پوءِ اَرجن شاد ئي اوهان جي رهبري ڪري سگهندو. ها، جيڪڏهن اوهين هڪ پيرو سندس دل جو دروازو کولي اندر لنگهي ويا تہ سمجهو تہ پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري اوهان کي ملي ويئي.'

'اِهو وري ڪيئن؟'

ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ سندس وڏو رُسوخ آهي.

'بس، بس مون ڳالهہ سمجهي'، ويڪرام اُتاولو ٿي چيو، 'مان هينئر ئي ٿو وڃي ڊاڪٽر شاد جي دروازي جو ڪڙو ڪڙڪايان.'

ٻئي ڏينهن جڏهن ويڪرام ڊاڪٽر پروفيسر ارجن شاد جي جوهو اسڪيم واري گهر جو دروازو ڪڙڪايو تڏهن ڊاڪٽر صاحب پاڻ دروازي تي کڻي آيو، پڇيائين، 'چئو!'

'سائين مون کي اوهان سان ڳڏجي صلاح مصلحت ڪرڻي آهي.'

ڊاڪٽر صاحب چڙ ڪري جواب ڏنو، 'صلاح مصلحت ڪرڻ وارن جي لنبي قطار آهي. اوهين پنهنجو نالو، پتو ۽ ٽيليفون نمبر ڏيئي وڃو، جڏهن اوهان جو نمبر لڳندو، تڏهن اوهان کي اطلاع ڏنو ويندو.'

'پر سائين، مون کي تڪڙي صلاح گهرجي.'

'تہ پوءِ اوهين مهراڻ سوسائٽيءَ ۾ شاعر وسنت نرمل وٽ وَڃو. هو اوهان کي صبر سان ٻڌندو، ڇو جو اڄا ڪيس ساهتيہ اڪاڊميءَ جو انعام ڪونہ مليو آهي. هوُ يا تہ شعر، جي رچنا ويٺو ڪندو يا پروف ويٺو جاچيندو ۽ سواءِ مشاعرن جي صدر ٿيڻ جي سندس ٻي ڪا ڪرت ڪار ڪانهي.'

بس، اِئين چئي ڊاڪٽر اَرجن شاد گهر جو دروازو بند ڪري ڇڏيو.

شاعر ويڪرام مدمست سهڪندو سهڪندو وسنت نرمل صاحب جي گهر پهتو، جيڪو تازو آل پارٽ سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي پنڇ مڙهي سيمينار ۾ هڪ لاجواب شعر پڙهي سيني جا ٽين ڪڙڪائي آيو هو.

999

چا منهنجي مَنَ ۾ مستي هُئي،
هيءَ جند تہ ڏاڍي سستي هئي،
اي سنڌي! توکي آڇيم پر،
ڪا ڪوڏي تووت دام نہ هوا!
(م پ)